# علم اللغت

(شاه لطيف جي حوالن سان)

ڊاڪٽر آفتاب ابڙو

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو ڪتاب نمبر (345)

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

**علم اللغت** (شاهه لطيف جي حوالن سان)

**تحقيق ۽ ترتيب:** ڊاڪٽر آفتاب ابڙو

**ڇاپو:** پهريون، نومبر 2021ع

**ڪمپوزنگ:** سيد آفاق شاهه

**لي آئوٽ:** محمد رمضان

**ٽائيٽل:** اسد الله ڀٽو

**تعداد:** 500

**قيمت:** -/600 روپيا

**ناشر:** سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد، سنڌ

**Catalogue Reference**
Aftab Abro, Dr
Lexicography
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-625-186-6

# LEXICOGRAPHY

By: Dr. Aftab Abro
Edition: 1st November 2021.
Quantity: 500
Price: Rs: 600/-
Composing: Syed Afaque Shah
Layout: Muhammad Ramzan
Title: Asadullah Bhutto
Published by: Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan.
Tel: 022-9240050-51, 53
E-mail: contact@sindhila.edu.pk
Website: www.sindhila.org
Printed by: M/S Ali Hussnain Process & Printing Services Hyderabad.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هيءُ ڪتاب، شبنم گل، سيڪريٽري، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو ميشرس علي حسنين پروسيس اينڊ پرنٽنگ سروسز حيدرآباد مان ڇپرائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.

# علم اللغت

(شاهہ لطيف جي حوالن سان)

تحقيق ۽ ترتيب

ڊاڪٽر آفتاب ابڙو

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

2021ع

# ارپنا

سنڌ جي مهان مُنتظم، تعليمي ماهر
شاهه لطيف جي فڪر کي اجاگر ڪندڙ
مهربان استاد، پروفيسر محمد سليم ميمڻ جي نالي

-ڊاڪٽر آفتاب ابڙو

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| • ناشر نوٽ | | | 7 |
| • مقدمو | ڊاڪٽر فهميده حسين | | 9 |
| • ٻه اکر ڪتاب بابت | گل محمد عمراڻي | | 24 |
| • پنهنجي پاران | ڊاڪٽر آفتاب ابڙو | | 29 |


## علم لغت


| | | |
|---|---|---|
| 1 علم لغت | Lexicology | 61 |
| 2 علم ڏاتو يا اشتقاق | Etymology | 85 |
| 3 علم لسان | Philology | 101 |
| 4 علم معنيٰ | Semantics | 109 |
| 5 سنڌي ٻوليءَ جون لساني خاصيتون ۽ خوبيون | | 125 |
| • خاصيت اِدغام | Assimilation | 130 |
| • خاصيت اڪرمٽ | Metathesis | 133 |
| • خاصيت بدل | Mutation | 138 |
| • خاصيت حذف | Elision | 153 |
| • آخري حرف ڪيرائڻ | Apocope | 164 |
| • دخيل لفظ | Adopted Words | 172 |
| • اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون | Prefixes & Suffixes | 194 |
| 6 نتيجا | | 202 |
| • ببليوگرافي | | 213 |

# ناشر پاران

'لغت نويسي' هڪ باقاعدي علم آهي، جنهن ۾ ڪن اصولن ۽ قاعدن هيٺ لغتن جي تياري ٿيندي آهي. اهي اصول ۽ قاعدا بين الاقوامي آهن. مختلف ٻولين جي لغتن کي ڏسبو ته اندازو ٿيندو ته لغت سازي جيتوڻيڪ لسانيات جي هڪ شاخ آهي، پر آهستي آهستي ان جا ڪي ڌار قاعدا، اصول ۽ ضابطا به طئي ٿي چڪا آهن، ۽ انهن کي ئي آڏو رکي هڪ مستند ۽ مڪمل لغت تيار ڪري سگهجي ٿي.

سنڌي ٻولي 'لغت نويسيءَ' جي حساب سان شاهوڪار ٻولي آهي. 1853ع ۾، سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربي سنڌي رسم الخط رائج ٿيڻ سان ئي لغتن جي تياري ۽ اشاعت جو سلسلو شروع ٿيو، جيڪو هن وقت تائين هلندڙ آهي. سنڌي– سنڌي توڙي ٻه- ٻوليائي لغتن سان گڏ سنڌ ۾ ڪيترين ئي گهڻ موضوعاتي لغتون به ڇپيل آهن، جن جو تعداد سون ۾ آهي. اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري به هن سلسلي ۾ وڏو ڪم ڪيو آهي. اداري لغتن کي ڪتابي صورتن ۾ ڇاپڻ سميت انهن جون 'اينڊرائيڊ ايپليڪيشنون' پڻ تيار ڪري 'پلي اسٽور' تي رکيون آهن، جن تان هزارين سنڌي ماڻهو فائدو وٺي رهيا آهن.

هيءُ ڪتاب 'علم اللغت' سنڌيءَ ۾ لغت نويسيءَ تي پهريون جامع ڪتاب آهي، ڇاڪاڻ ته هن کان اڳ هن موضوع تي ڪي مقالا ۽ مضمون ته ضرور

ملن ٿا، پر هي پهريون پيرو آهي جو هن علم تي هيءُ باقاعدي ڪتاب ڇپجي پڌرو ٿي رهيو آهي.

ڊاڪٽر آفتاب ابڙو سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو اديب ۽ لسانيات ۽ لغت نويسيءَ جو ماهر آهي. هن محنت ۽ جذبي سان هيءُ ڪتاب لکي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري حوالي ڪيو. مصنف لغت نويسيءَ سان پيدا ٿيل دلچسپي ۽ حوصلا افزائي لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جا خط ۽ حوالا بہ پنهنجي مهاڳ ۾ ڏنا آهن. جنهن مان پتو پوي ٿو تہ لغت جي ماهرن سان پاڻ عقيدت جا ڪيئن نہ پير پاتا اٿس. هن ڪتاب جي اهميت کي محسوس ڪندي اداري جي اشاعتي ڪميٽيءَ ان کي بنا دير منظور ڪندي، ڇپائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اڄ هيءُ ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي. لغت نويسيءَ جي موضوع تي هن قسم جي ڪتاب لکڻ تي ڊاڪٽر آفتاب ابڙي کي مبارڪون ڏجن ٿيون ۽ اميد ڪجي ٿي تہ هو سنڌي ٻولي ۽ ان سان لاڳاپيل موضوعن تي پنهنجي علمي استعداد کان سنڌ جي ماڻهن کي روشناس ڪرائيندو رهندو.

ڊاڪٽر محمد علي مانجهي
چيئرمئن

01 آڪٽوبر، 2021ع
حيدرآباد سنڌ

# مقدمو

ڊاڪٽر آفتاب ابڙي جو هيءُ ڪتاب لغتداني ۽ لغت سازيءَ جي هنر کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ڏس ۾ هڪ اهم ڪتاب آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ان موضوع تي ڪو باقاعدي ڪتاب موجود ڪونهي، سواءِ ڪجهه مضمونن يا مقالن ۽ مختلف لغتن جي مهاڳن يا مقدمن جي، جن ۾ ٻه گهڻو ڪري لغت سازيءَ جي تاريخ بيان ڪئي وئي آهي. انهن ۾ ڪن يونان کان ابتدا ڏيکاري آهي ته ڪن عربي ۽ ڪن وري سنسڪرت ۾ ان هنر جي ارتقاءِ تي روشني وڌي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ اهو هنر صرف ڏيڍ ٻه سئو سال اڳ کان نظر اچي ٿو ان ڪري ان کي ٿورن لفظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي، پر ٿي سگهي ٿو ابوالحسن ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي دور ۾، مدرسن ۾، سنڌيءَ ۾ مذهبي تعليم ڏيڻ دوران ڪي ڏکين لفظن جون لڙهيون تيار ڪيون ويون هجن، جن جون معنائون يا مترادف ڄاڻڻ شاگردن جي لاءِ ضروري هجن (۽ اهڙو امڪان ٻه آهي) پر جيئن ذڪر ڪيل مٿين عالمن ۽ ٻين جا ڪتاب (مقدمہ الصلوات 1700ع وغيره) محفوظ رهجي ويا تيئن اهڙو ڪو ڪتاب دستياب ٿي نہ سگهيو آهي. ان ڪري سنڌيءَ ۾ لغت سازيءَ جي ابتدا اوڻيهين صديءَ کان ڳڻپ ۾ اچي ٿي.

موجوده دور ۾ لغت جو علم (Lexicology) علم لسانيات (Linguistics) جي هڪ شاخ آهي، جنهن ۾ لغت سازي (Lexicography) هڪ مضمون طور شامل آهي. لسانيات يا ٻوليءَ جي علم جون گهڻيون شاخون آهن، جن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ ان علم جا ماهر 'ٻولي' جي هڪ ٻنهہ مختصر ۽ جامع وصف ڪندا آهن، سا اها تہ: "ٻولي پاڻمرادو اختيار ڪيل آوازي

علامتن جي تنظيم آهي." انهي وصف جي وضاحت ڪرڻ سان ٻوليءَ کي جوڙيندڙ سمورا عنصر سمجھ ۾ اچي وڃن ٿا. اچو تہ ان وصف جي اکيل ڪري ڏسون:

* پاڻمرادو۔ خودبخود. بنا ڪنهن شعوري ڪوشش جي پنهنجي آواز پيدا ڪندڙ عضون جي مدد سان ابتدائي انسان آواز ڪرڻ شروع ڪيا. انهن بنيادي قدرتي آوازن جي باري ۾ ڄاڻڻ واري علم کي 'علم صوت' يا 'علم آواز' (Phonetics) چيو وڃي ٿو. انهن آوازن جي مخصوص ترڪيب ۽ ترتيب بابت ڄاڻ يا علم کي علم صوتيات (Phonology) چئجي ٿو جنهن جي ذريعي لفظن جي ٺهڻ ۾ انهن آوازن جي ٻيهڪ واري جاءِ، ترتيب ۽ نموني (pattern) جو اڀياس ڪبو آهي (جيڪي هر ٻوليءَ ۾ مختلف هوندا آهن). جنهن جو ننڍي ۾ ننڍو جزو صوتيو (phoneme) سڏبو آهي، جنهن جي تبديليءَ سان ڪنهن بہ لفظ جي معنيٰ ۾ تبديلي اچي ٿي.

لسانيات جي هڪ استاد انهن ٻنهي ۾ فرق بابت لکيو آهي تہ اسان جا ڪَن جيڪي آواز يا صوت (Phones) ٻڌن ۽ سڃاڻن ٿا، انهن بابت ڄاڻ کي علم صوت (Phonetics) چئجي ٿو پر جڏهن انسان جو دماغ انهن آوازن جي ترتيب ۽ تنظيم موجب انهن کي چونڊي ڌار ڪري ٿو ۽ سڃاڻڻ جي عمل (Cognitive Process) مان گذري ٿو تہ ان بابت ڄاڻڻ جي علم کي صوتيات (Phonology) چئجي ٿو. معنيٰ تہ فونيٽڪس لساني آوازن بابت آهي ۽ فونالاجي، ٻوليءَ جي انهن آوازن جي ترتيب بابت آهي، جيڪي علامتن طور استعمال ٿين ٿا.

- آوازن جي ترتيب سان ٺهيل ايڪا "لفظ" سڏجن ٿا، جيڪي دراصل ڪنهن نہ ڪنهن خيال جي علامت هوندا آهن. انهن علامتن اندر موجود خيال يا تصور تائين پهچڻ جي علم کي معنويات (Semantics) چئبو آهي. جيڪڏهن ڳالهايل لفظ ڪنهن خيال جي علامت آهي تہ ائين چئي سگهجي ٿو تہ لفظ خيال جو لباس آهي. جنهن جون مختلف شڪليون، ڌار ڌار نمونا ۽

ترڪيبون آهن، جن مان ڪن جي دائمي صورت هوندي آهي ته ڪي وري وقت جي رواج (Fashion) موجب بدلجندا رهندا آهن، جنهن جو سبب سماجي، ثقافتي، معاشي يا انفرادي تجربا ٿي سگهن ٿا. نتيجي طور وقت گذرڻ سان جيئن رواج بدلبا آهن، تيئن لفظن ۾ به تبديليون ايندڀون آهن. ڪي لفظ متروڪ ٿي ويندا آهن، ڪن جون معنائون بدلجي وينديون آهن ته ڪيترا نوان لفظ ايجاد به ٿيندا آهن يا اڌارا ورتا ويندا آهن.

هر لفظ جو بنيادي خيال اهم هوندو آهي ۽ ان جو ثقافتي پسمنظر به هوندو آهي، جي اهو پسمنظر نه رهي ته اهو لفظ به استعمال ۾ نه رهندو. يا جيڪڏهن رهندو به ته بس ڪن تاريخي واقعن، پهاڪن يا چوڻين ۾ ڪڏهن ڪڏهن پڙهبو. پر آهستي آهستي نئون نسل ان کان بنهه اڻواقف بڻجي ويندو. مثال طور لفظ "دانگي" آهي. هاڻي جيئن ته دانگيءَ جي جاءِ تي "تئو" اچي ويو آهي ته اهو لفظ عام گفتگوءَ مان نڪري ويو آهي، صرف ڪي وڏي عمر جا ماڻهو ڪن خاص موقعن تي استعمال ڪندا آهن. جيئن: "رت دانگيءَ تي به وري پوندو آهي" يا "فلاڻي جي منهن تي دانگي گهمي پئي آهي". اهي ٻول به نئين نسل لاءِ اوپرا آهن. وقت گذرڻ سان ۽ ٻين ٻولين سان گهڻي لهه وچڙ جي ڪري اهڙين لفظ گم به ٿي ويندا آهن ته ڦري به ويندا آهن. جيئن "ڇنبو- ڇنجو"، "ڇنبڙ- ڇنجر" يا مرڳو ٺي معنيٰ ۾ تبديلي اچي ويندي آهي جيئن "ارمان= ڏک"، "ارمان= خواهش"، "ارمان= افسوس"، "انجام= وعدو"، "انجام= پڄاڻي" وغيره. سنڌيءَ ۾ اڌارن ورتل لفظن (Loan Words) ۾ گلاس، اسٽيشن (ٽيشڻ)، اسڪول، اسپتال وغيره شامل آهن. جيڪڏهن اهڙيءَ ريت لفظن جي نڪرڻ يا متروڪ ٿيڻ، داخل ٿيڻ يا تبديل ٿيڻ جو عمل فطري هوندو ته اهڙي ٻوليءَ کي آزاد ۽ خودمختيار ٻوليءَ جو درجو ڏيندا آهن ۽ ان کي وهندڙ درياهه سان تشبيهه ڏيندا آهن. باقي زوري ٽنبيل يا گهڙيل لفظ اول ته جاءِ ڪو نه وٺندا، پر جي قبول پئجي به ويا ته

اهي ان ٻوليءَ جي مزاج مطابق شڪل ڦيرائي ٻنهه مختلف ٿي ويندا جيئن Hinges مان انجيس يا Cupboard مان ڪبٽ وغيره. پوءِ ان تي گرامر جا اصول بہ سنڌيءَ وارا لاڳو ٿيندا (مذڪر مؤنث، جمع واحد وغيره).

آزاد ۽ خودمختيار ٻوليون، لفظ وٺنديون، ڇنڊينديون ۽ بدلائينديون رهنديون آهن. پر بنيادي لفظ ۽ انهن سان لاڳو قاعدا ساڳيا رهندا آهن. ڇو تہ انهن جو بنيادي ڪارج ڪونہ بدلبو آهي ۽ اهي گهريلو، سماجي، ثقافتي، سياسي، ڪاروباري يا ڪمرشل، معاشي، مذهبي، اخلاقي، علمي، ادبي ۽ عملي (Functional) ڪارج سر ڪندا رهندا آهن ۽ انهن موضوعن (Topics) ۽ مضمونن (Subjects) بابت ڪتابن، پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي وسيلن ۾ واهپي يا استعمال ۾ رهندا آهن. ٿي سگهي ٿو تہ انهن مان ڪن جو استعمال گهٽو تہ ڪن جو گهٽ هجي، سو انهن مان ڪي گهڻ استعمالي (High Frequency) هوندا آهن تہ ڪي گهٽ استعمال ۽ ڪنهن وقت وري گهٽو اثرائتو (Effective) ڪردار ادا ڪندا آهن. ڪي لفظ تمام اهم هوندا آهن تہ ڪي وري مخصوص معنائون رکندڙ هوندا آهن، جن جا متبادل اوتري تز معنيٰ ڪو نہ ڏيندا آهن، جيئن "ٽڳائڻ"= ڪَسڻ، ڪِسڪائڻ، گم ڪرڻ، ڪٽي وڃڻ مان ڪا بہ معنيٰ مڪمل مفهوم ادا نٿي ڪري.

ڪي ڪي لفظ مخصوص شعبن يا ڌنڌن پيشن سان لاڳاپيل هوندا آهن، جن ۾ وقت سان ساڳيو ترڪ ۽ تبديل ٿيڻ جو عمل جاري رهندو آهي. مشينن جي ايجاد کانپوءِ ڪيتريءَ جا اوزار لوهارڪا وڪر تبديل ٿيندا وڃن تہ ڪيترائي لفظ گم ٿيندا وڃن ۽ نوان لفظ ۽ اصطلاح انهن جي جاءِ وٺندا وڃن.

سنڌ ۾ عربن ۽ پوءِ ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي دور ۾ عربي- فارسي لفظ متعارف ٿيا، ان کان اڳ سنسڪرت ۽ هنديءَ جا لفظ پيا استعمال ٿيندا هئا. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ اردوءَ جي وڌندڙ اثر کي محسوس ڪيو ويو پر هاڻي گلوبلائيزيشن يا عالمگيريت جي ڪري سنڌيءَ سان گڏ خود اردوءَ وارا بہ انگريزيءَ جي اٿل کان خطرو محسوس ڪري رهيا آهن، پر اها تبديلي اڻ ٽر آهي ۽ ان کي بند ٻڌڻ جون ڪوششون سوچي سمجهي ڪرڻ گهرجن.

پنهنجي ٻوليءَ جي مروج لفظن کي محفوظ ڪرڻ ضروري آهي، ان لاءِ لغتون ۽ لفظن جون فهرستون جوڙڻ بہ گهرجن پر نون ايندڙ لفظن ۽ اصطلاحن کي روڪڻ يا متبادل ڳولڻ وقت جو زيان آهي. دنيا جي ڪيترن لسانيات جي ماهرن جو خيال آهي تہ موضوعاتي اصطلاحن (Terminology) جو ترجمو ڪرڻ يا انهن جا متبادل ڳولڻ وقت ۽ قوت زيان ڪرڻ برابر ٿيندو جيڪا شيءِ جنهن ملڪ ايجاد ڪئي آهي ۽ ان جو نالو بہ پنهنجي ٻوليءَ ۾ رکيو آهي. ان کي اسم خاص (Proper Noun) سمجهي قبول ڪرڻ گهرجن ۽ ان جو ترجمو ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي، جيئن ڪمپيوٽر، ڪئميرا، فرج، ٽيليفون، ٽيليويزن، ريڊيو فلاپي، سي ڊي، يو ايس بي وغيره ۽ ٽيڪنالاجيءَ سان سلهاڙيل ٻيا ڪيترا اصطلاح آهن. اهي انهن شين جي ايجاد ڪرڻ وارن جا رکيل نالا آهن. انهن کي انهن ئي نالن سان سڏڻو پوندو. جيئن ڪنهن Wood.Mr کي اسين "ڪاٺ" يا "جهنگ" نٿا سڏي سگهون. "آفتاب ابڙي" تي سندس مائٽن جيڪو نالو رکيو آهي. بدلائي ان کي 'سج ابڙو' ۽ "ماهتاب محبوب" کي 'چنڊ پرين' نٿا چئي سگهون، تيئن ٽيڪنيڪل ۽ ٽيڪنالاجيڪل اصطلاحن جا متبادل ۽ مترادف بہ نٿا ٺهن. ان ڏس ۾ اردو زبان جي هڪ عالم شان الحق حقيءَ ڪٿي لکيو آهي تہ "اصطلاحن جي ترجمي وارا ڪتاب لفظن جو قبرستان هوندا آهن". ٻي ڳالهہ تہ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ميدان ۾ ايتريون تڪڙيون تبديليون ٿي رهيون آهن جو انهن کي قبول ڪرڻ ۽ سمجهڻ تي پنهنجون توانايون صرف ڪرڻ بدران ويهي متبادل ڳولهجن اها عقلمندي ڪانهي. ها انهيءَ شعبي يا مضمون جا ماهر پاڻ سمجهي ٻين کي خاص ڪري شاگردن کي خيال ۽ تصور پنهنجي ٻوليءَ ۾ سمجهائي سگهن ٿا پر اصطلاحن کي نالن وانگر استعمال ڪرڻو پوندو.

سنڌ ۾ اڄڪلهہ نئين هوا هلي آهي تہ گلاس، اسٽيشن (ٽيشڻ) ڪوپ ساسر، انجڻ، مشين (سلائي مشين!) وغيره جا متبادل لفظ يا قديم لفظ ڳولهي ڪڍجن ۽ اهي ٻيهر مستعمل ڪجن. (انهن لاءِ قديم لفظ ٿي نٿا سگهن جو

اهي ان وقت هٿا ٿي ڪونہ. پاڻ ايجادون ڪريو ۽ نالا رکو). خودمختيار ۽ آزاد ٻولين ۾ ائين ڪرڻ تقريباً ناممڪن هوندو آهي. هر لفظ جو پنهنجو هڪ پسمنظر هوندو آهي. ان ڪري جيئن جو تيئن قبول ڪرڻ ئي بهتر آهي. (ها جيڪي اڳئي مروج لفظ آهن. انهن کي بچائڻ جي ڪوشش ضرور ڪرڻ گهرجي). ٻي صورت ۾ اردوءَ وانگر انگريزيءَ جا ڏکيا لفظ ڪيڏي عربيءَ جا اجا بہ ڏکيا ابوالقوڙاٽ لفظ ٺنبڻ واري روايت تي هلڻو پوندو. جيئن انگي حساب ۾ LCM يعني (Lower Common Multiple) کي "ذواضعف اڪل" ٿا چون. جنهن کي اسان جا پراڻا استاد "ننڍي عام پيچ اپت" چوندا هٿا.

بهرحال لفظن جي ٺهڻ، جوڙجڪ ۽ ان عمل جي قاعدن قانونن جي علم کي علم صرف (Morphology) چيو وڃي ٿو. ڪي بنيادي لفظ مفرد سادا هوندا آهن، ڪي مرڪب تہ ڪي پيچيده_ لفظ جي ڌاتوءَ مادي يا بنياد مان ڦيرن(Inflection) ذريعي ۽ حالتن موجب ٿيندڙ ڦيرن گهيرين مان ٺهندڙ لفظن ۽ هڪ لفظ مان ٻئي لفظ جي نڪرڻ (Derivation) جي عمل جو اڀياس بہ علم صرف ذريعي ڪبو آهي. اڳياڙين_ پڇاڙين جو نظام بہ ان علم جي دائري ۾ اچي ٿو.

ڪنهن بہ ٻوليءَ جي تحفظ لاءِ ضروري آهي تہ لفظن جا جيڪي بنياد هجن، انهن کي رڪارڊ ڪجي. بنيادي لفظ جي فاعلي، مفعولي، جري، عددي (واحد_ جمع) صنفي (مذڪر_ مؤنث) حالتن ۾ ڦيرن سان ٺهندڙ صورت جي اهميت هوندي آهي. جيڪڏهن ڪو فعل آهي تہ مصدر مان امر ۽ پوءِ فعل جا مختلف قسم ۽ صيغا متعدي (Transitive) لازمي (Intransitive)، باقاعدي (Regular) يا بيقاعدي (Irregular) قسم ٺهن ٿا يا وري معروف (Active Voice) ۽ مجهول (Passive Voice) صيغا وغيره وجود ۾ اچن ٿا. مٿي ذڪر ڪيل حالتن ۾ زمانن (حال، ماضي، مستقبل ۽ انهن جا قسم جاري يا استمراري، مدامي، قريب، بعيد وغيره) ۾ فعلن جا ڦيرا (Conjugation) پڻ ٿين ٿا. مختلف لفظن جون سموريون صورتون ۽ اسم جا، صفتن، ظرفن وغيره جا ڦيرا ( Declension and

Inflection) سڀ اهم هوندا آهن. جيڪي هر ٻوليءَ ۾ پنهنجي ڌار سڃاڻپ رکندا آهن. ان کان سواءِ معاون فعل آهن: هو هئا، هوندو هوندا، ٿو ٿي، ٿا، ٿيون، پيو پئي، پيا، پيون وغيره ۽ انهن جو مکيه فعلن سان جنس ۽ عدد موجب ٺهڻ جو عمل پڻ 'علم صرف' جي ذريعي سمجهي سگهجي ٿو.

پر انهن سمورن لفظن مان گفتگوءَ جو هڪ ايڪو هڪ جملو ٺاهڻ لاءِ انهن جي جملي ۾ جيڪا بيهڪ يا جاءِ هوندي آهي يا ڪارج هوندو آهي. ان موجب انهن تي نالا رکيل هوندا آهن. هر هڪ کي ڳالهائڻ جو جزو (Part of Speech) هئڻ ناتي نالو ڏنل هوندو آهي. اسم ضمير، فعل، صفت، ظرف، حرف جر، حرف جملو حرف ندا وغيره جيڪي مختلف زمانن ۾ حالتن موجب ڦيرا کائيندا آهن. انهي ۽ سموري عمل ۾ لفظن جي جملي ۾ حيثيت ۽ ڪردار جي ڄاڻ جي علم کي وري علم نحو/ نحويات (Syntax) چئبو آهي.

هاڻي ڏٺو وڃي ته انهن سمورن پهلوئن جو لغت سازيءَ جي هنر سان ڪهڙو ۽ ڪيترو تعلق آهي ۽ هڪ لغت ساز لاءِ انهن بابت ڄاڻ ڪيترو ضروري آهي.

جنهن وقت لغت جوڙيندڙ هڪ لفظ کڻي، ان کي لغت ۾ داخل ڪري ٿو ته هن کي ان ۾ موجود آوازن/ اکرن ۽ انهن جي اچارن لاءِ مقرر حروف صحيح ۽ حروف علت ۽ اعرابن موجب ترتيبوار رکڻو پوندو ان لفظ جي بنيادي يا مکيه مفرد صورت کي سڃاڻڻو پوندو ان کانپوءِ ان مان ٺهندڙ ٻيا ثانوي (Secondary) لفظ ۽ انهن جا مختلف حالتن (Cases) ۾ گردان، ڦيرا ۽ تبديليون وغيره به لکڻا پوندا، جملي ۾ لفظ جي حيثيت (Position) ۽ نحوي حالت جي به خاطري ڪرڻي پوندي. ساڳيو لفظ پنهنجي پوزيشن ۽ بيهڪ جي جاءِ ۽ ڪارج سبب مختلف جزو به ٿي سگهي ٿو مثلاً "ڇوڪرو تکو ڊوڙي ٿو". لفظ "تکو" هن جملي ۾ ظرف آهي ۽ فعل سان لڳي ٿو "هيءُ هڪ تکو گهوڙو آهي" ۾ هي ساڳيو لفظ صفت آهي، جيڪو اسم سان لڳي ٿو.

فعلن جي معاملي ۾ تمام خبرداريءَ سان ڦيرا سمجهڻا پوندا. فعل

متعديءَ جو ڦيرو، فعل لازميءَ جي ڦيري کان بلڪل جدا ٿيندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ان جي اهميت کي ڏسندي انگريزي ڊڪشنرين ۾ لفظ (فعل) ڏيڻ کانپوءِ پهرين اکر v.int ۽ v.t لکيل ملندا آهن، جيڪي مخفف آهن Verb transitive and verb intransitive جا. ساڳيءَ ريت باقاعدي ۽ بي قاعدي فعلن جا لفظ مختلف انداز ۾ بيا لفظ جوڙيندا آهن. مثال:

"ڀڄڻ" مصدر مان "ڀڄُ" امر نهي ٿو ماضيءَ ۾ "ڀڳو" (ج ڙري ڳ ٿي)

"ڀڃڻ" مصدر مان "ڀڃُ" امر نهيو پر ماضيءَ ۾ "ڀڳو" (ج جي بدران ن)

"ڀڃڻ" مصدر مان "ڀڃ" امر نهيو پر ماضيءَ ۾ "ڀڳو" (ج مان مان ڳ)

"سڃڻ" مصدر مان "سڃ" امر ٿيو پر ماضيءَ ۾ "سڃيو" (ج تبديل ڪا نہ ٿي)

"وڃڻ" مان "وڃ" ماضيءَ ۾ ويو (ج جو 'ي' ۾ تبديل ٿيڻ)

سو چئبو تہ لغت جوڙڻ واري کي لفظ جي صرفي ۽ نحوي جوڙجڪ، بيهڪ ۽ ڦيرن جي خبر هئڻ بہ لازمي آهي.

هاڻي اچون ٿا معنويت يا معنيات (Semantics) ڏانهن، جيڪو لغت جو اهم بنيادي مقصد آهي. ان جي هڪ شاخ اهڃاڻن(Symbols) بابت (Semiotics) بہ آهي. ڪنهن بہ سٺي لغت ۾ لفظن جا مطلب (Denotations) ، لاڳاپيل مفهوم (Connotations)، استعمال ۽ اطلاق جي حد يا دائرو (Range of Application) ۽ ان ريت لغوي لفظي معنيٰ يا اصطلاحي معنيٰ، سماج ۾ مروج مفهوم ٿيندا آهن- لفظ جو استعمال يا اطلاق ڪٿي ٿي سگهي ٿو يا ڪٿي نٿو ٿي سگهي، اهو ان مان معلوم ٿيندو آهي.

مثال طور هڪ لفظ آهي "مرڻ" جنهن جو مطلب آهي: جسماني طرح ساهہ بند ٿيڻ- ظاهر آهي تہ اهو انسان توڙي هر ساهواري سان لاڳو ٿيندو. ان جي لاءِ ٻيا مروج مطلب آهن: "انتقال ڪرڻ يا ٿيڻ" "گذاري وڃڻ"، "وفات ڪري وڃڻ"، "وصال ٿيڻ"، "رحلت ڪري وڃڻ"، "وفات ڪرڻ"، "پيالو ڪرڻ" "جان بحق ٿيڻ"- "شهيد ٿيڻ" انهن سڀني جو مفهوم آهي: "موت اچڻ". پر ڇا اهي لفظ يا فقرا هڪ ٻئي جا متبادل يا مترادف چئي سگهجن

ڏاڍ سماج ۾ هڪ جي جاءِ تي پيو استعمال ڪري سگهجي ٿو؟

- وڏائي جو ڳڏهہ مري ويو يا گهٽيءَ ۾ ڪتو مئو پيو آهي.
- فلاڻو ماڻهو ڪالهہ مري ويو گهٽيءَ ۾ هڪڙو ماڻهو مئو پيو هو.
- پر ڇا ڪنهن دوست، مِٽ مائٽ يا ڪنهن احترام لائق شخص لاءِ ائين چوڻ مناسب سمجهيو ويندو؟ ان جي بدران چئبو تہ:
- منهنجو دوست گذاري ويو. يا ڪالهہ منهنجو فلاڻو مائٽ گذاري ويو.
- منهنجي اسڪول جي استاد جو انتقال ٿي ويو آهي يا وفات ڪري ويو آهي
- جانور جي مرڻ کي گذاري وڃڻ وفات ڪري وڃڻ يا فوت ٿي وڃڻ نٿو چئي سگهجي.
- وري اڃا پيا مفهوم ڏسو:
- شاهہ لطيف فلاڻي سال رحلت ڪئي.
- سندن وصال صفر جي مهيني ۾ ٿيو.
- اهي پئي لفظ ڪنهن عام ماڻهوءَ جي مرڻ وقت ڪو نہ چئبا، صرف اهڙين شخصيتن لاءِ چئبا، جيڪي موت کي محبوب حقيقيءَ سان وصال (ملڻ) جو ذريعو سمجهندا هجن.
- بم ڌماڪي ۾ سئو کان وڌيڪ ماڻهو جان بحق ٿيا. (پنهنجي ملڪ جي ماڻهن لاءِ ميڊيا ۾ چون)
- ڀارت ۾ دهشتگرد حملي ۾ سئو کان وڌيڪ ماڻهو مارجي ويا (دشمن يا ڌارئين ملڪ لاءِ چون)
- سرحد تي ٻرون حملي ۾ هيترا فوجي شهيد ٿي ويا (شهيد ٿيڻ جو اصطلاح عام موت کان مختلف معني رکي ٿو)

هاڻي ڏٺو وڃي تہ هڪ سادي حقيقت "موت" (جسماني طور ساهہ بند ٿي وڃڻ) جي لاءِ ڪيتريون لغوي، اصطلاحي، سماجي ۽ علامتي معناڻون موجود آهن، ان ڪري ڪنهن بہ ٻولي لغت ۾ لغوي يا لفظي معنائن سان گڏ اهڙا مفهوم بہ سمجهائڻا پوندا آهن، جن جو اطلاق مختلف موقعن (Situations) ۽ حالتن موجب ڪيو ويندو آهي.

ماضيءَ ۾ جڙيل اڪثر لغتن ۾ لفظ جي معنيٰ جي جاءِ تي متبادل يا مترادف لفظ ڏيڻ جو رواج هوندو هو جنهن کي جديد دور ۾ ايترو پسند نٿو ڪيو وڃي، ٻن ٻولين واري لغت ۾ بيشڪ متبادل ۽ مترادف جائز ٿا سمجهن، پر هڪ ئي ٻوليءَ جي لغت ۾ نـٿا

لفظ جي لغت ۾ داخلا جو مطلب ان جي سمجهاڻي ڏيڻ، تشريح هئڻ گهرجي. معنائن بدران صرف متبادل ۽ مترادف توڙي ضد ڪوشن (Thesaurus) ۾ ڏنا آهن، البت ماهر سمجهاڻيءَ کانپوءِ مترادف ڏيڻ ۾ ڪو حرج ڪونہ ٿا سمجهن.

مثال طور "پير" لفظ ڏسو. ان جي معنيٰ انسان يا جانور جي ٽنگهہ جو آخري حصو جنهن کي زمين تي رکي هلي ٿو- پگهہ "چاٻي" تالي کي کولڻ لاءِ ڌاتوءَ جو ٺهيل هڪ اوزار- ڪنجي.

لغت ۾ لفظن کانسواءِ پهاڪا، چوڻيون، ضرب المثل، اصطلاح ۽ ورجيسون وغيره بہ سمجهاڻا پوندا آهن. ڪنهن بہ مکيہ لفظ جي داخلا کانپوءِ ان جي وياڪرڻي حيثيت، معنيٰ ۽ ان مان نڪرندڙ لفظن کانسواءِ ان جي اصطلاحن، پهاڪن چوڻين ۾ استعمال کي بيان ڪري تشريح يا سمجهاڻي ڏيڻ بہ لغتدان جو ڪم آهي.

لفظ جي صورتخطي، لکڻ جي اها صورت آهي، جيڪا اڪثر ڪري مقرر هوندي آهي. اسان جي شاگردن کي لپي، لکت (Script) الفابيٽ يا الف ب جي پٽي (صحيح ترتيب (Order) سان) ۽ صورتخطي ۽ هِجي (Orthography and Spelling) جي اصطلاحن ۾ اڪثر مونجهارو ٿيندو آهي، پر هڪ لغت جوڙيندڙ کي ان بابت چڱيءَ طرح معلوم هئڻ گهرجي. دنيا جي هر ٻوليءَ وانگر سنڌي ٻوليءَ جي بہ هڪ معياري صورتخطي مقرر آهي، جنهن موجب ٻوليءَ جا ماهر لفظن جي املا يا هِجي مقرر ڪندا آهن. لغت نويس ڪنهن گهربل لهجي يا سمورن لهجن ۾ مروج لفظ ڏيئي سگهي ٿو پر دنيا ۾ لسانيات جا ماهر لغتدان معياري لهجي جي لفظ جي لکڻ جي صورت يا هِجي کي ترجيح ڏيندا آهن. ترقي يافتہ ٻولين ۾ لسانيات جا ماهر

هر هڪ لفظ جي مقرر صورت کي اهميت ڏيندا آهن. سنڌيءَ ۾ ڪيترائي اهڙا لفظ آهن. جن کي مختلف ماڻهو مختلف انداز ۾ يعني جدا جدا هِجي (Spelling) سان لکندا آهن. مثلاً: پنوهر- پنهور- پهنور، پنور- پنئور- پئنور- پئونر- ڪنئار- ڪنوار، ماڻهو- ماڻهون، آئون- آءٌ، اجا- اڃان، پيسا- پئسا، بينڪ- بئنڪ، گيس- گئس وغيره ضروري آهي ته ماهرن جي ڪميٽي ڪا هڪ صورتخطي مقرر ڪري باقي لفظن کي لغتن مان خارج ڪري ڇڏجي. (اهڙي ڪوشش اٿارٽيءَ طرفان ڪئي وئي هئي ۽ هڪ سيمينار پڻ ڪوٺايو ويو هو پر ڪو به گڏيل فيصلو نه ٿي سگهيو. اڪثر عالمن جو رايو اهو هو ته لغت ۾ صرف هڪ صورت ڏيڻ سان ڪتابن ۾ موجود ٻين صورتن بابت ماڻهن جي رهنمائي ٿي ڪا نه سگهندي).

بهرحال انگريزي ٻوليءَ جي ڊڪشنرين کي لفظ جي صحيح صورتخطي ڏسڻ لاءِ پڻ استعمال ڪيو ويندو آهي پر سنڌي جي لغتن ۾ بنا ڪنهن وضاحت جي سمورين صورتون پنهنجي پنهنجي اکرن جي ترتيب موجب مختلف جاين تي ڏنل ملنديون (جڏهن ته مقرر صورت کي مکيه لفظ طور ڏئي ڏنگين ۾ باقي صورتن بابت وضاحت ڪري سگهجي ٿي)- اهڙا ڪيئي حل طلب مسئلا لغت ذريعي حل ڪري سگهجن ٿا.

* هاڻي آخر ۾ اچون ٿا علم اشتقاق (Etymology) تي:

انگريزي ڊڪشنرين ۾ سڀ لغتدان هڪ ڳالهه تي متفق آهن ته ڪنهن به لفظ جي داخلا ۾ سڀ کان آخر ۾ ان جو اصل ماخذ، پڻ بنياد ۽ تاريخي ارتقاءَ جاچائجي، ان ڪري ڏنو ويو آهي ته آخر ۾ جرمنڪ، يوناني، لاطيني يا اينگلو سيڪسن بنيادن بابت جاچ ايل هوندو آهي. ان مان نه صرف لفظ جي سڃاڻپ ٿئي ٿي پر ان جي انگريزيءَ ۾ اچڻ کان اڳ مروج صورتخطين (Spelling) ۽ معنائن بابت به معلوم ٿئي ٿو بلڪل ساڳيءَ طرح سنڌيءَ جي عالمن به ڪوششون ڪيون آهن پر اهي سنڌيءَ جي پڻ بنياد بابت موجود مختلف مفروضن جي بنياد تي منجهيل رهيا آهن. ڪن عالمن لفظن جا بنياد ۽ اشتقاق سنسڪرت مان ڳوليا آهن ۽ ڪنهن نه ڪنهن ريت ڇڪي تاڻي

لفظي هڪجهڙاين مان ويهي انومان ڪيا آهن. جيڪڏهن ٻن لفظن ۾ گهڻي مماثلت ملي اٿن ته نتيجو اهو ڪڍيو اٿن ته اهو لفظ تتسم (ساڳيو سنسڪرت جو) ذريعي سنڌيءَ ۾ آيو هوندو پر جي لفظ ۾ ٿوري گهڻي تبديلي محسوس ڪئي اٿن ته ان کي تدڀوءِ (سنسڪرت مان ڦريل) ڄاڻائي وري به ماٺتي پڪي ڪئي اٿن. پر جيڪڏهن لفظ جي سنسڪرت سان ڪا ٻ هڪجهڙائي نٿي ملي ته پوءِ ان کي "ديسي" چيو اٿن. اها نياڳي الائجي سياڳي ديسي ٻولي نه ڄاڻ ڪيتري سخت جان هئي جو دنيا ۾ سڀ کان سگهاري سمجهي ويندڙ قوم آرين جي سڀ کان سڌريل سنواريل پوتر ٻوليءَ سنسڪرت کان لڪي ڇپي ڪي پنهنجا لفظ سانڍي سگهي هوندي، پوءِ به ڪير اهو مڃڻ لاءِ تيار ڪو نه ٿيو ته اها هتان جي اصلوڪي (Indigenous) ٻولي آخر وئي ڪيڏانهن! ڇا ان جا ڳالهائيندڙ سمورا ماڻهو مري کپي ويا ۽ ٻاهران آيل ماڻهن سندن زبانون ڪٽي ڇڏيون. ڊاڪٽر ٽرمپ پنهنجي سنڌي گرامر جي ڪتاب ۾ ان ديسي ٻوليءَ بابت گهڻا اشارا ڏنا آهن.

ٻئي طرف گذريل پندرنهن سو سال اڳ هن خطي ۾ آيل عربن جي ٻوليءَ پاران به تقريباً ساڳيو سلوڪ ڪيو ٿو ڀانئجي. ان کانپوءِ ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي ٻولي فارسيءَ به ساڳيو ئي رويو اختيار ڪيو پر هيءَ آرين کان اڳ جي هن ڌرتيءَ جي نٽر ٻولي پوءِ به ساهه کڻندي رهي آهي. ڏاريا ته ڏاريا پر پنهنجن عالمن به سنڌي ٻوليءَ جي ڪيترين ئي لفظن کي عربي-فارسيءَ مان آيل ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان کي پنهنجي مقدس لساني گروهه سان سلهاڙڻ جي ذريعي تقدس ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. نيتون ٻنهي گروهن جون پاڪ هيون، سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي پنهنجي الهامي ٻوليءَ سان ڳنڍڻ ذريعي هنن ان کي به محترم بنائڻ ٿي چاهيو. جنهن کي هڪ ٽيون گروهه آسمان مان لاهي ڌرتيءَ جي زبان ثابت ڪرڻ لاءِ سندرو ٻڌي بيٺو ۽ اهي اهڙا نٽر ۽ پڪا هئا جو نيٺ اڳين کي سندن ڳالهه کي قبول ڪرڻو ئي پيو.

سو هاڻي سنڌي لغت جوڙڻ وارن لغتدانن کي سوچي سمجهي اشتقاق

ڪيڙا پوندا. مٿي ذڪر ڪيل منهنجي بيان جي ثابتيءَ ۾ سنڌي لغت مان نہ پر هڪ اردو لغت "نوراللغات" مان هڪ لفظ جي بنياد بابت مثال ڏيڻ ڪافي ٿيندو.

عربي زبان ۾ "علم هندسہ" حسابي علم يا ميٿميٽڪس کي چئبو آهي ۽ "هندسہ" اردو توڙي عربيءَ ۾ انگن کي چوندا آهن. البيرونيءَ ۾ ٻين کن عرب عالمن ان جو ڪارڻ اهو لکيو آهي تہ ڇاڪاڻ جو اهو علم "هند" کان آيل هو ان ڪري ان کي اهو نالو ڏنو ۽ "هندسہ" مان مراد "هند" مان يا "هند" جو آهي. (ياد رهي تہ هند تي اهو نالو سنڌ تان پيو آهي جيئن انڊس مان انڊيا ٿيو). انهيءَ لفظ مان "المهندس" لفظ ٺهيو جنهن جي معنيٰ آهي حسابي علم جو ماهر يا "هندسہ دان". خاص ڪري جاميٽريءَ جو ماهر۔ هاڻي نوراللغات ۾ لکيل آهي تہ اهو فارسي لفظ "اندازه" جو معرب (عربيءَ ۾ بدلايل) لفظ آهي. اهڙي ساڳي ڪوشش اسان جي عالمن بہ ڪئي آهي ۽ ڪيترن سنڌي لفظن کي عربيءَ مان آيل ڄاڻايو آهي، مثلاً "ڪاتي" کي عربي قاطع مان نڪتل ڄاڻايائون. جڏهن تہ ڏنو وڃي تہ اهڙن لفظن جو تہ هڪ سڄو نظام سنڌيءَ ۾ موجود آهي. جيئن ڪٽڻ، ڪترڻ ڪاٽڻ، ڪپڻ. ڪٽ، ڪاٽ، ڪاتر، ڪاتي، ڪتر۔ ڪپ يا وري ڪٽيل، ڪتريل، ڪپيل، ساڳي طرح 'توم' کي ثوم مان، 'پوتيءَ' ۽ پوتڙي کي فوطہ مان، اجرڪ کي ازرق مان ڪڍيو ويندا آهن. ڪڏهن ڪنهن اٿين نہ سوچيو تہ مٿان اهي لفظ هتان اوڏانهن ويا هجن. البيروني اهڙن لفظن جي وڏي فهرست پنهنجي ڪتاب ۾ ڏني آهي، جيڪي اصل سنڌي هئا.

ان موضوع تي اڻ ڏريو تي تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ لغتن ۾ فيصلا صادر ڪرڻ بدران امڪان ڏيڻ سان سوچ جي عمل کي هٿي ملندي ڪيپٽن جارج اسٽئڪ جي سنڌي۔ انگريزي ڊڪشنريءَ ۾ هن خالص سنڌي اکر ڏار لکيا آهن. انهن مان بہ لاڙي لفظ کي ڏار نشان ڏنو اٿس. سنسڪرت، عربي، فارسي ۽ ٻين ٻولين لاءِ الڳ نشانيون رکيون اٿس.

سنڌي ٻوليءَ ۾ هيءَ ڪتاب لکي، ڊاڪٽر آفتاب ابڙي جڻ تہ ٻيڻل

پاڻيءَ ۾ هڪ پٿر اڇلايو آهي. ان سان سنڌي ٻوليءَ ۾ انهيءَ موضوع سان نہ صرف دلچسپي وڌندي پر تي سگهي ٿو تہ اهڙو اتساهہ ملي جو يونيورسٽين ۾ ان موضوع تي تحقيق جا در کلي پون.

گذريل پنجاهہ سالن کان درس تدريس سان واسطو رکڻ جي ڪري حاصل ٿيل تجربي مان مون کي اهو اندازو ٿيو آهي تہ سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي گرامر بابت تمام گهٽ ماڻهن کي ڄاڻ آهي. ان ڪري سنڌي ٻوليءَ جون پنهنجيون اصلوڪيون خوبيون ۽ خاصيتون بہ تمام گهٽ ماڻهن کي معلوم آهن. موجوده دور ۾ انهن ٿورن ماڻهن مان ڊاڪٽر آفتاب ابڙو بہ هڪ آهي، جيڪي هن وقت سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي گرامر ۽ لسانياتي پهلوئن بابت سنو مطالعو ۽ جوڳي ڄاڻ رکندڙ آهن. هن کي علم اشتقاق (Etymology) جي جيڪا ڄاڻ آهي، اُها پڙهي ڪنهن ۾ مون ڪانہ ڏٺي آهي. مون کي اميد آهي تہ آفتاب سنڌي ٻوليءَ جي انهن نرالين خوبين کي نروار ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو جيڪي ان کي سنڌ کان سواءِ دنيا جي هڪ اهم ماخذ ٻوليءَ جي صورت ۾ قبول ڪرائڻ ۾ مدد ڪنديون. مون کي اها اميد آهي، انهن نوجوان ڪمپيوٽر ماهرن ۾ جيڪي ڏينهن رات هڪ ڪري سنڌي ٻوليءَ جي ڪمپيوٽرائيزيشن لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن ۽ مائيڪرو سافٽ، گوگل، وڪيپيڊيا ۽ سوشل ميڊيا فورمن تي سنڌي ٻوليءَ جو ڪيس وڙهي رهيا آهن. ڊاڪٽر آفتاب جهڙن ٻوليءَ جي ڄاڻن کي انهن جي رهنمائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن هو پنهنجين ڪاوشن ۾ ڪامياب ٿين. سنڌو لکت جو ڦورو ڦولڻ ۾ بہ اهي ڪمپيوٽر جا ماهر مدد ڪري سگهن ٿا. انهيءَ لاءِ بہ انهن کي لساني اصول ڄاڻندڙن جي ضرورت آهي. اسين پنهنجو وقت گذاري آيا سين. هاڻي موجوده ٽهيءَ تي اهو وڏو بار آهي، فرض ۽ قرض آهي تہ اهي پنهنجي ماءُ ٻوليءَ جي خدمت ۾ سويارا ٿين.

ڊاڪٽر فهميده حسين

18 اپريل 2020ع
ڪراچي، سنڌ

حوالا:

(1) سنڌي ٻولي: مختلف لساني پهلو۔ ڊاڪٽر فهميده حسين، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2012ع

(2) تحقيق۔ تحقيقي جرنل جلد 18 شمارو 2۔ جولاءِ۔ ڊسمبر 2010 ۽ جلد1۔ شمارو1، جنوري۔ جون 2010ع

(3) Lexicography: Principles & Practice by Hartman RRK Academia Press, London, 1983.

(4) Manual of Lexicography by Zgusto, Academia Moulon 1971.

# ھن اڪر ڪتاب بابت

سنڌيءَ ۾ لسانيات تي اڃا تائين اسان وٽ خاطر خواهه ڪم ڪو نه ٿيو آهي، خاص طور لُغت سازي (Lexicography) جي حوالي سان. ڊاڪٽر آفتاب ابڙو لغت نويس (لُغت جوڙيندڙ) آهي ته لُغت جو ماهر (Lexicologist) به. هڪ داناءَ شخص جو جُنون جي حَد تائين عشق، سندس هن انوکي ۽ نئين کاهوڙي عِلمي لِساني جِدت ۾ عيان آهي، جنهن کي هو "علم لُغت" شاهه لطيف جي حوالن سان- پيش ڪري ٿو. تقريباً 200 صفحن جو هيءُ Innovative (اختراعي) ڪم سِنڌي زبان ۽ ادب ۾ پنهنجي نوعيت ۽ محنت جو اَولين ڪم ۽ ڪاوش آهي. سندس ڪير حاصل "تعارف" (Preface) بذات خُود علم لغات جي تاريخ ۽ جاگرافي آهي. نهايت صراحت ۽ وضاحت سان قابل تحقيق نگار پنهنجي موضوع سخن تي روشني وڌي آهي. بيشڪ سندس اهو چوڻ بجا آهي ته "ٻولي جي دُرست جوڙجڪ، بيهڪ ۽ استعمال لاءِ گرامر (Grammar) ڪليدي ڪردار ادا ڪندا آهن، جڏهن ته لُغتون لفظن جي صحيح صورتخطي، معنيٰ ۽ لساني خوبين کي بيان ڪنديون آهن". انهيءَ عمل ۾ لفظن کي گڏ ڪرڻ، لکڻ، ايڊٽ ڪرڻ ۽ ترتيب ڏيڻ، سهيڙڻ (Compilation) اچي ٿو. ڊاڪٽر آفتاب هن فن کي جنهن نفاست سان نڀايو آهي، ان جي پريم ڪهاڻي سندس لفظن ۾ علم لغت سان لڳاءُ جي سفر بابت بخوبي بيان ڪيل آهي. "علم لغت" جي اهميت بابت سندس علمي ۽ طويل تذڪرو تاريخي چاڻ مُهيا ڪري ٿو ۽ تمام گهڻي اهميت جو حامل آهي، اسان جهڙن مُبتدين لاءِ ڊاڪٽر نبي

بخش بلوچ جا خط ۽ ذاتي مُلاقاتون جنهن اُڪير، ٻاجهه سان وَرجايون ويون آهن، اُهي هِن نفسانفسي جي دور ۾ وڏي غنيمت آهن! ڇاڪاڻ ته هاڻي ته ڊاڪٽر بلوچ جي واکاڻ ڪرڻ به ڇڻ ڪو ڄڪوڪم جو فعل آهي.

آمر واقعي ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڀيرومل آڏواڻي ۽ ڊاڪٽر سنديلو صاحب جن لُغت نويسي جي جهان جا روشن دَرخشان چراغ (سراج منير) آهن. جديد لسانياتي تحقيق جو آغاز ۽ آعجاز ڊاڪٽر بلوچ جي يادگار 5 جلدي "سنڌي جامع لغات" آهي. هيءُ تحقيقي لغت (ڪتاب) "علم لغات" جي جديد ريسرچ جي (Methodology) تحت ترتيب ڏنل ۽ لکيل آهي. جديد (Lexicography) جا ٻه بُنيادي Group (سَٿَ) آهن: عملي لُغت سازي (Practical Lexicography) ۽ (Theoretical Lexicography) (نظري لُغت سازي). هتي ڊاڪٽر ابڙي صاحب ٻنهي کي هڪ ئي هنڌ گڏيو آهي، ڇاڪاڻ ته اهي هڪ ٻئي سان Disciplinary طور لازم ملزوم آهن. عملي لغت سازي ۾ لفظن کي گڏ ڪرڻ (جيئن ڊاڪٽر بلوچ ڪندو هو ۽ ايڊٽ ڪري پوءِ لکندو رهيو.) نظري يا نظرياتي لُغت سازي ۾ (Semantics) ۽ (Linguistics) جا (Syntagmatic) ۽ (Paradigmatic) قاعدا آچن ٿا. جيڪي Technical وٿون آهن ۽ انهن جو وستار سان ذڪر ڊاڪٽر آبڙو Semantics ۾ ڪري ٿو جيڪو سنڌي لُغت سازي جي Discipline (صنعت علمي) لاءِ بلڪل جديد اوسر آهي. ڪتاب جو باب پهريون علم لغت بابت آهي، جنهن ۾ محقق لفظن جا تصور (Ideographs) بيان ڪري ٿو جيڪي قديم تحريرن (Pictographs) ۾ مصر ۽ موهن جي دڙي جي ٻولي واري لکت ۾ ظاهر آهن. آفتاب شلي لسانياتي بحث ۽ وسيع تناظر ۾ علم لغت جو احاطو ڪري ٻولين ۾ تبديلين جا چار وڏا سبب بيان ڪري ٿو: (1) پيداواري ذريعا (2) مذهب جو اثر (3) جنگين، ٻوڏن، زلزلن ۽ قدرتي آفتن سبب لڏپلاڻ (4) واپاري يا ثقافتي لاڳاپا وغيره. حوالا به موزون ۽ مناسب ڏنل آهن، خاص طور تي عبراني (Hebrew) زبان بابت Bilingual لغتن جي عربن جي آمد

(Advent) جي حوالي سان اِها ڄاڻ ڪارآمد آهي تہ عربي لفظن کي سمجهائڻ لاءِ لغتون تيار ڪيون ويون. ڇاڪاڻ تہ عرب اِن عِلم کان اڳ ئي واقف ها. برسبيل تذڪره اهو ٻڌائڻ بہ گهرجي ها تہ خود سر رچرڊ برٽن پاڻ هڪ وڏو (Arabist) (عربي لساني عِلمن جو ماهر) هو جنهن جي آخري راءِ موجب سر بارٽل فريئر جي ڪاميٽي سنڌي لپي لاءِ عربي- فارسي طرز کي سرڪاري طور تي منظور ڪيو ۽ ديوناگري کي نامنظور ڪيو هو. "عِلم لغت" جي تشريح مُستند حوالن سان ڪيل آهي. Concordance جي معنيٰ "ضميمي" بجاءِ "اِشاريو" لکڻ گهرجي ها. بائبل ۽ قرآن مجيد جون Concordance هاڻي گهڻي تعداد ۾ دُنيا ۾ لکجن پيون ۽ استعمال ۾ بہ آهن. ڪوش جا پاڱا (Elements of Dictionary) بہ سُٺي طرح سمجهايل آهن.

ساڳي ريت لُغت جي بنيادي جُزن جي وضاحت بہ تمام منطقي ۽ صَريح آهي. لغت نويسي جي مُختصر تاريخ ۽ طريقيڪار (Methodology) بہ معلوماتي ۽ مُفيد آهي ۽ ڪافي معلومات اڳ ئي دستياب آهي پر هتي ورجائڻ لازم هو

عِلمي حوالا بيشڪ مُستند آهن. خاص طور آڪسفورڊ يونيورسٽي جي (International Encyclopedia of Linguistics) جو ۽ ايڊورڊ فِني گن صاحب جو. باب ٻيون "علم ڌاتو يا اشتقاق" جي Definition انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ موزون آهي. خاص طور تي بين اللساني خُوبين جي سبب. يوناني لفظ Etymosآهي ۽ نہ ڪي Etymon جيڪو اميد تہ درست سمجهيو ۽ ڪيو ويندو. ٻولين جا تقابلي ڌاتو ۽ سنڌن عَلمي دَرجا ۽ بحث هتي ڪارآمد ۽ مائع دار وٺون آهن. "ڳنڍ" بابت تاريخي روايتون جديد ريسرچ ۽ تجسس جو ذوق ۽ جذبو جاڳائن ٿيون ۽ ڊاڪٽر آفتاب ابڙي صاحب جي وسيع مطالعي جو دليل ۽ غماز آهن.

"علم لسان" (Philology) وارو ٽيون باب لفظن جي تاريخ ۽ سندن سفر، ثقافت، سماجي پسمنظر (Perspectives)، ادبي لاڙن بابت بحث ڪري ٿو ۽ مرزا

قليچ بيگ جي انوکي ريسرچ (Philological Curiosities-1911) فلالاجيڪل ڪيئوراسٽيز' بابت ياد ڏياري ٿو تہ هي سنڌي زبان ۽ اُن مُوضوع تي واحد ڪتاب (اڄا تائين بہ) آهي. جنهن ۾ انگريزي، سنسڪرت، عربي، فارسي، تُرڪي، هندي وغيره لفظن جا مثال ڏنا ويا آهن. ڊاڪٽر ٽرنر جي (A Comparative & Etymological Dictionary of Nepali) (وڏي مستند ڪتاب) جو حوالو قابل ذڪر آهي، جنهن ۾ هو ٻڌائي ٿو تہ سنڌي ٻولي مان 60_70 سيڪڙو لفظ ٻين ٻرپاسي وارين ٻولين ۾ داخل ٿيا. باب چوٿون (Semantics) يا "علم معنيٰ" خالص نظري (Theoretical) لسانياتي صفت مان اچي ٿو ۽ هن علم جي عام طرح هن طرح وضاحت ڪيل آهي:

"The Branch of linguistics and logic concerned with meaning. Lexical Semantics is concerned with the analysis of word, meanings and relations between them." (Oxford Dictionary)

ڊاڪٽر آفتاب واري (Definition) ايڊورڊ فِني گن جي ڪتاب Language: Its Structure and Use مان اَخذ ڪيل آهي، جيڪا وڏيڪ ڏکيرڙي، ٽيڪنيڪل ۽ دُرست پڻ آهي. باب پنجون، ڇهون، ستون، اٺون، نائون، ڏهون ۽ يارهون خالص سنڌي ٻولي جي لسانيات بابت علمي ڇنڊڇاڻ آهن، جن ۾ قابل ۽ لائق مُحقق سنڌي ٻولي جون لساني خاصيتون ۽ خُوبيون جيڪي مشرقي ٻولين عربي، فارسي ۽ اردو/ هندي ۾ مشترڪ آهن، سي بيان ڪيون آهن ۽ انهن خاصيتن کي هو خاصيت آدغام (Assimilation)، خاصيت قَلب (Metathesis)، خاصيت بدل (Mutation)، خاصيت حذف (Elision)، دخيل لفظ (Adopted Words) ۽ آخر ۾ اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون (Prefixes and Suffixes) چئي ٿو. اُهو 'ويا ڪرڻ' Grammar (صرف و نحو) ۽ Composition (علمِ انشاءُ) جي دنيا جو بنيادي مباحثو آهي ۽ ان کي علم لغات ۾ اولين حيثيت حاصل آهي، جنهن جو ذِڪر پاڻ شروع ۾ ڪري آيا آهيون. منهنجي خيال ۾ علم لغات ۾ شاهہ جي ڪلام جي حوالي سان

هي پُر مغز طويل مقالو يا Thesis آحا مُڪمل ناهي، جيستائين هن ۾ ڊاڪٽر آفتاب Glossary يا ٽيڪنيڪل اِصطلاح شامل نہ ڪندو جيڪي رسالي ۾ گهمين، ڪاسبين هارين، نارين، جي ڏنڌن ۾ ڪتب اچن ٿا ۽ رسالي ۾ بار بار آچن ٿا ۽ تصَوف (Mysticism) يا قرآني (Colloquial Terms) (چَوڻيون، ضرب الامثال) رسالي مان سميڙي هڪ/ بہ الڳ بابن ۾ ترتيب ڏِئي، هن ڪم کي وڌايو وڃي. پنهنجي نوعيت، فطرت، علمي Concept, Vision جو هيءَ لاشڪ آولين ڪم آهي ۽ هن کي خاص طور اهڙي طرح سان Methodology (ترتيب)، ڏئي، جوڙڻ مُشڪل ڪاوش هئي پر هِي پيار جو پورهيو (Labour of love) آهي جنهن کي عِلم لغات جا شهسوار ئي ڪري سگهن ٿا. آءُ ڊاڪٽر آفتاب ابڙي کي جس ٿو ڏيان، جنهن هن دقيق ڪم کي سهنجو بنائي عام پڙهندڙن لاءِ پيش ڪيو آهي.

گل مُحمد عُمراڻي

# پنهنجي پاران

ٻوليءَ جي درست جوڙجڪ، ٻيهڪ ۽ استعمال لاءِ گرامر ڪليدي ڪردار ادا ڪندا آهن، جڏهن ته لغتون لفظن جي گرامر موجب درست صورتخطي، حيثيت، صحيح استعمال، معنائن ۽ لساني خوبين کي محفوظ ڪنديون آهن. تاريخ ۾ تهذيبي ٻولين جي ترقي، ترويج ۽ تحفظ لاءِ اهڙا اپاءَ ورتا ويا هئا. سنسڪرت جو گرامر پاڻينيءَ عيسوي سن کان ڇهه-ست سؤ سال اڳ لکيو ۽ وقت پڄاڻا عالمن ۽ پنڊتن سنسڪرت جي خاص لفظن جي سمجهاڻي لاءِ ڪيئي عمديون لغتون جوڙيون. انهن جي آثار تي ذڪر ايشيا توڙي دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ سنسڪرت ٻوليءَ ممتاز حيثيت حاصل ڪري ورتي. ان زماني ۾ سنسڪرت ٻولي سماج جي اوچي طبقي وارن ۾ ڳالهائڻ-ٻولهائڻ لاءِ استعمال ٿيندي هئي. ان جي ثابتي خود پاڻيني جي 'ويا ڪرڻ' مان ملي ٿي. (1)

انگريز 17 هين صدي عيسويءَ ۾ هندستان ۾ آيا ته سنسڪرت بابت اهڙا عمدا ۽ مُستند ڪتاب ڏسي کين يقين ٿي ويو ته هن خطي ۾ بنيادي ۽ مائيدار ٻولي فقط سنسڪرت آهي ۽ ٻيون مڪاني ٻوليون، جن کي پراڪرتون ٿي چيو ويو ان مان ورتيون ويون آهن. تمام گهڻو پوءِ ڏيهي عالمن تحقيق ڪري ٻڌايو ته حقيقت ان جي برعڪس آهي. بنيادي ٻوليون هتي جون اصلوڪيون ٻوليون يا پراڪرتون آهن، جن جي آثار تي سڌاريل سنواريل سنسڪرت ۽ پالي ٻوليون جوڙيون ويون، جيڪي ترتيبوار 'هندو ڌرم' ۽ 'ٻڌ ڌرم' جون ترجمان ٻڻيون ۽ ڌرمن جي قملاء سبب سڄي خطي ۾ ڦهلجي ويون.

اهڙيءَ طرح 'آرامي'، 'سُرياني'، 'عبراني' ۽ 'عربي' ٻولين لاءِ پڻ بندوبست ڪيا ويا. انهن بابت لکيل قديم گرامرن ۽ لغتن جي آڌار تي ٻولين جي تدريس ۽ تعليم بابت ڪتاب ترتيب ڏنا ويا. عربي ٻوليءَ جي رسم الخط بابت تاريخي ۽ تفصيلي ذڪر مون پنهنجي ڪتاب "سنڌي رسم الخط جي اوسر" ۾ پڻ ڪيو آهي، جيڪو اشاعت هيٺ آهي.

اها به هڪ حقيقت آهي ته اسان جو گرامر ۽ لغت ڏانهن رويو مجرماڻي حد تائين غفلت وارو رهيو آهي. مونکي اعتراف ڪرڻ ڏيو ته اڄ تائين سنڌي ٻوليءَ جي سٽاءُ، جوڙجڪ ۽ صوتياتي بيهڪ مطابق نه ته ڪو معياري گرامر جوڙيو ويو آهي نه وري ڪا مستند جامع لغت جوڙي ويئي آهي. عربن جي دور (711ع) کان هتي مذهبي تعليم جي ترويج لاءِ ٻوواڻيا (Bilingual Dictionaries) 'عربي-سنڌي' تيار ٿيا. جڏهن ارغونن-ترخانن جي دور ۾ فارسيءَ زور ورتو ته 'فارسي-سنڌي' لغتون تيار ٿيون. انهن جو ڪارج مدرسن ۾ پڙهندڙ طالبن تائين محدود هوندو هو. ان دور ۾ جڙندڙ ٻه واين ۽ سه واين جو علمي ۽ فني معيار بنهه گهٽ هوندو هو. راقم وٽ به چار اهڙيون لغتون موجود آهن. انهن کي موجوده دور ۾ رائج فني لحاظ کان لغت سڏڻ مناسب نه ٿيندو. اهي لفظن جون لڙهيون آهن، جن جي سامهون هم معنيٰ لفظ ڏنا ويا آهن. انهن ۾ لغت جا فني معيار ۽ قدر ناپيد نظر ايندا.

سنڌ ۾ انگريزن جي دور ۾، پهرئين ڏهاڪي ۾ جديد گرامر ۽ لغت نويسيءَ جو بنياد پئجي چڪو هو. جنهن جي شروعات سن 1845ع کان مانواري ڪيپٽن اسٽئڪ ڪري "انگريزي – سنڌي" لغت جوڙي جيڪا 1849ع ۾ ڇپائي پڌري ڪئي. ان عرصي ۾ هن "A Grammar of Sindhi Language" تيار ڪري ورتو. سندس ٻي لغت "سنڌي-انگريزي" 1855ع ۾ سنڌس نائب سر ايلس برو سرڪاري خرچ تي ڇپائي. جارج اسٽئڪ، جنهن سنڌي گرامر تي ڪم اڳ ۾ شروع ڪيو هو. سو پنهنجي ڪتاب جي تعارف (Introduction) ۾ لکي ٿو ته: "ان (ڪم) دوران مون مڪاني ماڻهن سان (سنڌي) گرامر بابت ڳالهايو. ڪين ڪا خبر ٿي نه هئي نه وري ڪين ڪا دلچسپي هئي. جن کي تعليم پرائڻ

جو ڪو شوق هو تن مان مسلمان عربي- فارسي ڪتاب ۽ هندو ديوناگري- گرمکيءَ ۾ لکيل ڪتاب پڙهي پورو ڪندا هئا“. (2)

ڪيپٽن جارج اسٽئڪ جي انهن ٻنهي لغتن کانپوءِ 1866ع ۾ هڪ انگريز مشنري عالم جارج شرٽ (1843_1887ع) ”اکر ڏاتو“ جي نالي سان مختصر لفظن تي مشتمل (250 لفظا) هڪ لغت جوڙي، جنهن ۾ سندس خيال موجب سنسڪرت ٻوليءَ مان نڪتل سنڌي لفظن جا ڌاتو ۽ اُنهن جون معنائون ڏنل آهن. هن لغت جو ٻيو ڇاپو 1893ع ۾ حيدرآباد مان شايع ٿيو. 1868ع ۾ لڪشمڻ وشنو پراجپٽي ”انگريزي-سنڌي لغت“ مرتب ڪئي، جيڪا بمبئي مان ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ شايع ڪئي.

اُن لغت جي شايع ٿيڻ جي ڪجهه وقت کان پوءِ جارج شرٽ ۽ ٻن سنڌي عالمن منشي اُڌارام ٿانورداس ميرچنداڻي (1833_1883ع) ۽ مرزا صادق علي بيگ (1845_1898ع) گڏجي ”سنڌي-انگريزي لغت“ لکي، جيڪا سنڌ ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ 1879ع ۾ ڪراچيءَ مان شايع ڪئي. هيءَ ڀرپور لغت آهي، جيڪا عربي خط ۾ لکيل آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر جيٽلي لکيو آهي تہ هن لغت جي تياريءَ ۾ هُنن آخوند عبدالرحيم عباسي (وفات: 1878ع) جي اڻ ڇپيل مسودي (سنڌي-فارسي) مان پڻ مدد ورتي، جيڪو اٿارٽي پوءِ 1993ع ۾ ڇپرايو. ذڪر هيٺ لغت ۾ تقريباً 21 هزار سنڌي لفظن جون معنائون انگريزي ٻوليءَ ۾ ڏنل آهن ۽ جهونن سنڌي لفظن جو وڏو ذخيرو شامل ڪيو ويو آهي. هنن عالمن جي ڪوشش هئي تہ صورتخطيءَ جي حوالي سان ان کي مستند لغت ڪري جوڙجي، جنهن ۾ هو ڪنهن حد تائين ڪامياب بہ ويا. (راقم جي تجويز تي اها ڊڪشنري نئين سر ڪمپوز ڪري، هڪ اداري پاران شايع ٿي رهي آهي.)

جارج شرٽ (Shirt.G) ”سنڌي-انگريزي لغت“ کانسواءِ ”انگريزي- سنڌي لغت“ بہ جوڙي هئي، جنهن جو قلمي نسخو اُن وقت پادري اي. ايچ ايبيگل (A.H Abaigal) وٽ هو.(3) پرمانند ميوارام جڏهن پنهنجون لغتون جوڙي رهيو هو تڏهن هن اُن نسخي مان بہ گهڻو فائدو حاصل ڪيو هو. هن وقت اُن قلمي نسخي متعلق ڪابہ خبر ناهي تہ ڪٿي آهي. پنجاب حڪومت

جي هڪ انگريز عملدار ايڊورڊ اوبرائن (Edward O`Brien)، ”ملتاني- پنجابي-سنڌي“ لفظن جي فهرست يعني ”گلاسري“ لکي، جيڪا پنجاب حڪومت 1881ع ۾ لاهور مان ڇپائي پڌري ڪئي. اُن جو ٻيو وڌايل ڇاپو جي. ولسن (J. Wilson) ۽ هري ڪشن ڪيول جي تصحيح سان لاهور مان 1903ع ۾ شايع ٿيو. هن لغت ۾ ايڊورڊ اوبرائن، ملتاني لفظن جي ڀيٽ پنجابي ۽ سنڌي لفظن سان ڪئي آهي. سنڌيءَ جي هڪ ٻئي عالم جهمٽمل ناورمل وسٽائيءَ، جي. شرٽ جي طرز تي ”وُتپتي ڪوش“ جي نالي سان مختصر لفظن جو هڪ ڪوش لکيو جيڪو 1886ع ۾ حيدرآباد مان شايع ٿيو. اُن جو ٻيو ڇاپو 1904ع ۾ ڪراچيءَ مان ۽ ٽيون ڇاپو سنڌي ادبي بورڊ 1964ع ۾ شايع ڪيو. هن لغت ۾ پڻ ان وقت جن لفظن کي سنسڪرت ٻوليءَ مان نڪتل ٿي سمجهيو ويو آهي، سنڌي لفظن جا ڌاتو ۽ اُنهن جون معنائون ڏنل آهن.

اهڙيءَ ريت سنڌي ٻوليءَ بابت لغتون جڙنديون رهيون. جنهن جي جامع فهرست مانواري سائين ناسف علي شيراز ”سنڌي لغت نويسي جي تاريخ ۽ ببليوگرافي“ ٽن حصن ۾ تماهي مهراڻ (سنڌي ادبي بورڊ) ۾ ڇپائي. بعد ۾ ان ۾ تاج جويي صاحب ۽ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي پاران ڪي معمولي واڌارا ڪيا ويا. پر اصل تحقيق سائين شيراز صاحب جي آهي. سندس ڪاٿي مطابق 2000ع تائين اهڙين لغتن جو انگ 140 جي لڳ ڀڳ ٻيهي ٿو.

علم لغت جي اهميت بابت سائين ناسف علي لکي ٿو ته:

”دنيا جي ڪنهن به ٻوليءَ کي سمجهڻ لاءِ اُن جي علم صرف و نحو ۽ علم اللغته جو مطالعو تمام ضروري آهي. ڪابه ٻولي اوستائين پوريءَ طرح سمجهي نه سگهبي، جيستائين اُن ٻوليءَ جي محاورن، اصطلاحن، پهاڪن، چوڻين ۽ لفظن جي معنائن کي نٿو سمجهيو وڃي. اهو ان صورت ۾ ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو جڏهن اُن ٻوليءَ جي لغتن جو مطالعو ڪيو وڃي. اُن کان علاوه مختلف دؤرن ۾ اُن ٻوليءَ جي لفظن ۾ جيڪي تبديليون ٿيون ٿيون، انهن جو تقابلي جائزو ورتو وڃي ته جيئن لفظن اندر سمايل

اُونهي معنيٰ کي آسانيءَ سان سمجهي سگهجي. مثلاً سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪجهہ لفظ جيڪي اڳ استعمال ٿيندا هئا، هاڻ اُهي استعمال ۾ نٿا اچن. ڪيترن ئي لفظن جي لکٽيءَ ۾ بہ فرق اچي ويو آهي. اڳ اسين لفظ 'چيا' ۽ 'لکندا' هئاسين، هاڻ اُن کي 'چيائين' ڪري ٿا لکون. شاهہ جي دور جي ٻولي ۽ اڄڪلهہ جي مروج ٻوليءَ ۾ بہ ڪافي فرق آهي. اها تبديلي ٻوليءَ جي واڌاري ۽ صحت لاءِ ضروري آهي. ٻوليءَ جي ترقيءَ جو مدار ٻوليءَ ۾ نون لفظن جي داخلا ٿيڻ تي آهي، جنهن سان ٻولي وڌيڪ شاهوڪار ٿئي ٿي".

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لغت متعلق لکي ٿو:

"ڪنهن بہ ٻوليءَ جي اڀياس ڪرڻ لاءِ اُنهيءَ جي وياڪرڻ ۽ لفظن جي معنيٰ، اصطلاحن، محاورن ۽ پهاڪن جي معنيٰ جو علم هئڻ ضروري آهي." (4)

مٿي بيان ڪيل وصفن کي آڏو رکي چئي سگهجي ٿو تہ:

علم لغات اُهو علم آهي، جنهن ۾ ڪنهن ٻوليءَ جي لفظن کي الف ب وار ترتيب ڏئي، انهن جون معنائون ڏنيون وڃن. ڳالهائڻ جي جزن (Parts of Speech) طور انهن جي سڃاڻپ ۽ جملي ۾ انهن جي نحوي حيثيت ۽ بيهڪ، درست صورتخطي، معنيٰ ڌاتن/اشتقاقن وغيره کانسواءِ محاورن، اصطلاحن، پهاڪن ۽ چوڻين جو مطالعو ڪيو وڃي ٿو تہ جيئن اُن ريت جوڙيل لغت ذريعي ٻوليءَ جو اڀياس آسانيءَ سان ڪري سگهجي ۽ لفظن جي مطلب ڪڍڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جي غلطيءَ جو امڪان نہ رهي.

اسان جي مطالعي مطابق سنڌي ٻوليءَ ۾ "علم لغت" جي اهميت بابت سڀ کان پهريان ڏيان مانواري ڊاڪٽر گربخشاڻي شاهہ جي رسالي جي

معنيٰ ڪيڻ وقت ڀرئين جلد جي ’مقدمي‘ ۾ ڇڪايو هو. گربخشاڻي صاحب لکي ٿو:

”علم لُغات، جنهن جي رستي اها ترقي ممڪن آهي، تنهنجو ڪنهن به سماءُ نہ لڌو آهي. خود سنڌي لُغت نويسن بہ علم لُغات جي اصولن، ۽ سنڌيءَ سان ٻين مشابهت رکندڙ ٻولين بابت کوجنا نہ ڪئي آهي. انهيءَ سبب ڪان سندن لُغتون آڌوريون ۽ خام رهجي ويون آهن، ۽ ڪيترن نج سنڌي اکرن جي معنيٰ پوري ۽ صحيح نہ ڏني ويئي آهي. البت ڏڪي بازيءَ جي ڪمي ڪانهي. شاهہ جي رسالي ۾ ڪيترا لفظ آهن، جن جي معنيٰ تہ صفا اوٽ تي ڪئي ويئي آهي. لُغت نويسيءَ جا اهڙا انڌا رستا سنڌ ۾ ئي اختيار ڪيا ويا آهن. جيستائين ماڻهو سنڌيءَ جي باترتيب تحصيل نہ ڪندا، تيستائين ڪنهن بہ ترقيءَ جي اُميد رکڻ اجائي آهي.“(5)

ڊاڪٽر گربخشاڻي جو ”شاهہ جو رسالو“ جلد ٽيون، جنهن ۾ ’مقدمو‘ بہ شامل آهي، اهو ڪمشنر پريس ڪراچيءَ مان 1923ع ڌاري شايع ٿيو. جنهن ۾ هن سنڌي لغتن جي غير معياري هجڻ جي شڪايت ڪئي آهي. ان وقت تائين سنڌي ٻوليءَ بابت هيٺيون لغتون شايع ٿي چڪيون هيون:

(1) انگريزي- سنڌي ڊڪشنري- ڪيپٽن اسٽئڪ 1849ع
(2) سنڌي-انگريزي ڊڪشنري- ڪيپٽن اسٽئڪ 1855ع
(3) اکر ڌاتو-پادري شرٽ 1866ع
(4) انگريزي-سنڌي لغت لڪشمڻ وشنو 1868ع
(5) سنڌي-انگريزي ڊڪشنري-جارج شرٽ، مرزا صادق علي بيگ، منشي اڌارام ٿانورداس 1879ع
(6) وئيپتي ڪوش، جهمٽمل نارومل وسٽاڻي 1866ع
(7) ’غريب اللغات‘ پيرومل مهرچند آڏواڻي 1907ع

(8) سنڌي_انگريزي ڊڪشنري پرمانند ميوارام 1910ع
(9) لغات لطيفي مرزا قليچ بيگ 1914ع

مٿي ذڪر ڪيل لغتن مان اسٽنڪ جون ڊڪشنريون ديوناگري لپيءَ ۾ هجڻ ڪري، عام شاگردن لاءِ ڪارگر ثابت نہ ٿيون. (پر هاڻي اهي ميڊم فهميده حسين جي ڪوشش سان عربي_سنڌي لپيءَ ۾ سنڌي ٻولي اٿارٽي پاران آنديون ويون آهن.) باقي ٻيون جيڪي لغتون لکيون ويون، سي الف_ب مطابق سنڌي لفظن جون لڙهيون آهن، جن ۾ نہ گرامر وارو پاڻو آهي، نہ وري ٻولي جي اصليت ۽ ڌاتن بابت ڪا وضاحت آهي.

ان هوندي بہ پيرومل مهرچند آڏواڻي لکي ٿو تہ پادري شرٽ واري 'اکر ڌاتو' نصاب تي رکيل هئي ۽ هن پاڻ بہ اها پڙهي. لکي ٿو تہ:

> "پادري شرٽ صاحب حيدرآباد مشن اسڪول جو مينيجر هو. هو صاحب سنسڪرت جو چڱو ڄاڻو هو. سنڌي ۾ پنهنجي سر هڪ ڪتاب 'اکر ڌاتو' ناهيو هئائين، جو اڳي اسڪولن ۾ درسي ڪتاب طور ڪم ايندو هو. سن 86_1885ع ڌاري مان انگريزي پهريون، ٻيو درجو پڙهندو هوس، ۽ اهو ڪتاب مون پاڻ بہ اسڪول ۾ پڙهيو هيو." (6)

ڪاڪي پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ مثال طور اها معياري لغت پيش ڪئي آهي، جيڪا ڪل 42 صفحن 250 اکرن تي مشتمل آهي. نہ تہ ان ۾ اڳيان ڪو پيش لفظ يا مهاڳ لکيل آهي، نہ وري آخر ۾ ڪي حوالا يا لغتن جا نالا ڏنل آهن. ان ۾ چند سنسڪرت وارن لفظن جي سنڌيءَ ۾ معني ڏنل آهي، ٻيو ٿيو مڙئي خير! ان کي بہ ڪنهن حوالي سان لغت جي جديد اصولن مطابق معياري نہ چئبو، موچارين لغتن ۾ بہ شامل ڪري ڪين سگهبو.

## علم لغت سان لڳاءُ جو سفر

1970ع واري ڏهاڪي تائين، سنڌ جي پرائمري اسڪولن کي هوشيار شاگردن جي حوصلي افزائي لاءِ سنڌ سرڪار پاران علم ادب، سائنس، لوڪ ادب، مڪاني قصن ڪهاڻين ۽ عام معلومات جا ڪتاب مفت ڏنا ويندا هئا

تہ جيئن ھو ذھين ٻارن کي انعام طور ڏين تہ جيئن منجھن علم ادب جو جذبو جاڳي. انھن ڪتابن تي ٻہ لفظ "انعامي ڪتاب" لکيل ھوندو ھو. اھا روايت انگريزن جي دور کان شروع ٿي. ان دور ۾ اخبارن ذريعي پڌرو ڪيو ويندو ھو تہ فلاڻي موضوع تي چوٿين درجي لاءِ سنڌ جي اسڪولن لاءِ درسي ڪتاب گھربل آھن، ان ۾ ھيٺين اسمن جو ذڪر ھئڻ گھرجي. اشتھار جي جواب ۾ عالم اديب، استاد ڪتاب لکڻ شروع ٿي ويندا ھئا ۽ مقرر تاريخ اندر مسودا دفتر داخل ڪرائيندا ھئا. ان لاءِ بہ ڪاميٽيون جڙيل ھونديون ھيون. ابتدائي ڪاميٽي موضوع ۽ مواد چڪاس ڪندي ھئي. ان مان ڪي بہ چار موزون مسودا ثانوي ڪاميٽي کي ڏياري موڪليندي ھئي. ان ڪاميٽيءَ ۾ تعليمي ماھرن سان گڏ اعليٰ عملدار بہ شامل ھوندا ھئا. عام طور پھرئين ٽن نمبرن تي ايندڙ ڪتاب سرڪار شايع ڪرائيندي ھئي. انھن جي ليکڪن کي ترتيبوار انعام بہ ڏنا ويندا ھئا ۽ پھرين نمبر تي ايندڙ ڪتاب کي 'درسي ڪتاب' طور منظور ڪري، اسڪولن ۾ رائج ڪندا ھئا. باقي ٻئين ۽ ٽئين نمبر تي آيل ڪتاب شايع ڪرائي مددي ۽ انعامي ڪتابن طور اسڪولن ۾ ورھايا ويندا ھئا. پاڪستان ٺھڻ کانپوءِ بہ اشتھارن ۾ ڪتاب شايع ڪرائي جمع ڪرائڻ جي ھدايت ڪئي ويندي ھئي. ان وقت، وڏا عالم اسڪالر، وڏي محنت ۽ جستجوءَ سان ڪتاب تيار ڪرائي، تعليم کاتي ۾ جمع ڪرائيندا ھئا.

منھنجو والد صاحب حافظ سعدالله ابڙو ڳوٺ گابر مسڻ (تعلقو ڏوڪري ضلعو لاڙڪاڻو) ۾ پرائمري اسڪول جو ھيڊماستر ھو. اھڙا ڪتاب مون سرڪاري طور مليل ڪاٺ جي پيٽيءَ ۾ ڏٺا. اندازن چاليھارو ڪتاب موجود ھئا. جيئن تہ اھي رجسٽر تي داخل ھوندا ھئا ۽ سرڪاري امانت سمجھيا ويندا ھئا، ان ڪري، شاگردن کي صرف پڙھڻ لاءِ ڏيندا ھئا. يا وري ڪي استاد ڪٽي ويندا ھئا. منھنجي علم ادب سان دلچسپي ڏسي والد صاحب اجازت ڏيندو ھو تہ مان پنھنجي پسند جا ڪتاب ڪٽي پڙھان ۽ حفاظت سان واپس رکان، ڇاڪاڻ تہ اھي ڊيڊ اسٽاڪ رجسٽر تي چڙھيل ھئا. جنھن جي ساليانی چڪاس ٿيندي ھئي.

آءٌ جڏهن 1966ع ڌاري پنجين درجي ۾ پڙهي رهيو هوس تہ شروع ۾ مون ٻہ ڪتاب ڪنيا: هڪ "وينجهار" ليکڪ: عبدالڪريم سنديلو ٻيو "ڪچ ڪوڏيون" ليکڪ: عطا حسين شاهہ موسوي ٻئي ڪتاب لوڪ ادب بابت هئا. وينجهار ۾ لفظن جي پيچ گهڻ هئي، اهي پڙهي، ڏاڍو خوش ٿيندو هوس. اهڙيءَ ريت چاهہ وڌندو رهيو. 'ڪچ ڪوڏيون' بہ لاجواب ڪتاب آهي. ان کان علاوه مرزا قليچ بيگ جا ڪتاب: گلن جي توڪري، راسيلاس، انڪوائري آفيسر۔ ڪليات خادم، دنيا جي جاگرافي وغيره پڙهيا. ائين درجي کان وٺي ميٽرڪ تائين، اسڪول ۾ سڀني شاگردن کان سنڌي مضمون ۾ منهنجون مارڪون وڌيڪ هونديون هيون. سنڌي مضمون سائين لال بخش پيرزادو پڙهائيندو هو پهراڙي (ٻلهڙيجي) جو ماڻهو هو. ڪيس سنڌي توڙي انگريزي ٻوليءَ تي چڱي دسترس حاصل هئي. انور پيرزادي ڪي بنيادي انگريزي پڻ سائينءَ سيکاري هئي، ڪيس سنڌي محاوري تي سٺي دسترس هئي. ڇهين درجي کان اٺين درجي تائين اسڪولن ۾ عربي/فارسي پڙهائيندا هئا. اسان عربي پڙهياسين. بنيادي عربي اسان کي هڪ اردو استاد سيد شهاب الدين پڙهائي. نائين درجي ۾ هوس تہ سائين مولوي هدايت الله ٻگهيو ملتان جي هڪ وڏي مدرسي جامع العلوم مان عربي عالم، فاضل جو ڪورس مڪمل ڪري واپس ڳوٺ (ڪبڙائي) آيو هو. گرمين جي ويڪيشن ۾ والد صاحب کي عرض ڪيم تہ مونکي عربي سکڻ جو گهڻو شوق آهي، اجازت ڏيو تہ سائين هدايت الله وٽان سکي اچان، حالانڪ اسان جو سائن گهريلو اٿڻ ويهڻ هو پر بابا اجازت نہ ڏني ۽ عربي جو شوق اتي رهيو. بعد ۾ ٻگهئي صاحب کان عربي صرف نحو جا ابتدائي سبق ورتم. عربي مصدر ۽ فعل مضارع مون کي سائين هدايت الله سمجهايو. سائين ٻگهئي صاحب کان عربي سکڻ جو سلسلو اڄ تائين جاري آهي. مون جڏهن 'جونيئر اسڪول ڊڪشنري' جوڙي پئي، تڏهن سائين ان ۾ وڏي مدد ڪئي. اها بعد ۾ خبر پئي تہ سائينءَ جو علم لغت واري شعبي سان بہ شغف آهي. شادي مراديءَ تي سائنس جڏهن بہ ملاقات ٿيندي آهي تہ اسان جو موضوع عربي گرامر ۽ صرف جا صيغا هوندا آهن.

برسبيل تذڪره، عرض ڪندو هلان تہ 93-1992ع ۾ واندڪائي جا ڏينهن هئا. ان دوران استاد محترم ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو پاران تيار ڪيل (نامڪمل) "اشتقاقي لغات لطيف" تي ڪم ڪري رهيو هوس، تہ مانواري مظهر يوسف "تاريخ مظهر شاهہ جهاني" جو اردو مسودو ڏنو. جنهن ۾ لڳ ڀڳ 60-70 سيڪڙو فارسي هئي، باقي اردو مواد هو. ان کي سڄاري موجوده خط ۾ آڻڻو هو. هن مونکي ڪتاب جو فارسي مسودو بہ ڏنو. خوش قسمتيءَ سان اسان جي گهر جي سامهون هڪ مدرسو هو جتي ڪاظمي صاحب (افغاني) معلم، ٻارن کي قرآن شريف پڙهائيندو هو. منهنجي ساڻس دعا سلام تي، سٺن اخلاقن وارو عالم هو. ست سال عربستان ۾ رهيو ۽ رواني سان عربي ڳالهائيندو هو. فارسي سندس مادري زبان هئي. کيس عرض ڪيم تہ فارسي سکڻ جو شوق آهي، هو پنهنجي طرفان ابتدائي ڪورس وٺي آيو. روزانو شام جو وٽس پڙهڻ ويندو هوس. ان وچ ۾ تاريخ مظهر شاهہ جهاني جا ڏکيا فقرا بہ سمجهائيندو هو. کانئس ابتدائي سبق سکيم، فارسي گردانن جي ڄاڻ تي، فعل- فاعل ۽ مصدر جي بہ ڄاڻ تي. باقي ڪن سببن ڪري، اهو شوق جاري رکي نہ سگهيس. ڪتاب بہ تيار ٿيو جيڪو سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿيو. ايڊيٽر طور منهنجو نالو لکيو ويو.

لغت سان لڳاءَ جو 'سلو انگورين پلو' هو. ڏينهون ڏينهن چاهہ وڌندو رهيو. آخر هڪ ڏينهن محترم سائين ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جو در کڙڪايم. کيس من جي مدعا بيان ڪيم. سائينءَ جي رعبدار شخصيت اڳيان اکر نہ پيا اچهن، ايترو سو ياد اٿم تہ کيس "وينجهار" ڪتاب جي ڪماٽي پڌايم. سائين ڏاڍو خوش ٿيو. تاڪيد ڪيائين تہ جڏهن بہ ڳوٺ اچان تہ ساڻس ضرور ملان. ان وقت مان اطلاعات کاتي ۾ 11هين گريڊ ۾ سينئر ٽرانسليٽر پرتي تي چڪو هوس. پوءِ کيس مضمون لکي ڏيکارڻ شروع ڪيم. سنڌي ٻوليءَ جا نج لفظ پڙهي، سائين خوش ٿيندو هو ۽ انهن جي صحيح استعمال بابت پڌائيندو هو. ان دور ۾ سائين گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي جو پرنسيپال هو. ايڏو وڏو ماڻهو ۽ اعليٰ درجي جو عالِم ان پاران ايتري عزت ملڻ تي، بيحد خوشي ٿيندي هئي. اڪثر مانجهاندو

سائينءَ وٽ ٿيندو هو. ان ۾ بہ خاص اهتمام ڪيو ويندو هو. پنج ڇهہ ڪلاڪ ڪچهري ٿيندي هئي. اُهي رَتيءَ واريون رهاڻيون، مٺن ۾ مٺجي ويون. محترم سائين مون کي پٽن جيترو پيار ڏيندو هو.

هڪ ڏينهن (1976ع) شام جو مان وٽس ڪاليج ۾ ملڻ ويس، فوري طور اندر گهرايو ويو. چانهن بسڪوٽن کانپوءِ سندس آفيس ۾ ويٺل ٻن پروفيسرن کي چيائين تہ ڪراچي کان مهمان آيو آهي، ساڻس ڪچهري ڪرڻي آهي، اوهان ڪلاسن ۾ وڃو. سندن وڃڻ کانپوءِ سائين ڪنهن عملدار سان فون تي ڳالهائيندي، ڪو ڪم چيو جيڪو بنہ سائينءَ جي خاندان سان تعلق رکندڙ هو مان اٿڻ لڳس، تہ مون کي ويهڻ لاءِ چيائين. ان مان مون کي خاطري ٿي ويئي تہ سائين مون تي پورو ڀروسو ڪري ٿو ۽ مون کي گهرڀاتين جيان گهري ٿو.

شروع ۾ جيڪي تحقيقي ۽ تنقيدي مضمون لکندو هوس، سي سائينءَ کان چيڪ ڪرائيندو هوس. سائينءَ جا سمجهايل نُڪتا هينئين سان هنڊائڻ لڳس. آخر دل جهلي درسي ڪتابن تي هڪ تنقيدي مضمون لکيم. جيڪو ماهوار پيغام آڪٽوبر-نومبر 1986ع ۾ شايع ٿيو. اهو مضمون مون محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سائين سنديلي، ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي ۽ ڪن ٻين عالمن ڏانهن موڪليو. سائين ڊاڪٽر غلام علي الانا سان ان دور ۾ عليڪ سليڪ ڪا نہ هئي. سڀني وٽان سٺي موٽ ملي، پر سڀني کان وڌيڪ سائين سنديلي صاحب ساراهيو ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب پڻ دل کولي داد ڏنو.

هوڏانهن ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي دهليءَ مان خط لکي، منهنجي ادبي صلاحيتن جي ساراهہ ڪئي:

"دهلي: 1-6-1988ع

پيارا ڀاءُ آفتاب،

ڏٺيءَ جي مهر سان شال سدائين خوش هجين. گهڻي وقت کان وٺي تنهنجي خط جو انتظار هو. شايد گهڻين مشغولين سبب احوال لکي نہ سگهيو آهين.

مون مارچ 88ع جي شروع ۾ سنڌي اصطلاحن، چوڻين ۽ پهاڪن تي هڪ مضمون رجسٽرڊ پوسٽ رستي توکي موڪليو هئو. اُهو اُميد تہ پهتو هوندو ۽ نظر مان ڪڍيو هوندءِ...

شاهہ لطيف جي ٻوليءَ ۽ لفظن جي اوسر توڙي سندس Style جي خاصيتن تي بہ لکان پيو. اِهو تنهنجي ريسرچ جو موضوع پڻ آهي. اِهو ميٽر پڻ تو ڏانهن موڪلي ڏيندس. تنهنجي خط جو انتظار رهندو آهي. جواب جلد موڪليندا ڪريو.

اوهان جو ياءُ- مرليڌر جيٽلي"

Delhi ,D-127, Vivek Vihar

20_03_1990ع

"پيارا ياءُ آفتاب،

شال سدائين خوش هجين.

ڪراچيءَ ۾ ڪجهہ گهڙيون توسان ملاقات ٿي. پر روح رُچنديون رهاڻيون ڪرڻ جو موقعو نہ مليو. اسين جڏهن ڪراچيءَ ۾ واپس پهتاسين، تڏهن سليم ميمڻ جي گهر لڪل هئاسين. مان روز تنهنجي آفيس مان فون تي پڇندو هوس. پر اُتان خبر پيئي تہ صحت ٺيڪ نہ هئڻ سببان ڪجهہ ڏينهن موڪل تي آهين. مطلب تہ وري مڪاميلو ٿي نہ سگهيو. مون دهليءَ پهچڻ تي توکي خط لکيو پر اُن جو بہ جواب نہ آيو آهي. آهڙي رڪاوٽ واجب نہ آهي.

خط جي پويان ست ڪتاب لکيا اٿم. اُهي 'برهان ڪتاب گهر' جي مالڪ عبدالغني هٿان ڏياري موڪليندا. پيڻ مهتاب اڪبر راشديءَ وٽ هلي نہ سگهياسين مان تنهنجي آسري ويٺو رهيس. هڪ ٻن هنڌ ملي تہ ڏوراپو ڏنائين. پيڻ مهتاب راشديءَ کي منهنجا سڪ ڀريا سلام ۽ آداب پهچائيندين. ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ سراج الحق ميمڻ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جون واڳون سنڀاليون آهن! ان طرفان ڪهڙا پراجيڪٽ شروع ڪيا اٿو؟ اوهان کي هِجيئين (Spellings) جي مسئلي تي ۽ صورتخطيءَ جي معياري روپ مقرر ڪرڻ کي اوليت ڏيڻ گهرجي".

(ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي هڪ خط ۾ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي کي لکيو تہ جامع سنڌي لغات جو بورڊ ئنين سر جوڙڻ گهرجي.)

"آوهان (سنديلو صاحب) جو مضمون پڙهڻ بعد خود ڊاڪٽر بلوچ صاحب بہ محسوس ڪيو هوندو تہ ڊڪشنريءَ ۾ گهڻيئي اوڻايون آهن. سنڌي قوم ۽ سنڌي اَدب جي ڀلائيءَ لاءِ ڪيس اِن ڳالهہ ۾ ضد نہ ڪرڻ گهرجي.

ڊڪشنري ۾ سڌارا ۽ واڌارا ڪرڻ ڪنهن هڪ عالم جو ڪم نہ آهي. اِن ڪري انهي رٿا کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ علم لغات جي ماهرن جي هڪ ڪاميٽي مقرر ڪرڻ نهايت ضروري آهي. اِها ڪاميٽي اوهان جي زير۔ صدارت ئمڻ گهرجي يا سنڌي ادبي بورڊ جي موجوده چيئرمئن جناب مخدوم محمد زمان "طالب المولى" صاحب جن اُن جا صدر ٿين. ٻيا عالم جن طرف منهنجو ڌيان وڃي ٿو، اُهي هن ريت آهن: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا محمد ابراهيم جويو مولانا غلام مصطفى قاسمي، آفتاب اَبڙو، وغيره سنڌ ۾ جيڪي عالم آهن، اُهي اوهان کان ڳجها نہ آهن. اُنهن جا نالا آوهين شامل ڪري سگهو ٿا."

اوهان جو وڇڙيل ڀاءُ۔ مرليڌر جيٽلي"(7)

سنڌي ادب جي ٻين ناليِ وارن اديبن ۽ عالمن ۾ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو محترمہ ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو سيد اظهر علي گيلاني، سائين مينهون خان بلوچ، سائين شمشيرالحيدري، غلام مصطفى مشتاق ميمڻ وغيره شامل هئا. انهن مختلف ملاقاتن ۾ منهنجي مهارتن جو سٺي نموني ذڪر ڪيو. اهڙي داد رسيءَ تي دل وڏي ويئي ۽ خود اعتماديءَ ۾ اضافو ٿيو.

**ميڊم فهميده حسين**

جنهن وٽ مون ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ايم اي سنڌي تي ڪئي، جنهن وٽ اڳتي هلي پي ايچ ڊي پڻ ڪيم. منهنجي ان لساني ۽ لغاتي ذوق کي اجاگر ڪرڻ ۾ سندس وڏو هٿ آهي. ميڊم ڊاڪٽر فهميده لاءِ عرض ڪندو هلان تہ پاڻ علم لسانيات، لغات ۽ گرامر ۾ وڏي مهارت رکي ٿي. انهن

موضوعن سان لاڳاپيل سندن ترتيب ڏنل ڪتاب (۱) انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا (9 جلد) (2) انسائيڪلوپيڊيا آف شاهہ عبداللطيف ڀٽائي (2 جلد) شاهہ لطيف چيئر، (ڪراچي يونيورسٽي) مفصل سنڌي لغت (3 جلد) ڪلاسيڪي شاعرن جي لغت، اسٽئڪ جون ٻئي لغتون (انگريزي-سنڌي، سنڌي-انگريزي) اسٽئڪ جو گرامر، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ جي نادر ۽ شاهڪار گرامر جو ترجمو سرگريئرسن جي ٻولين بابت سروي جو سنڌي ٻوليءَ سان واسطو رکندڙ جلد (8) جو ترجمو جنهن ۾ سنڌي ٻولي ۽ ان جي لهجن بابت نهايت اهم معلومات ڏنل آهي. سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا "سنڌو لکت"، سنڌي ٻولي: مختلف لساني پهلو "سنڌي ٻولي ۾ گرامر نويسي جي ارتقا" (اصل ۾ محترمہ شازيہ پتافي جو تيار ڪيل آهي. پر ان جي، مکيہ هنڌن تي ميڊم جي معلومات ٻکي پئي) ميڊم کي اها ڄاڻ ورثي ۾ ملي، ڇاڪاڻ تہ سندن والد صاحب محمد يعقوب ميمڻ سنڌي گرامر جو تمام وڏو ڄاڻو هو جنهن لاءِ سنڌي ٻوليءَ جو هاڪارو عالم ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب، پنهنجو ترتيب ڏنل شاندار ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر" (اٺاڻي 2010ع) جو انتساب ڪندي لکي ٿو تہ "آءٌ پنهنجي هيءَ ڪاوش، منهنجي استاد محترم ماستر محمد يعقوب ميمڻ صاحب کي ارپيان ٿو جنهن مون کي "سنڌي وياڪرڻ" جا اصول ۽ گردان ان زماني ۾ سيکاريا، جڏهن آءٌ ايم. اي (پريوس) جو شاگرد هوس".

ڪتاب ۾ شامل ميڊم فهميده حسين جو مقدمو پڙهڻ سان اندازو ٿي ويندو تہ هن نہ صرف علم لغت ۽ ان سان لاڳاپيل علمن جو ڀرپور استعمال ڪندي، ان فن بابت بنيادي ڄاڻ ڏني آهي، جيڪا هڪ طرح ان علم جي ڪنجي (ڪليد) آهي، جيڪا ڪتاب ۾ آيل فني ڄاڻ، اصطلاحن، مثالن ۽ محاورن کي آسان لفظن ۾ پڌرو ڪري ٿي. "مقدمو" پڙهڻ کانپوءِ ڪتاب ۾ آيل معلومات سمجهڻ ۾ تمام وڏي آساني ٿئي ٿي.

ميڊم پنهنجي مويي ياءَ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي نالي واري عالم محترم سائين سراج الحق ميمڻ کي مشورو ڏنو تہ هو شاهہ لطيف بابت جنهن جامع ۽ گهڻ رخي لغت تي ڪم ڪري رهيو هو ان لاءِ مون کي گهرائي ۽ ڪم

وٺي، جو ميڊم پرڪي ورتو هو تہ مون ۾ لغت بابت ڪي لڇڻ آهن. ان ڪان اڳ بہ مان وقت بوقت سائين سراج صاحب سان هلال پاڪستان اخبار جي آفيس ۾ ملڻ ويندو هيس. ٻوليءَ بابت ڪي سوال ٿاهي ويندو هوس ۽ سائين انهن جا جواب ڏيندو هو. پوءِ جڏهن سائين اخبار ڇڏي ۽ وڪالت واري آفيسن ۾ ويهڻ لڳو تہ سائين سان اتي ملڻ ويندو هوس. ان ۾ آءِ آءِ چندريگر روڊ واري آفيس ۽ ميٽروپول واري آفيس ۾ ملاقاتن لاءِ سائين ڏينهن ۽ وقت مقرر ڪيو هو.

سائين پنهنجي وڪالت جي ڪيسن ۾ انتهائي مصروف رهندو هو پر پوءِ بہ مون کي وقت ڏيندو هو. ظاهر آهي تہ سائين سراج پاران هفتي ۾ ٻہ ڪلاڪ ڏيڻ منهنجي لاءِ غنيمت هئا. وڏي ڳالھ تہ ان وقت سائين مون کي هڪ هزار رپيا ماهوار وظيفو بہ ڏيندو هو. سائين جي صلاح سان مون آمريڪن لائبريريءَ ۾ داخلا ورتي. ڇا تہ لائبريري هئي، ڇا تہ اتي پڙهائي جو ماحول! شام جو ٻہ ڪلاڪ اتي پڙهندو هوس. اهو سلسلو منهنجي يادگيريءَ مطابق اڍائي ٽي سال رهيو. مون ان دوران سائين سراج صاحب وٽان ڪافي پرايو. نہ صرف لسانيات ۽ لغات پر علم ادب بابت بہ سائين ليڪچر ڏيندو هو. هاڻي سائين سراج صاحب سان ڪچهري ڪرڻ ۾ وڌيڪ لطف ٿي آيو. سائينءَ جو اعتماد وڌندو رهيو. ايتري قدر جو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي ليڪچرار جي لاءِ اشتهار آيو. ان وقت وائيس چانسلر سائين مظهرالحق صديقي هو. سراج صاحب سفارش جي سخت خلاف هو. جو هن پنهنجي پائرن، پيٽن يا پٽن لاءِ بہ ڪنهن کي سفارش ڪرڻ کان هميشہ صاف انڪار ڪيو هو. پر منهنجي لاءِ هن صديقي صاحب کي چيو تہ "جيڪڏهن آفتاب اتي مقرر ٿيو تہ اميد تہ هو سنڌي ٻوليءَ جي وڏي خدمت ڪندو. مان سفارش جي خلاف آهيان پر آفتاب غريب ۽ باصلاحيت ڇوڪرو آهي". سائين سراج صاحب، سائين عبدالحميد آخوند کي بہ مون لاءِ سفارش ڪئي هئي، ان وقت سائين آخوند صاحب ڊائريڪٽر ڪلچر هو. اجا ثقافت کاتو مڪمل طور نہ جڙيو هو.

ستر واري ڏهاڪي جي آخري سالن ۾ ٻن ٽن سالن لاءِ ڪراچي

يونيورسٽيءَ جي هاسٽل ۾ رهڻ ٿيو. اردو شعبي جو سربراهه اردو ٻوليءَ جو هاڪارو عالم ڊاڪٽر ابوالليث صديقي صاحب هو. وٽس آفيس ۾ ماڻ ويس ته موچاري موٽ ڏنائين ۽ شام جو گهر اچڻ لاءِ پڻ چيائين وقفي سان وٽس گهر (يونيورسٽي ڪالوني) ۾ ويندو هوس. سوالن جا جواب فهميدي نموني ڏيندو هو. سراج صاحب مون کي IPA (International Phonetic Alphabet) سمجهائي هئي. اهو سوال صديقي صاحب کان به پڇيم. هن خاطرخواهه جواب ڏنو ۽ هٿ لکيل هڪ چارٽ پڻ ڏنو جنهن ۾ انگريزي ـ اردو ۽ سنڌي صوتيا سمجهايل هئا. ساڻس نيازمندي وارو تعلق ٻه ٽي سال رهيو. اردو لسانيات بابت سڀ سمجهايائين. ڪيس هندي لفظن جي پيچ گهڙ بابت سڀ چاڻ هئي.

اڳتي هلي جڏهن سائين سراج صاحب سان رهاڻيون ٿيون ته سندس راءِ معلوم ڪيم ته پاڻ صديقي صاحب لاءِ سٺي راءِ ڪين رکندو هو. وري ڪانئس پڇيم ته مون وٽ شوڪت سبزواري جو اردو ٻولي بابت ڪتاب 'اُردو لسانيات' موجود آهي. ان لاءِ به منع ڪيائين چيائين ته ان جي پيٽ ۾ ڊاڪٽر اسلم فرخي (آصف فرخي جو والد) جا ڪتاب پڙهندو ڪر. سائين سراج صاحب سنڌي عالمن بابت به الڳ راءِ رکندو هو ۽ وقت به وقت ان جو اظهار به ڪندو هو.

هڪ ڀيري، سائين سراج کان پڇيم ته سائين! آخر سنڌو لکت (Indus Script) جو پورو پتو نه ٿو پئجي؟ جواب ۾ چيائين ته اسان جي ان ۾ دلچسپي گهٽ آهي. ان سبب ٻاهرين عالمن جي به دلچسپي گهٽ آهي. جيستائين ڪو مقامي ماڻهو انهن عالم سان گڏ نه ويهندو، نتيجا درست نه نڪرندا. ڪانئس وري پڇيم ته پلا ملڪ ۾ ڪو اهڙو عالم آهي، جيڪو اهو مسئلو حل ڪري؟ وراڻيائين ته ها، پروفيسر داني جيڪڏهن پيا خفا پاسيرا ڪري هڪ منو ٿي ويهي ۽ ڪيس گهربل شيون مهيا ڪجن ته هو اهو مسئلو حل ڪري سگهي ٿو جو هو سٺو آرڪيالاجسٽ، تاريخدان ۽ Epigraphy (قديم لکتن پڙهڻ جو علم) جو ماهر آهي. سائين کي عرض ڪيم ته اوهان

حڪومت کي چئو.. پر اهي ارمان اڌورا رهجي ويا.

آسي (1980ع) وارو ڏهاڪو مون لاءِ ڀاڳن وارو ثابت ٿيو. هر طرف پذيرائي ٿي، محنت ۽ دلي لڳاءَ سان لکيل مضمونن رنگ لاتو. ايتريقدر جو مانوارو سائين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ اسلام آباد مان ڪٿهي، منهنجي اطلاعات کاتي واري آفيس (سنڌ سينٽر_ساموهن پي آءِ اي بڪنگ آفيس) ۾ ملڻ آيو. مون وٽ ڪيس ويهارڻ لاءِ مناسب جاءِ نہ هئي، ان ڪري ڊائريڪٽر ڪريم بخش خالد جي آفيس ۾ ويٺو. منهنجي لکڻين جي ڏاڍي ساراهہ ڪرڻ لڳو بعد ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب اهڙو اظهار پنهنجي خطن ۾ بہ ڪيو. هتي مثال خاطر سندس خطن مان بہ چار ٽڪرا پيش ڪريان ٿو:

اسلام آباد، مورخہ 86_12_21

ادا آفتاب، السلام عليڪم

رسالي "پيغام" (آڪٽوبر_نومبر 1986ع) سان گڏ اوهان جو خط پهتو البت خط پوءِ نظر آيو ۽ اڳ ۾ رسالو ڏٺم ۽ اوهان جو مضمون "درسي ڪتابن جو جائزو" پڙهيم. نهايت خوشي ٿي جو اوهان پوري سنجيدگيءَ سان جائزو پيش ڪيو آهي، جيڪو اميد تہ سنڌ ٽيڪسٽ بورڊ لاءِ ڪارآمد ثابت ٿيندو ۽ ٻئي ايڊيشن ۾ ڪتابن جي درستي ٿي سگهندي. حقيقت ۾ بورڊ کان بہ وڌيڪ لائق مصنفن ۽ ايڊيٽرن کي هن مضمون تي توجهہ ڏيڻ گهرجي. اوهان هي مضمون لکي جيڪا خدمت ڪئي آهي، تنهن لاءِ مبارڪ. اڳتي لاءِ بهتر ائين ٿيندو جو سنڌ بورڊ ڏانهن لکو. وري بہ مبارڪ!

مخلص نبي بخش

اسلام آباد، مورخہ 86_12_31

محترم آفتاب، السلام عليڪم

مون کي اوهان جي مضمون گهڻو خوش ڪيو آهي. خوشي انهيءَ تي ٿي آهي، جو اوهان سنڌي ٻوليءَ جي مزاج ۽ سنڌي نثر جي سٽاءَ کي سمجهو ٿا. مون کي اهڙو ڪو سنجيده سمجهدار گهڻي وقت کان وٽي ڪونہ مليو جنهن ڪري ڀانيم تہ سنڌي ٻوليءَ جو مستقبل انهي ڪري بہ خطري ۾ آهي

جو ٻوليءَ جي صحت کي ڪو سمجهڻ وارو ڪونهي. ماشاءَ الله اهو وهم ختم ٿيو. ٻي خوشي انهيءَ ڪري ٿي، جو اوهان ۾ ٻهاڪي، چوٿين ۽ اصطلاح کي سمجهڻ جي صلاحيت آهي. جنهن جي مون کي ضرورت آهي. لوڪ ادب تجويز هيٺ اول چاليهه ڪتاب جدا جدا موضوعن تي مرتب ڪرڻا هئا، جن مان اوڻيتاليهن تي خاطرخواهه ڪم ٿي چڪو آهي. "ٻهاڪن" وارو ڪتاب باقي آهي. ڏهه هزار کن "سلڻن" جو مواد گڏ ٿيل آهي مگر ڪنهن لائق ڪارڪن جي ضرورت آهي، جيڪو ان کي ورچي جدا ڪري. اوهان مدد ڪري سگهو ته اطلاع ڏيندا ته وڌيڪ گفتگو ڪجي. آءٌ شايد جنوري جي ٻئي هفتي ۾ ڪراچي۔ حيدرآباد اچان. اميد ته بخير هوندا.

مخلص نبي بخش"(8)

محترم سائين بلوچ صاحب اهڙي ريت ٽي دفعا وڏ ڪري، منهنجي آفيس ۾ مون سان ملڻ آيو. هڪ طرف سائين سنديلي صاحب جي محبت، ٻئي طرف ڊاڪٽر بلوچ جي همت افزائي، ٽئين طرف ڊاڪٽر جيٽلي جا ڏڙا ڏڙ خط چوٿين طرف محترم سائين ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي قدر داني، ميڊم مهتاب راشديءَ جي پٺڀرائي. سائين ابراهيم جويي جو سيڙجي منهنجي 'پيغام' رسالي واري آفيس ۾ اچي ٻوليءَ ۽ سنڌي رسم الخط بابت ڪچهريون ڪرڻ سبب خود اعتمادي وڌي ۽ علمي صلاحيتن ۾ اضافو ٿيو.

ڪلچر کاتي ۾ منهنجي بدلي، محترم سائين ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي چوڻ تي ٿي. سائين بلوچ صاحب، سائين عبدالحميد آخوند صاحب کي چيو ته جيڪڏهن کاتي ۾ علمي ۽ ادبي ڪم ڪرڻ گهرو ٿا ته پوءِ اطلاعات کاتي مان آفتاب ابڙي کي گهرايو. ائين ئي ٿيو. مون کي سائين آخوند صاحب گهرايو. مون به ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي لفظن جو مان رکيو ۽ ڪافي محنت سان ڪم ڪيو. آخر اچي هلي سائين ممتاز مرزا سان شاهه لطيف جي قلمي نسخي جي پڙهڻين تي اختلاف ٿي پيو. هن آخوند صاحب کي شڪايت ڪئي ۽ ماحول بگڙجي ويو. وقت ثابت ڪيو ته منهنجي راءِ درست هئي. تفصيل لاءِ ڏسو: تازو ثقافت کاتي حڪومت سنڌ پاران شايع ٿيل "گنج شريف" جو مهاڳ.

اچانڪ ملڪ جو ڦرڪو ڦريو ۽ محترمہ بينظير صاحبہ جي حڪومت آئي. ميڊم مهتاب راشدي ثقافت کاتي جي سيڪريٽري مقرر ٿي. ان کان اڳ، آءُ ساڻس لياقت لائبريءَ ۾ گڏ ڪم ڪندو هوس، ميڊم کي منهنجي صلاحيتن جي پرک هئي. ميڊم مون تي بي حد اعتماد ٿي ڪيو ۽ آءُ تيئن محنت سان ڪم ڪرڻ لڳس، ڏکين حالتن ۾ بہ مون سندس اعتماد کي ڇيهو نہ رسايو. ڪڏهن بہ ساڻس ڪوڙ نہ ڳالهايو. اهو وقت مون لاءِ سونهري دور هو ڪاش بينظير ڀٽو صاحبہ جي حڪومت ختم نہ ٿئي ها، تہ مان ڪنهن وڏي پد تي پهچي وڃان ها.

ان علمي سفر ۾ آءُ لغت سان لنءُ لائيندو رهيس. جيستائين سائين سنڌيلو صاحب ۽ سائين بلوچ صاحب حال حيات هئا. سندن نظر ڪرم رهي. آءُ وٽانئن سنڌي ٻولي ۽ لغت بابت فيض پرائيندو رهيس. لغت بابت مضمون بہ لکندو رهيس. جيڪي هٿ آيا، ان جو وچور هيٺين ريت آهي:

- "لطيف لغت جي ضرورت" شاهہ عبداللطيف ڀٽائي-احوال ۽ افڪار ڊسمبر 1981ع، سنڌ اطلاعات کاتو
- "شاهہ جي رسالي جو لغوي جائزو" نذر لطيف- ڊسمبر 1982ع
- "لغت جي اهميت" ماهوار پيغام جولاءِ 1985ع، سنڌ اطلاعات کاتو.

1987ع ۾ مون وڏي همت ڪري، سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿيل جامع سنڌي لغات جي جلد- 5 تي تنقيدي مضمون لکيو. پڪ هو تہ محترم سائين بلوچ صاحب ناراض ٿيندو پر سائين نہ صرف ناراض نہ ٿيو بلڪ پاڃهہ جي ٻڙي سان، هڪ تفصيلي خط لکيو جنهن ۾ جامع سنڌي لغت جو مذڪور هو ان خط مان بہ ٽي ٽڪرا پيش ڪرڻ گهران ٿو:

"اسلام آباد مؤرخہ 87-04-06

ادا آفتاب وعليڪم السلام اوهان جو خط مؤرخہ 27 اپريل 1987ع پهتو پڙهي خوشي ٿي. لغت جو ڪم پيچيدو آهي پر جي پنهنجي ٻوليءَ سان محبت آهي تہ اهو ڪرڻو پوندو.

افسوس جو "جامع سنڌي لغات" جو ڪم جنهن رٿا سان شروع ڪيو ويو ۽ جنهن محنت سان ان جو مڪمل مسودو تيار ڪيو ويو تنهن جي ڇپائيءَ لاءِ ٻهرئين جلد تي مون عملي ۽ تحقيقي نظر ڪئي ۽ ان کي اعليٰ پيماني تي ايڊٽ ڪيو ۽ ڇپائيءَ جي دوران ان جي پروفن تي ذاتي توجهه ڏنو. ٻهريون جلد ڇپيو ته دنيا جي دستور موجب ڪن صاحبن کي اها ڳالهه پسند نه آئي ته ايڏو ڏکيو ڪم ڪنهن جي هٿان چو پورو ٿيو. نتيجي طور ٻين جلدن جي ڇپائيءَ جو ڪم ڪنهن نه ڪنهن بهاني روڪيو ويو. منهنجي مشورن کي نظرانداز ڪيو ويو پر مقصد پورو نه ٿيو. 1977ع ۾ مون وري به بورڊ کي صلاح ڏني ۽ رٿ ڏني، جنهن موجب 1987ع تائين سڄو مواد وڌيڪ اضافن سان ايڊٽ ٿي شايع ٿي وڃي ها. پر ان وقت آءٌ بورڊ جو ميمبر ڪونه هوس، جو ڪن مهربانن جي ڪوشش سان مون کي "سنڌي ادبي بورڊ" جي ميمبريءَ کان آجو ڪيو ويو هو. انهيءَ ڪري 1977ع واري رٿا منظور نه ٿي ۽ بورڊ فيصلو ڪيو ته مسودو جيئن آهي، تيئن ڇاپي ڇڏجي ۽ اشاعت جي نگراني بورڊ جي چيئرمئن مولانا قاسميءَ جي حوالي ڪئي وئي....

ڪم جو طريقه ڪار هن طرح رکيو ويو آهي ته ٻئي جلد کان ڪم شروع ڪجي، جنهن جا ٻهريان نوي کن (يا زياده) صفحا مون ايڊٽ ڪيا هئا پر باقي سڄو مسودي جي صورت ۾ ڇپيل آهي.

هن ڪم لاءِ لائق ۽ ڄاڻو ڪارڪنن جي ضرورت آهي. مون سوچيو ته اوهان کي بدلي ڪرائي سنڌي ادبي بورڊ ۾ وٺي اچون. ان ڳالهه تي اوهان سوچيندا، في الحال جيئن ته وقت بچائڻو ۽ ڇپائي فوراً شروع ڪرڻي آهي. انهيءَ لاءِ به چار ڪارڪن رکيا، جيڪي جتي آهن، اتي پنهنجي فراغت ۾ ڪم ڪندا. اوهان ان ۾ شامل ٿيو ته نهايت خوشي ٿيندي، جو آءٌ اوهان جي سوچ جي معيار کان مطمئن آهيان. ڪم هن طرح ڪبو جو ڇپيل جلد-2 آڏو رکبو. هر صفحي تي جتي جتي درستين جي ضرورت محسوس ٿئي، اتي ڳاڙهي يا سائي (Ball Point) سان درستيون ڪبيون ته جيئن ڪمپوزنگ وقت نروار ٿي بيهن...

خط ڏکيو تي ويو. شايد ايڏو ڏکيو خط مون ويجهڙ ۾ ڪونہ لکيو آهي. پاڻ تائين رکندا تہ بهتر. خاموشيءَ ۾ ڪم ڪرڻ سعادت آهي. مون کي ان جو ذاتي تجربو آهي. جواب لکندا.

مخلص نبي بخش"(9)

2003ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ هڪ خانگي اداري جي اشتراڪ سان "اردو-سنڌي لغت" شايع ڪرائي، جيڪا 'فيروز اللغات-اردو' جو چرٻو هئي. مون خط لکي، ان وقت جي چيئرمئن ڊاڪٽر قاسم ٻگهئي صاحب کي اهڙي غير معياري ڪم شايع نہ ڪرڻ جي صلاح ڏني. پر هو باز نہ آيو. جڏهن لغت شايع ٿي تہ ان تي تفصيلي تنقيدي مضمون لکيم. جيڪو هلال پاڪستان ۾ 18 اپريل 2003ع تي شايع ٿيو.

1991ع کان 1993ع تائين ڏاڍا ڏکيا ڏينهن گذريا. جو ان دوران آءٌ ثقافت کاتي پاران نوڪري تان معطل هيس. ان دوران منهنجو هڪ پراڻو مهربان مظهر يوسف سهراب ڳوٺ، منهنجي گهر آيو ۽ چيائين تہ وقت نہ وڃاءِ. سنڌي ٻارن لاءِ درسي نصاب مطابق ڊڪشنري تيار ڪر. هن گهربل ڪتاب بہ وٺي ڏنا ۽ ماهوار خرچ لاءِ بہ بہ چار هزار ڏيندو هو. منهنجا ٻار مون سان گڏجي ڪم ڪندا هئا. انهن کي الڳ خرچي ڏيندو هو. بهرحال مون مواد تيار ڪري ورتو ۽ ڪتاب 1992ع ۾ شايع ٿيو. سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجي نوعيت جي اها پهرين ڊڪشنري هئي، ان جو نالو: "سنڌي-جونيئر اسڪول ڊڪشنري" رکيو ويو. جونيئر اسڪول ڊڪشنري ان ارادي سان تہ ميٽرڪ کان مٿي وارن ٻارن لاءِ "سينئر اسڪول/ڪاليج ڊڪشنري" تيار ڪئي ويندي ان جا ڪيئي ڇاپا پڌرا ٿيا. ان کي وڏائي هاڻي اداري جي نالي سان "پيڪاڪ اسڪول ڊڪشنري" نالو رکيو اٿم. ان ۾ ڪافي سڌارا ۽ واڌارا ڪيا اٿم. ان جي تمام سني موٽ ملي آهي. اها ڊڪشنري 2019ع ۾ شايع ٿي آهي.

مانوارو سائين ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب سنڌي ٻولي ۽ گرامر جي بهتريءَ لاءِ هميشه پاڻ پتوڙيندو رهيو آهي. منهنجي لغوي ڪم کي به ساراهيندو رهيو آهي. پاڻ پنهنجو ڪتاب "The Origin and Growth of Sindhi Language Published by Institute of Sindhology" (2002) اعزازي طور ڏنائين. ان تي پنهنجي شفقت سان هيٺيون نوٽ لکيو هيائين:

"Presented with highest regards to Mr. Aftab Abro whose contributions to Sindhi Linguistics are countless. I am personally satisfied with his work in the field of Sindhi Lexicography. -Sd. 26-03-2003."

پاڻ جڏهن اٿارٽيءَ ۾ چيئرمئن هو ته مونکي اٿارٽي پاران ٻارن لاءِ ڊڪشنري جوڙڻ جو ڪم ڏنو هئائين، مون اها تيار ڪري مواد اٿارٽيءَ حوالي ڪيو هو پر پوءِ 'مانوارو' سائين قاسم ٻگهيو صاحب چيئرمئن ٿي آيو ته هن الانا صاحب جا تقريباً سڀ پراجيڪٽ رد ڪيا. منهنجي ڊڪشنري به ان جي ور چڙهي ويئي.

مشهور اداري آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس پاران، تعليم کاتي، حڪومت سنڌ جي اسڪولي ٻارن لاءِ انگريزي-سنڌي ۽ انگريزي- اردو ڊڪشنريون تيار ڪيون ويون. سنڌيءَ واري ڊڪشنري غيرمعياري هئي. ان تي تنقيدي مضمون لکيم. جنهن ۾ ڪوڙ سارين غلطين جي نشاندهي ٿيل هئي. ان مان مثال خاطر ٻن لفظن جو ذڪر ڪجي ٿو:

"انگريزيءَ ۾ لکيل هو 'He cat' ۽ 'She cat' ان جو ترجمو ڪيل هو: نر ٻلو ۽ مادي ٻلو- Gallery جي معنيٰ لکيل هئي: ٻاهر نڪتل ڇڄو جتي ڪپڙا سڪائبا آهن. اهو تنقيدي مضمون مون وٽ اڃ به سانديل آهي. اهو خط جڏهن محترمه امينه سيد کي مليو تنهن جاچ ڪرائي ته ان جو ايڊيٽر صاحب ڊوڙندو مون وٽ آيو ۽ صرف ايترو چيائين ته ادا منهنجي نوڪريءَ جو سوال آهي..... مون ڪٽي ماٺ ڪئي.

ميڊيم فهميده حسين جي سربراهيءَ ۾ 2011ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران هڪ نئين اسڪيم "مفصل سنڌي لغت" جي نالي سان منظور

ڪرائي ڪم شروع ڪرايو ويو. جنهن تحت سنڌيءَ ۾ موجود شايع ٿيل اڳوڻين ويهارو کن لغتن ۽ 'جامع سنڌي لغات' جي اندر موجود لفظن ۾ ٻيهر نئين سر واڌارن ۽ سڌارن سان 20 جلدن ۾ اها لغت جوڙڻ جي رٿا تي ڪم شروع ٿيو ان ۾ مونکي سينئر ايڊيٽر طور مقرر ڪيو ويو. ان جا 5 جلد شايع ٿي چڪا آهن ۽ ڇهون ڇڪاس هيٺ آهي. ميڊم فهميده جي دؤر ۾ ڪم سٺو ۽ معياري ٿي رهيو هو. ڇاڪاڻ ته ايڊٽنگ جو ڪم ميڊم پاڻ ڪندي هئي ۽ ان ۾ مناسب واڌارا ۽ فعلن جا گردان ڏيندي هئي. هاڻي اهو ڪم نالي ماتر ٿي رهيو آهي، جنهن بابت خط لکي اداري کي آگاهه ڪيو اٿم.

"اشتقاقي لغات لطيف" منهنجي پياري سائين ڊاڪٽر عبدالڪريم سنڌيلي جي تيار ڪيل لغت آهي. جنهن ۾ شاهه لطيف جي چونڊ لفظن جي معنيٰ ۽ ڌاتو ڏنا اٿائين. ان لغت تي سائين 1950ع کان ڪم ڪندو رهيو. ڪم ڇيڙهالو هو سندس خيال هو ته ڊاڪٽر گربخشاڻي جنهن اهو ڪم ڇڏي ويو آهي، ان کي اڃا به معياري ۽ مڪمل ڪجي. زندگي سندس ساٿ نه ڏنو ۽ اها لغت اڌ ۾ ڇڏي ويو... هن وقت آءٌ ۽ سندس لائق پٽ ڊاڪٽر اسلم سنڌيلو اهو ڪم گڏجي پورو ڪري رهيا آهيون. سنڌيلي صاحب به اهڙي پارت پڻ کي ڪئي هئي. ڪوشش آهي ته اهو ڪم مڪمل ٿي ڪري "ڊاڪٽر عبدالڪريم سنڌيلو اڪيڊمي" طرفان شايع ٿئي. 'اشتقاقي لغات لطيف' جو پهريون جلد شايع ٿي چڪو آهي، ٻئي جُلد تي ڪم هلي رهيو آهي.

لُغت سان عشق جو قصو ڊگهو آهي، ڪڏهن به ڪٿي به لغت بابت ذڪر ٿيندو هو/ آهي ته وس آهر ان ۾ حصو ضرور وٺندو رهيو آهيان. پيو نه ته به ڏيان سان ٻڌندو ضرور آهيان. ڪٿان نوان چار لفظ مليا ته ڪٿان جوڙنهن! سپ سنڀاري رکندو آهيان ۽ محل موقعي جي حساب سان انهن کي استعمال ڪندو رهندو آهيان. ميڊم فهميده حسين، ڊاڪٽر سنڌيلي صاحب توڙي ڊاڪٽر بلوچ صاحب پاران لغت جي ترقيءَ ۽ ترويج بابت سپ سبق ياد آهن. ڊاڪٽر سنڌيلو صاحب لغتن جي خريد ڪرڻ جون صلاحون ڏيندو هو ۽ آءٌ ڪوشش ڪري اهي وٺندو هوس. ان حوالي سان

مختلف ٻولين جي مُستند لغتن جو چڱو موچارو ذخيرو گڏ ٿي ويو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي ته ڪا ڊڪشنري مشڪل سان اوجهل هجي. البت عربي، فارسي، سنسڪرت، هندي، اردو، گجراتي وغيره ۽ مختلف مضمونن: Geography, Geology, Physics, Chemistry, Philology, Religions, Arts, Science, Mathematics, Writers, Linguistics, International Encyclopedia of Linguistics. جهڙين لغتون موجود آهن. لغتن مان لفظ ڪيئن ترت ڳولجن ۽ مادن ڏسڻ جون واٽون سائين سنڌيلي مرحوم سيکاريون.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب مونکي ٻه پارٽون ڪري ويو: هڪ ته سنڌي ٻهاڪن ۽ اصطلاحن تي ڪم ڪريان. اهڙو اظهار سائين ثقافت کاتي پاران ڪوٺايل هڪ پروگرام ۾ (ممتاز مرزا آڊيٽوريم، حيدرآباد) ۾ ڪيو هو. انهن مان اصطلاحن تي ڪم تقريبن پورو ڪري ويو آهيان. جڏهن ته "ٻهاڪن" تي ڊاڪٽر صاحب جي ڏنل هدايتن مطابق معياري ڪم اجا ڪرڻو آهي. انشاءَالله ڀرپور فرصت ۾ انهن ۾ هٿ وجهبو. اميد ته اهڙو ڪم ڪبو جيئن ڊاڪٽر صاحب جي روح کي راحت اچي. ان کان علاوه ڊاڪٽر صاحب هڪ ٻيري ڏيان ڇڪايو ته سنڌي ظرف (Adverbs) ٻين ڏيهي ٻولين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ گهرا ۽ مائيدار آهن. ان جون ڪوڙ ساريون نراليون خصوصيتون ۽ رخ آهن. انهن کي نروار ڪرڻ جي ضرورت آهي، سو وقت ڪڍي ٻه انهن (ظرفن) تي ضرور تحقيقي ڪم ڪجانءِ. سائين سان وعدو ڪيو هيم، وقت مليو ته پنهنجي مُحسن سان اهي ٻار پارينديس. (ان قصي کي اتي ختم ڪريون ٿا...)

پروفيسر محمد سليم ميمڻ:

ايم اي سنڌيءَ ۾ منهنجو استاد هو. سائنس نيازمندي جو تعلق 1975ع کان آهي، جيڪو وقت پڄاڻان وڌندو ئي رهيو آهي. ان ۾ سائين جي شفقت ۽ مهربانين جو ڪمال آهي.

مون ايم اي ڪرڻ کانپوءِ سنت ئي ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ پي ايچ ڊي (Ph.D) ۾ داخلا ورتي. عنوان هو: "شاهه جي رسالي جو لساني اڀياس" تحقيقي

ڪم پورو ٿيڻ تي هو ته استاد سائين ڊاڪٽر نواز علي شوق (گائيڊ) ڪن "مهربانن" جي چوڻ تي ڪم ۾ رنڊڪ وجهي ڇڏي ڪم مان آءٌ به مطمئن ڪو نه هيس. جو استاد محترم لسانيات جي باري ۾ پنهنجا گهڻ چاڻ رکندڙ آهي. پوءِ پي ايڇ ڊي تان آرواح ٿي ڪچي ويو. ماٺ ڪري ويهي پيا تحقيقي ڪم ڪندو رهيس.

ان وچ ۾ اردو يونيورسٽي جي پروفيسر ظفر اقبال جيڪو ان وقت آرٽس فيڪلٽيءَ جو ڊين به هو ان سان ريجهه رهاڻ ٿي. سائين اصل ۾ لاڙڪاڻي شهر ۾ تمام گهڻو عرصو گذاريو. اتي ڪاليجن ۾ پڙهايو ڪيس سنڌي سني ايندي هئي. ان صلاح ڏني ته آءٌ "سندهي اور اردو زبانون ڪي باهمي رشتي" جي عنوان تي ڪم ڪريان. ڪانئس به هفتا مهلت ورتم. ان وچ ۾ ميڊم مهتاب اڪبر راشدي ۽ محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب سان خط لکي مشورو ڪيم. ميڊم راشدي ڪي اها پڻ آڇ ڪيم ته آءٌ سندس شخصيت تي اهڙو ڪم ڪرڻ گهران ٿو. ميڊم راءِ ڏني ته آءٌ شمشيرالحيدري جي ادبي خدمتن تي ڪم ڪريان. البت ڊاڪٽر بلوچ صاحب صلاح ڏني ته اردو يونيورسٽيءَ ۾ ان موضوع تي ڪم ڪريان. جنهن سان ملڪي سطح تي نالي ڪيڻ ۾ موقعو ملندو. پروفيسر ظفر اقبال سان مليس. هن دير ئي نه ڪئي ۽ ماهرانه انداز ۾ مقالي جا پاڳا (synopsis) لکي ڏنا. جيڪي کڻي آءٌ رجسٽرار صاحب وٽ ويس. ان مون کان رواجي به چار سوال پڇيا ته مون ڪيس خاطر خواهه جواب ڏنا. سُڻي اچي اتي آڪي ته هو صاحب چئي ته ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب سنڌي لسانيات تي وڏو ڪم ڪيو آهي. مون ڪيس عرض ڪيو ته ميمڻ صاحب ڪي به چار مضمون لکيا هوندا. البت هو لسانيات يا لغات جو ماڻهو نه هو. ان تي هو ضد پڪڙي بيهي رهيو. هڪ به دفعا ساڻس ملاقات ڪيم پر هو پڙ ڪڍي بيهي رهيو. وڏيڪ مون به ڪيس منٿ ڪا نه ڪئي. البت ڊين (Dean) صاحب ڪي دانهن ڏنم. ورپو ڪجهه به ڪين. پوءِ وري چپ جو روزو رکي، سوڙ پائي سمهي رهيس.

آخر هڪ ڏينهن محترم سائين سليم ميمڻ صاحب جي فون آئي. چيائون ته مون سان يونيورسٽيءَ ۾ ملي وڃ. ساڻس ملڻ ويس. چيائين ادا، پي

ايچ ڊي ۾ داخلا وٺڻ هي آخري سال آهي، پوءِ ان جو سڄو نظام بدلجي رهيو آهي. اوهان کي ڏاڍي مشڪل ٿيندي. سائين جي شفقت ڀرئي انداز آڏو انڪار ڪري آءٌ به نه سگهيس، ٻين لفظن ۾:

جوڳيءَ جاڳايوس، ستو هئس ننڊ ۾،
تهان پوءِ ٿيوس، سندي پريان پيچري.
(قاضي قادن)

اهڙيءَ ريت مون ميڊم فهميده حسين جي نگرانيءَ ۾ پي ايچ ڊي ڪرڻ لاءِ رجسٽريشن ڪرائي. ان وچ ۾ پي ايچ ڊي جي حوالي سان يونيورسٽيءَ ۾ ڪوڙ سارا مسئلا سامهون آيا، پر سائين جي سهڪار سان سڀ سٺاوا ٿيندا ويا. سائين جو وک وک تي ساٿ رهيو. آخر پي ايچ ڊي مڪمل ڪري پار پياسين.

اڳتي هلي شاهه لطيف چيئر طرفان "انسائيڪلو پيڊيا آف شاهه عبداللطيف ڀٽائي" بابت پراجيڪٽ شروع ٿيو ته مون کي ان ۾ ايڊيٽر طور کنيو ويو. ان دوران سائين سان وڌيڪ ويجهڙائي ٿي، جو "انسائيڪلو پيڊيا" جون اڪثر گڏجاڻيون، سنڌي ٻولي اٿارٽي حيدرآباد ۾ ٿينديون هيون. اچڻ وڃڻ سائين سان گڏ ٿيندو هو. ان دوران سائين سان ڪافي ڪچهريون ٿينديون هيون. اڳتي هلي، سائين آغا سليم صاحب، سائين سليم ميمڻ صاحب، منظور احمد ڪناسرو صاحب، نثار ميمڻ صاحب سان جوڙ نهيو پوءِ ته ڪافي رهاڻيون ٿيون. ثقافت کاتي لاءِ اهم پراجيڪٽ انهن ڪچهرين ۾ رٿيا ويندا هئا، جن تي اڳتي هلي عمل به ٿيو. وقت گذرندو رهيو اطلاعات کاتي مان رٽائرمينٽ ورتي، اچي پنهنجي اداري 'پيڪاڪ' ۾ ويٺس. ڪم هلندو رهيو. ان دوران زماني جي لحاظ کان، جڏهن به ڪي ڏکيا ڏينهن آيا ته صرف سائين سليم صاحب ئي ڪم آيو.

ميڊم پروفيسر فهميده حسين صاحبه جي اٿارٽي ۾ چيئرپرسن طور وڃڻ کانپوءِ، انسائيڪلوپيڊيا آف شاهه عبداللطيف جي تيار ڪرڻ جو سڄو بار سائين سليم صاحب جي ڪلهن مٿان پيو. انتهائي ڏکيو ۽ اينگهائيندڙ ڪم آهي. ڇهه ايڊيٽر: سيد امداد حسيني، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو تاج جويو، ڊاڪٽر رخمان گل پالاري، سليم ڀٽو لطيفي، پروفيسر عبدالله

ملاح هر هڪ جو رخ الڳ، ڪي پيرائون ڪٽين تہ ڪي وري شامل ڪن. ڪي ايڊيٽر نئون مواد شامل ڪن. انهن سڀني کي پيٽي هڪ ڪرو ۽ بامقصد بڻائڻ انتهائي پيچيدو ڪم آهي، جنهن کي سائين پنهنجي همت، جستجو ۽ اعليٰ صلاحيتن سان مڪمل ڪري ڏيکاريو. ميڊم فهميده حسين ۽ ڊاڪٽر الانا جن آخري مرحلي تائين هن سان .شامل رهيا. انسائيڪلوپيڊيا جو پيون جلد بہ ڇپجي پڌرو ٿي چڪو آهي.

پوءِ محترم سائين محمد سليم ميمڻ صاحب وڙڪري، منهنجي دلي خواهش مطابق "جامع لغات لطيف" جو پراجيڪٽ منهنجي حوالي ڪيو تہ منهنجا ٿڪ لهي پيا. 1981ع کان من اندر جيڪا لوچ هئي سا مائي ٿي. زندگي جو مول مقصد ساپيان ٿيندي نظر آيو.

'جامع لغات لطيف' جو پهريون جلد 2018ع ۾ شايع ٿيو جنهن ۾ پنج سر: ڪلياڻ، يمن ڪلياڻ، کنڀات، سريراڳ ۽ گهاتو شامل آهن. ٻئي جلد ۾ سر سامونڊي، سريراڳ، کاهوڙي، ڪاپائتي، پرڀاتي، بلاول، ڪارايل، ڏهر، رپ ۽ پورب تائين سُر مڪمل ڪري ورتا آهن.

اهو جلد ڇپائي جي مرحلن ۾ آهي. ان کان پوءِ وارو جلد، سسئي جي پنجن سرن: آبري، ديسي، معذوري، ڪوهياري ۽ حسيني بابت هوندو. چوٿون جلد شاھ جي سورمين بابت هوندو. پنجين جلد ۾ باقي مواد آڻڻ جي ڪوشش ڪندا سين.

آءُ پنهنجي ليکي مطمئن آهيان تہ محترم سائين سراج صاحب شاھ جي رسالي جي لغت بابت جيڪي ڪجهہ سمجهايو ۽ جيڪو لغت جو خاڪو ٺاهيو هيو ۽ سندس هدايتن پٽاندر مون ڪارڊ بہ ڇپايا هئا. هي لغت ان مطابق آهي. (سائين سراج صاحب جي لغت جو دائرو اجا وسيع هو) هن لغت ۾ گنج سميت تقريبن سڀني مشهور عالمن جي رسالن کي سامهون رکيو ويو آهي. اهڙي طرح شايع ٿيل رسالي جي سڀني لغتن (روشني- ڊاڪٽر بلوچ سميت) کي سامهون رکيو ويو آهي. هر هڪ لفظ جي معنائن تي باقاعده غور ويچار ڪيو ويو آهي. هر هڪ عالم جي مختلف پڙهڻين جو

اپياس پڻ پيش ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه هر هڪ لفظ بابت 5 کان 12 اضافي لغتن جو تنقيدي مواد شامل ڪيو ويو آهي. ڪن هنڌن تي اختلاف جي صورت ۾ مون "وضاحت" جي عنوان سان اضافي چاڻ پڻ ڏني آهي. آءُ خاطريءَ سان چوان ٿو ته هن کان اڳ، شاهه لطيف بابت اهڙو تحقيقي لغاتي ڪم نه ٿيو آهي. گربخشاڻي صاحب جيڪو نور نچوئيو آهي، ان جو آءُ مداح آهيان. ڏاتن بابت مون ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي ۽ ڊاڪٽر بلوچ تي ياڙيو آهي.

پلئون پَل جو چيهه ڪونهي، غلطيون مون کان به ٿيون هونديون. پر وس آهر ڪا ڪمي ڪا نه ڇڏي اٿم. اهو سبب هو جو "جامع لغات لطيف" جي پهرين جلد تي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ڀاران عالمن جي ڪاميٽي طرفان ڪيل فيصلي موجب مون کي انعام ۽ ايوارڊ ڏنو ويو.

انهن سيني ڪمن-ڪارنامن کي سرانجام ڏيڻ ۾ ڪليدي ڪردار محترم سائين سليم صاحب جو آهي. سندس وڏو وسارڻ جهڙا نه آهن سندس قربن جو ڪو ڪاٿو ڪونهي. البت پنهنجي دلي اطمينان خاطر هي پيار جو پورهيو سندس نالي ڪريان ٿو. شل قبول پئي.

گل محمد عمراڻي صاحب:

عمراڻي صاحب کي آءُ 'لغتن جو عاشق' سڏيندو آهيان. عمراڻي صاحب منهنجي لغت واري ذوق کي ڏاڍو پسند ڪندو آهي. وٽس شاندار لغتن جو ذخيرو موجود آهي، جن جو هن گهرائي سان مطالعو ڪيو آهي. تازو پنهنجي هڪ تحقيقي مضمون "جديد اردو جي پهرين صوتياتي لغت" (روزاني ڪاوش- 15 اپريل 2020ع) ۾ مون کي به ياد ڪيو اٿائين لکي ٿو ته "پاڻ وٽ سنڌيءَ جا مختلف لهجا آهن. جن کي هڪ معيار تي آڻڻ لاءِ اهڙي صوتياتي لغت آڻڻ ضروري آهي. اشتقاقي لغتون ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو ناهيون ۽ هاڻي ڊاڪٽر آفتاب ابڙو شاهه عبداللطيف جي ڪلام تي تحقيقي لغت ناهي رهيو آهي ۽ وڏي عرق ريزي سان ڪم ڪري رهيو آهي".

سائين عمراڻي صاحب جا لک لائق جو مون جهڙي هڪ شاگرد کي ايتري اهميت ڏين ٿا. سو حجت ڪندي کين عرض ڪيم ته سائين "علم لغت" بابت ڪتاب تي پيش لفظ لکي ڏيو. سائين جن پنهنجي فياضي سان هڪ شاندار ليک لکي موڪليو جنهن ۾ منهنجي علمي ڪمن جي ساراهه ڪئي اٿائين. ڪجهه صلاحون به ڏنيون اٿائين، سڀ اکين تي، ان پورهيي لاءِ سائين جا احسان مڃان ٿو ۽ اميد ٿو ڪريان ته مستقبل ۾ به سائين جو شفقت وارو هٿ رهندو.

ڊاڪٽر اسلم سنديلو: اسلم لاءِ مون وٽ حيثيت هڪ ڀاءُ واري آهي. جيڪڏهن منهنجو ڪو حجت وارو دوست ۽ ساٿي آهي ته اهو ڊاڪٽر اسلم آهي. هميشه آنڌي مانجهي سڏ ۾ ساٿي رهيو آهي. کيس پنهنجي لائق والد جا سبق ياد آهن، ان آڌار ڏاڍي عزت ڪندو آهي. ادا اسلم جا احسان جو ضرورت وقت والد صاحب جي لائبرري مان گهربل ڪتاب ڳولي ڦولي ڏيندو آهي.

جاويد بوزدار: نهايت فهميدو ۽ فرمانبردار مون سان "جامع لغات لطيف" واري پراجيڪٽ ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. بنيادي طور هو صحافي آهي، پر تحقيقي ڪم ۾ به دلچسپي رکي ٿو. گذريل چئن سالن کان مون سان گڏ آهي، کيس علم لغت ۽ لسانيات جا سبق سيکاريا اٿم، جن کي هو سمجهي ويو آهي. ان مطابق هن وقت هو لطيفي لغت تي نهايت سمجهداريءَ سان ڪم ڪري رهيو آهي. ڏکين حالتن ۾ به هن ڪڏهن منهن ۾ گهنج نه آندو ۽ صبر سان ڪم ڪندو رهي ٿو.

عبدالڪريم آزاد سميجو: آزاد به انهن محققن مان هڪ آهي. جنهن کي لغت جي فن جي ڄاڻ آهي. ڪتاب جي تياري وقت مختلف اصطلاحن بابت سائنس صلاح مشورو ڪندو هيم. وٽس به لغتن جو چڱو ذخيرو موجود آهي. پاڻ هن وقت "ڍاٽڪي" لهجي بابت لغت تيار ڪري رهيو آهي. آزاد، پنهنجي مزاج ۾ شلجڻو ۽ کانڌ وارو ڪاهوڙي آهي.

ڊاڪٽر رياضت برڙو: باهمت ۽ اورچ اديب آهي. ملڪ نمڻ کان پوءِ سنڌي لغتن ۽ گرامر بابت جيڪو ڪم ٿيو آهي ۽ ڪهڙيون ڊڪشنريون ۽

گرامر جا ڪتاب شايع ٿيا آهن، سي سڀ وٽس موجود آهن. رياضت برڙي جي پي ايڇ ڊي جو موضوع آهي: "سنڌي لغت نويسيءَ جو تحقيقي مطالعو" ان حوالي سان تمام سٺو ڪم ڪيو اٿائين. منهنجو دلي دوست آهي.

مختيار احمد ملاح ته بنھ ويجهو دوست آهي. ڪيس اجازت هوندي آهي ته منهنجي غير موجودگيءَ ۾ ذاتي لائبرري مان ڪو ڪتاب ڪڍي وڃي سگهي ٿو. ڪيس حوالن (References) ڳولڻ جو هنر آهي. ان ڪان علاوه انٽرنيٽ مان استفادو حاصل ڪرڻ خوب ڄاڻي.

نياز سرڪي دلي دوست آهي، ڪتاب ڪٺي ڪرڻ جو ڪوڏيو آهي. هي ٺل شهر، ضلعو جيڪب آباد ۾ رهي ٿو. سنڌي ادب، تاريخ، لغت، گرامر وغيره بابت انمول ڪتاب وٽس موجود آهن. ڪائنس جڏهن به ڪتاب جي گهر ڪئي اٿم، وڙ ڪري، اتان موڪليندو آهي. ان ۾ ڪڏهن ڪُپت ڪانه ڪندو آهي. نياز ۾ نئڙت وارو مڙس آهي. هميشه جيءَ سان جيءُ ڪندو آهي.

مظهر علي ابڙو (ڏوتيو) شهيد بينظير يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائيندو آهي، ڪيس جديد لسانيات، گرامر ۽ ڪمپيوٽر سائنس جي تمام سٺي ڄاڻ آهي. عالمگيرت (Globalization) جي موضوع تي مهارت رکي ٿو. سندس ڪوشش سان سنڌي ٻولي پاڪستان مان پهرين ٻوليءَ طور عالمي ٻولين جي سٽ (Digitization) ۾ شامل ٿي آهي. سندس ڪوشش ڪي قدر جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو. مظهر به مون کي ڪافي ويجهو آهي. اهي 'ويجهو دوست' انهن کي پانيان ٿو جيڪي وقت تي ڪم اچن ۽ سڏ ۾ ساٿي ٿين.

انهن پيارن دوستن ڪان علاوه ڪوڙ سارا ٻيا به دلي دوست آهن، جيڪي ضرورت وقت علمي ڪمن ۾ مددگار ٿين ٿا، عزت ڪن ٿا ۽ پيار پائن ٿا، ڊيگهه سبب انهن جا نالا ڪو نه ٿو ڏيان.

لغت جي فني پهلوئن کي پيهر، ٿيهر پڙهيم ان دوران احساس ٿيو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ "علم لغت" بابت ڪو ڪتاب هجڻ گهرجي! ڪاش! ان ڪم جي ابتدا ڊاڪٽر گربخشاڻي، مرزا قليچ بيگ، علامه دائود پوٽو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، پيرومل مهرچند آڏواڻي،

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، عثمان علي انصاري، محمد بخش واصف وغيره ڪن ها! ڪين لغت جي پهلوئن جي بهتر ڄاڻ هئي. ان ڪان پوءِ ان ۾ اضافو ٿيندو رهي ها. پر ائين ٿي نہ سگهيو. هاڻي حال حبيبان پيش پريان، ان اهم علمي ڪم جي شروعات ڪجي ٿي، اميد تہ وقت سان گڏ ان ۾ واڌارا ۽ سڌارا ڪيا ويندا. خاطري اٿم تہ مختلف نوجوان جيڪي ان فيلڊ ۾ اسري رهيا آهن، سي ان جي مختلف موضوعن:

(1) علم معني (Semantics)

(2) علم لسان (Philology)

(3) علم اشتقاق (Etymology)

(4) خاصيت بدل (Mutation)

(5) خاصيت اڪرمٽ (Metathesis)

(6) خاصيت ادغام (Assimilation)

بابت الڳ الڳ ڪتاب لکندا. جيئن جيئن 'علم لغت' عام ٿيندو، سنڌي ٻوليءَ جو معيار بهتر ٿيندو. اسان کي پنهنجن لفظن جي پرک ٿيندي، لفظن جي ارتقا، تبديلي، مٽ سٽ، حرفي ۽ صوتي جوڙجڪ، لفظن جي معنائن بابت علمي ڄاڻ حاصل ٿيندي ۽ين جي ڏسيل واٽن بدران اسان پنهنجي شاهي سڙڪ تي پاڻ هلندا سين.

## حوالا:

(1) جيٽلي مرليڌر ڊاڪٽر "ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ" اکل ڀارتيہ سنڌي ساهتيہ، دهلي 1999ع ص، 38

(2) Stack, George, Captian, A Grammar of Sindhi Language, Sindhi Language Authority, 2011, p-5

(3) سنڌي- انگريزي ڊڪشنري: مقدمو پرمانند ميوارام، قيصر يہ پريس، حيدرآباد سنڌي (1910ع) ص1

(4) اصل ماخذن کان سواءِ حوالي طور نوجوان محقق رياضت برڙي جي

ترتيب ڏنل ڪتاب "لغت نويسيءَ بابت مضمون ۽ مقالا"، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2018ع مان مدد ورتي ويئي آهي
(5) گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ايم. اي. (مقدمو) "رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو عرف شاهه جو رسالو"، جلد_I، 1923ع، ص_134
(6) آڏواڻي ڀيرومل مهرچند، "گربخشاڻي وارو شاهه جو رسالو"، سنڌ ثقافت کاتو، 2018ع_ ص، 63
(7) سنديلو اسلم، ڊاڪٽر_ سهيڙيندڙ "پريت جا پيچ"، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو اڪيڊمي، ڪراچي، 2019ع، ص_152
(8) بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر، "سڄڻ ساريندي (ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جا لکيل خط)"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 2005ع_ ص، 16_18
(9) ساڳيو.

باب پهريون

# علم لغت Lexicology

علم لغت، علم لسانيات جي هڪ شاخ آهي، جنهن جو واسطو لفظ جي شڪل، نوعيت ۽ ان جي معنيٰ سان آهي. ان حوالي سان، اهو علم قديم ترين علمن مان هڪ آهي. انسان جڏهن به ڪا نئين شيءِ ڏٺي، ڪو مشاهدو ماڻيو ته ان بابت سندس ذهن ۾ ڪو تصور جوڙيو پوءِ ان شيءِ جي صورت، حالت، هيئت، ڪيفيت، رنگ، ذائقي، عمل، چرپر وغيره کي ذهن ۾ رکي، ان تي نالو ڏنو. اهڙو عمل دنيا جي هر قديم ٻوليءَ ۾ پنهنجي تاريخي، تهذيبي ۽ سماجي پسمنظر کي ذهن ۾ رکي ڪيو ويو. ان سموري عمل ۾ جيڪي لفظ ڳڙيا، جيڪي تصور ۽ اصلاح جڙيا، انهن بابت ڄاڻ کي علم لغت چئجي ٿو.

## لفظن جا تصور

لغت جي ماهرن (Lexicologists) جي عام راءِ آهي ته جهڙي ريت هيءَ ڪائنات تهن ۾ ڄڪڙيل آهي: ست آسمان، ست زمينون، ست سمنڊ ۽ ان جا وري تهه، اهڙي ريت لفظن جا به تهه (Layers) ٿين ٿا. ڪنهن شيءِ جي مشاهدي سان ذهن ۾ ڪو تصور جڙي ٿو. ان کي مورتي نشانيون (Pictographs) سڏين ٿا. پوءِ اڳتي هلي، ان شيءِ جي رنگ روپ، قدبت، هلت چلت، نسل، بوءِ، ذائقي، اثر، مزاج، خوبي، خاصيت وغيره سبب نيون معنائون ڦٽن ٿيون. هر قوم لفظن جون پنهنجي مشاهدي، سماجي رسم رواج، عقل، فهم ۽ ادراڪ مطابق معنائون ڪڍي ٿي. ان کي انوماني يا تصوراتي نشانيون (Ideographs) سڏين ٿا. 'سج' جي نشاني مان: روشني، ڏينهن، گرمي، پوک پچائيندڙ طاقت، سون يا سونهري رنگ وغيره جي معنيٰ ورتي وئي. عربي لفظ 'ڪفر' جي بنيادي معنيٰ آهي: لِڪائيندڙ-ڍڪيندڙ

انڪري 'رات' کي بہ ڪافر چيو ويو. ڇاڪاڻ تہ اوندھ ڪيترين شين تي پردو وجهي ٿي. ڪارن ڪڪرن کي بہ ڪافر چيو ويو جو اُهي آسماني ستارا گم ڪن ٿا. درياھ ۽ سمنڊ کي بہ ڪافر چيو ويو ڇاڪاڻ تہ اهي بہ هيرن موتين سان گڏ ڪيترين شين کي لڪائي ڇڏين ٿا. ايتريقدر جو هاريءَ کي زمين ۾ ٻج لڪائڻ سبب 'ڪافر' سڏيو ويو. 'قبر' کي 'الڪفر' سڏيو ويو جو اُها مردي کي لڪائي ٿي. 'محبوب' کي بہ ڪافر سان تشبيہ ڏني ويندي آهي، جو اهو عاشق آڏو پنهنجي چاهتن کي لڪائيندو آهي. مسلمان جو ضد 'ڪافر' بہ ان ڪري ٿيو جو هو ابدي حقيقتن کي لڪائي ٿو.. (لغات قران۔ پرويز۔ص 1438).

'آگوٺي' جي نشاني يورپين لاءِ ok، بھتر، نيڪ آهي، پر اسان لاءِ انڪار جي نشاني آهي، يعني ڪم ڪان نٻ جواب، انڪار بدلحاظي جواب.

سنڌي لفظ اوگهٽ جڏهن هنديءَ ۾ ويو تہ ٿيو اوگهٽ: "آتڻ ۾ اوگهٽ، ڪانڌ ڪنهن جي مَ ڪري" (ديسي) هنديءَ ۾ وري ان جي معنيٰ هن ريت ڪن ٿا. 'اوگهٽ، او=خراب+ گهٽُ، لنگهہ، گُذر۔ ناهموار راھ (هندي۔اردو لغت، راجيسور راءِ، ص98) اهو لفظ اسان وٽ ان معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي.

'سَبَق' جي عبراني ٻوليءَ ۾ معنيٰ آهي: پوئتي ڇڏي ويو. عربيءَ ۾: اڳتي وڌي ويو. ٻنهي جو مفهوم ساڳيو آهي، پر انداز الڳ آهي. سنڌيءَ ۾: سَبَقُ جي معنيٰ ٿيندي: نصيحت، مثال، سيکت. عربي توڙي عبراني ۾ اهو لفظ فعل ماضي مجهول آهي پر سنڌيءَ ۾ 'اسم مذڪر'.

ليڪن جي ورڇ سان جاميٽريءَ جا اصول جُڙيا. اسان جي معلومات مطابق موهن جي دڙي جي شهري رٿابندي ڪندڙن سڀ کان پهريائين سِرَ (Brick) جو تصور ڏنو جيڪا جاميٽري جي عين اصولن مطابق ٺهيل آهي، جيڪڏهن اها ٻي قاعدي هجي ها تہ عمارتون ڪڏهن بہ پختيءَ ريت جُڙي نہ سگهن ها. ان کان پوءِ هنن شهر جي رٿابندي بہ انهن اصولن مطابق ڪئي ۽ هوا جي گذر لاءِ متوازن ڳڙکيون ٺاهيون. نہ صرف ايترو پر هنن اڳتي هلي جيڪو رسم الخط (Script) جوڙيو ۽ نشانيون (Signs) مقرر ڪيون، اُهي بہ

جاميٽريءَ جي اصولن پٽاندر آهن. مصرن تي نقش ڪيل اها لکت طرف متاثر سان مفهوم بدلائي ڇڏي ٿي. مصرن جي ان ميڪينزم تي انڊيا ۾ ٽاٽا ڪمپني جي تحقيقي مرڪز "Tata Institute of Fundamental Research" ۾ وڏي پيماني تي تحقيقي ڪم هلي رهيو آهي. جنهن جڻن جي ان ٽيم جي سربراهي نشا ياديو ۽ ايم اين واهيا (Nisha Yadav and M.N. Vahia) ڪري رهيا آهن. اندازو ڪريو تہ اسان وٽ اهو علم 3000 سال قبل مسيح ۾ رائج هو جڏهن تہ دنيا ان علم کان 1040ع ۾ واقف ٿي، جڏهن مشهور رياضيدان ۽ رباعين جي مشهور شاعر عمرخيام جاميٽري جا نوان اصول مقرر ڪيا.

ليک جي معنيٰ لِيک (writing) بہ آهي. (1) ان جو سڌو واسطو 'پَني' (Paper) سان آهي. قديم دور ۾ وڻ جي پنن تي لکيو ويندو هو. اهو لفظ اتان جڙيو آهي. انگريزيءَ ۾ اهو لفظ لاطيني ٻوليءَ جي Papyrus مان آيو آهي. بائيبل جو قديم نسخو بہ ان پيپر تي لکيو ويو. اهو قديم مصر ۾ هڪ آبي ٻوٽي جي ٽڙ مان ٺاهيل ان جي ڇپيل تهن کي چئبو آهي، جن تي لکڻ ۽ ڇٽ ڇنڊ جو ڪم ڪيو ويو. پن کي هنديءَ ۾ 'پتہ' چون. جنهن جي هڪ معنيٰ نشان، ڏس پتو (Address) بہ آهي. اهو ان سبب تہ پَنُ سڃاڻپ هوندو آهي وڻ جي. پن ڏسي آساني سان سمجهي وڃبو تہ اهو ٻيڙ، ٻير، انب، نم وغيره جو آهي. 'پن' جي سنڌي ۾ معنيٰ آهي 'ڍَڪُ/پردو'. چوندا آهن تہ 'الله سائين پن پردي ۾ رکي'. عام طور پن ميوي کي ڍڪين ٿا. قرآن شريف ۾ بہ پن جي اها ئي معنيٰ ڏنل آهي ۽ تمثيل ۾ چيو ويو آهي تہ 'اولاد' والدين لاءِ 'پردي' مثل آهي. پت< پُتر= پٽ بہ ساڳي تصور هيٺ جڙيو آهي. شجرن ۾ بہ 'وڻ' ٺاهيو ويندو آهي، پوءِ ان مان شاخون ڪڍي، اولاد جي ورڇ ڪبي آهي. خود لفظ 'شجر'= وڻ.

اهڙي طرح هڪڙا لفظ ٻئي لفظ سان جڙي نيون معنائون ڏارين ٿا. فارسيءَ ۾ شهي کي چون 'خرگوش' خر/کر=گڏهہ+ گوش= ڪن. اهڙو جانور جنهن جا ڪن گڏهہ جي ڪنن جهڙا هجن. اسپنگر کي چون: 'آسپغول' اسپ=گهوڙو+غول= ڪن. اهڙو وڻ جنهن جا پن گهوڙي جي ڪنن مثل

هجن. 'آسپهان (اصفحان)' گهوڙن جو شهر. خراسان= گڏهن جو شهر. بوزدار= ٻڪري يا رڍ + دار= رکندڙ يا ڌاريندڙ. بزدل= جنهن جي دل 'رڍ' مثل هجي، ٻچڙو ڀاڙي. اهڙي طرح عربيءَ ۾ 'اُٺ' ۽ ان جي ماحول سان لاڳاپيل ٿوين نہ پر هزارين [5400] لفظ آهن، جيڪي پين لفظن کي بنياد مهيا ڪن ٿا. مثلاً جمل= اٺ، اجمل=ان کان سنو اٺ، جمال= نوجوان اُٺ، جماز= تيز ڊوڙندڙ اٺ، جميل= خوبصورت اُٺ. (اڄ انهن لفظن جي معنيٰ ۾ ڪيترو فرق آهي!) اٺ جي ٻنهي پاسن کان هم وزن بار کي چون 'عدل' جڏهن تہ 'انصاف' جي معنيٰ آهي پورا ٻہ اڌ (نصف) ڪرڻ. سنڌي ٻوليءَ ۾ اٺ ۽ ان جي ماحول لاءِ ٻہ چار سو لفظ آهن. ساڳي طرح 'ڳئون' لاءِ اسان وٽ بيشمار لفظ آهن. 'ڳوٺ' يا 'گائون' لفظ ان مان ورتل آهي. گوپي= نوڪر اصل ۾ گوپال آهي. گوڌر= ڳئون ڌارڻ جي جاءِ يا جهنگ، جتي ڳئن کي ڇڏيو ويندو آهي جتي ڳئن جي چاري جو جوڳو بندوبست ٿيل هوندو آهي. ان کي 'گئوچر' بہ چوندا آهن. هندستان جي مشهور لغت نويس جي ٽي پلئٽس (J. T. Pllats) ، آب، آگ، جل، گهر، سر، بار، سورج، رات، دن... لفظن جون لاتعداد معنائون لکيون آهن.

تاريخ ۾ تمام گهڻو پوءِ، جڏهن ڪن سببن ڪري قومن ۽ قبيلن جي وچ ۾ اچ وڃ ٿي تہ سندن لفظ هڪٻئي سان متبا رهيا، ڪن لفظن صورتون تبديل ڪيون تہ ڪن لفظن ۾ ٻوليءَ جي قاعدن مطابق ڦيرڦار ٿي. ڪن ٻولن لفظن کي اصل صورت ۾ اُچاريو ويو. ٻولين ۾ اهڙين تبديلين جا مکيہ سبب هيٺ ڏجن ٿا:

**الف: پيداواري ذريعا**

جيڪي ملڪ يا ماڻهو نيون شيون ٺاهين ٿا، انهن تي پنهنجا نالا ڏرين ٿا. اهي نالا شين سان گڏ ٻين ملڪن تائين سفر ڪن ٿا. جيئن: ريل، انجڻ، ريڊيو، ٽي وي، ڪئمرا، ڪار، ٽريڪٽر، فلم، سئنيما، سي ڊي، ڪمپيوٽر، سي پي يو، ڪي بورڊ، مائوس، پرنٽر، اسڪرين، موبائيل فون، چئنل، وغيره.

### ب: مذهب جو اثر

ملڪن تي فتح، والار يا تبليغ سبب مڪاني ماڻهو مذهب متاثين ٿا. جنهن سان هزارين، ڪن صورتن ۾ لکين لفظ مڪاني ٻولين ۾ داخل ٿين ٿا، جيڪي ڌرمي تقدس سبب گهٽي ياڳي اصل صورت ۾ قائم رهن ٿا.

### ت: جنگيون، ٻوڏون، وبائون، زلزلا ۽ قدرتي آفتون

11/9 واري حملي سبب عالمي سطح تي لڏپلاڻ ٿي، جنگيون لڳيون، لکين ماڻهو قتل ٿيا، دربدر ٿيا. نوان ويڙهاڪ گروهه پيدا ٿيا. ملڪ ڏيوالي جو شڪار ٿيا. منشيات ۽ هٿيار عام ٿيا، انهن جي استعمال سبب لکين گهراڻا سماجي طور تباهه برباد ٿيا. انهن سرگرمين ڪيئي نوان لفظ اصطلاح ۽ محاورا جوڙيا. طالبان، القائده، دائش، ڪلاشن، ڊرون، هيروئن، خودڪش حملا، آپگهات حملا، دهشتگردي، بمبار هاف فرائي، فل فرائي، وغيره. ان کان علاوه ٻوڏن خاص طور 2010ع ۽ 2011ع ٻوڏن سبب ڪيئي خاندان اباڻا شهر ڇڏي، ڪراچي، ڪوئيٽا ۽ حيدرآباد هليا آيا، جن کي نئين ماحول سان گڏ نين ٻولين سان منهن مقابل ٿيڻو پيو. انهن سببن ڪري سماجي ۽ معاشي اٿل پٿل اچي ٿي، جنهن سبب نوان لفظ ۽ اصطلاح وجود وٺن ٿا. سامونڊي طوفان لاءِ لفظ "سونامي" به ويجهي تاريخ ۾ مروج ٿيو آهي. اهڙي طرح ويجهڙ ۾ آيل وبا سبب نوان لفظ: ڪورونا، ڪرانٽين، لاڪ ڊائون، ماسڪ، سينيٽائزر، ويڪسينيشن، ايس او پيز، هينڊ واش، سماجي وٿي، ڪووڊ 19، وغيره.

### ٽ: واپاري يا ثقافتي لاڳاپا

واپار سبب مارڪيٽ ۾ نوان لفظ ۽ اصطلاح متعارف ٿين ٿا. نيون شيون وڪامجڻ لاءِ اچن ٿيون، جن سان گڏ انهن جا مخصوص نالا، استعمال جا لفظ اچن ٿا. سنڌ ۾ سمن، ڪلهوڙن جي دور ۾ ايران، افغانستان ۽ سينٽرل ايشيا مان مختلف قسم جي شين جا ٻيڙا پرجي ايندا هئا. جن ۾ غلم، غاليچا، تافتان، خشڪ ميوو، زيور، بخمل جا ڪپڙا وغيره شامل هوندا هئا. جيڪي مرڪزي شهرن، سيوهڻ، ٺٽو، بکر، باغبان، ٿلتي ۾ آساني سان ملي سگهندا هئا.

اهڙي طرح دنيا ۾ ٻولين وڏنديون ۽ ويجهنديون رهيون آهن. جن قومن مذهبن کي مٿاهون رکيو، انهن پنهنجي ڌرم کي ٻين قومن تائين پهچائڻ، ذهني ۽ روحاني سڪون حاصل ڪرڻ لاءِ ڪافي ڪوششون ڪيون. انهن ۾ ڌرمي ويچارن ۽ رسمن کي سمجهائڻ خاطر مُعلم مقرر ڪيا، جيڪي عام کي ٺُڙ لفظن ۾ سکيا ڏيندا هئا. ۽ ڪين اڪثر اهڙا ويچار ياد ڪرائيندا هئا. ڌرم جي مکيه ڳالهين سمجهائڻ خاطر ڪتاب لکيا ۽ ڏکين لفظن جون معنائون لکيون. اسان وٽ ان ڏس ۾ سنسڪرت ۽ پالي ٻوليءَ تي تمام گهڻو تحقيقي ڪم ٿيو آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻئي ترتيب وار هندو ڌرم ۽ ٻڌ ڌرم جون ٻوليون هيون. پالي ٻوليءَ ۾ 60 سيڪڙو کان مٿي لفظ سنڌي جا آهن. ان لاءِ اسان کي نئين سر تحقيق ڪرڻ گهرجي. ان لاءِ اسان کي ٽرنر صاحب جي لغت Comparative and Etymological Dictionary of Nepali Language ڏسڻ گهرجي، جيڪا لنڊن مان 1931ع ڌاري شايع ٿي. اهڙي طرح سنسڪرت جي ڪوشن (Dictionaries) ۾ پڻ اسان جي سنڌوسڀيتا جا لفظ سانڍيا پيا آهن. پر اسان پنهنجي محدود سوچ ۽ مذهبي ٻنڌڻن ڪري، ان طرف جوڳو ڌيان ئي ڪونہ ٿا ڏيون. يهودين پنهنجي قديم ٻولي عبراني (Hebrew) لاءِ ڪيئي جتن ڪيا آهن. وٽن عمديون لغتون، گرامر ۽ ٻيا ڪتاب لکن جي انگ ۾ موجود آهن، لکين ڊالرن جي سيڙپ سان هنن Hebrew University يروشلم، اسرائيل ۾ جوڙائي آهي، جتي 23 هزار شاگرد اُها ٻولي پڙهي رهيا آهن. ان کانسواءِ هنن انگلينڊ ۾ Oxford Centre for Hebrew and Jewish Studies پڻ ٺاهيو آهي، جتي توريت ۽ انجيل مُقدس کي قديم زبان ۾ محفوظ ڪيو ويو آهي. هاڻي اُن ٻوليءَ کي جديد (Modern) بنائي، ماڻهن تائين پهچائي رهيا آهن.

اها تاريخي حقيقت آهي تہ عبرانيءَ مان عربي ٻوليءَ جنم ورتو. عربيءَ جي 28 حرفن مان 22 حرف عبراني جا آهن. عربي ٻولي آهستي آهستي ترقي ڪندي رهي، پر جڏهن اها اسلام جي ترجمان ٻولي مقرر ٿي، تہ ان جي ترقيءَ کان اسان سڀ چڱي طرح واقف آهيون. اسان جي سنڌي

ٻوليءَ جي جهڙي آهي تاريخ اوجهل، تهڙي آهي لغت لکڻ ۽ پنهي لاءِ اڄ سوڊو ڪاٻه رٿابندي نظر نٿي اچي.

يقين ڄاڻو! اسان جي قديم تهذيبي زبان به ساڳئي پد تي هئي. ان جي وسعت عبرانيءَ کان وڌيڪ هئي. افسوس ته سنڌو لکت بابت دنيا اندر اندازن 22 تحقيقي مرڪز آهن، پر هتي سنڌ ۾ هڪ به نه آهي.

عربن جي 711 عيسوي ۾ والار ڪان اڳ 12 سؤ سال اسان وٽ پالي ٻولي ڌرم، دربار ۽ عام واهپي جي ٻولي رهي، يقيناً ان ٻوليءَ ۾ ڪافي ڪتاب ۽ ڌرمي پراڻ لکيا ويا هوندا، ڊراما لکيا ويا هوندا. شاعرن شاعري ڪئي هوندي، پر اهي سڀ قياسي ڳالهيون آهن، لکت ۾ اسان وٽ اهڙي ڪابه شيءِ موجود نه آهي. نه وري اسان ان ڏس ۾ ڪا کوجنا ڪئي آهي.

عربن جي اچڻ کان پوءِ هتي صورتحال بدلي. عربن دين اسلام کي ڦهلائڻ لاءِ سرڪاري طور مسجدون ۽ مدرسا جوڙايا. جتي سرڪاري پگهار تي مُعلم ۽ مُدرس مقرر ڪيا ويا. عربي لفظن کي سمجهائڻ لاءِ لغتون تيار ڪيون ويون، ڇاڪاڻ ته عرب ان علم کان اڳ ئي واقف هئا. اهڙين لغتن کي 'دو وايو' يعني ٻن ٻولين(Bilingual) جي لغت سڏيو ويو. ٺٽي، منصوره، سيوهڻ ۽ ٻين مرڪزن ۾ اهي دو وايا موجود هئا. جيڪي طالبن کي پڙهائيندا ۽ ياد ڪرائيندا هئا.

1520ع ڌاري سنڌ تي ارغونن، ازبڪن، ترخانن ۽ مغلن قبضو ڪيو. فارسي ٻولي جيڪا فارس، سينٽرل ايشيا، ننڍي کنڊ ۾ عام ٿي چڪي هئي. اها سنڌ ۾ ڏنڊي جي زور تي نافذ ڪئي وئي ۽ مدرسن ۾ عربي سان گڏ ان جي تعليم جو به بندوبست ڪيو ويو. (*)

**علم لغت** (Lexicology)

لغت بابت مستند ڪتابن مان بنيادي وصفون پيش ڪجن ٿيون، ته جيئن جديد علم جي حوالي سان بنيادي ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي. ان کان اڳ Lexicology, Lexicography جهڙن اهم اصطلاحن کي سمجهڻ ضروري آهي:

"علم لغت، لغت سازي، لغت نويسي، اهڙا اصطلاح آهن جن کي عام طرح هم معنيٰ سمجهيو ويندو آهي. پر اصل ۾ انهن اصطلاحن ۾ ٿورو فرق آهي، جنهن کي سمجهڻ جي ضرورت آهي."

'لغت سازيءَ' کي انگريزيءَ ۾ Lexicography چيو ويندو آهي، جيڪا لسانيات جي هڪ شاخ آهي، جنهن ۾ لفظن جو اڀياس ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ لفظن جي ماهيت، عناصر، معنائون، اچار، وياڪرڻي حيثيت ۽ سموري لفظي ذخيري (Lexicon) کي شامل ڪيو ويندو آهي. انهن ۾ ڏهندڙ لغت جي لفظن جي الف-ب وار ترتيب کي ڌيان ۾ رکندي سهيڙ (Compilation) وغيره ٿيندي آهي.

Lexicography جا ٻه قسم ٿيندا آهن. هڪ اصولي لغت سازي (Theoretical Lexicography) ۽ ٻيو عملي لغت سازي (Practical Lexicography)، پهرئين قسم موجب لغت ناهڻ لاءِ لفظن، انهن جي معنائن جو عالماڻي طريقي سان تجزيو ڪرڻ، انهن جي ڀاڃ (Decipherment) ڪرڻ، وياڪرڻي حيثيت جو تعين ڪرڻ، بڻ بنياد ۽ ارتقا معلوم ڪرڻ ۽ لفظن جو پاڻ ۾ تعلق ڏسڻ شامل آهي:

> Theoretical Lexicography is scholarly discipline of analyzing and deciphering semantics, symptomatic and paradigmatic relationship within the lexicon (vocabulary)

اهي اصول آهن جن تي هلي ڪوبه لغت ساز لغت لکڻ جو عمل يعني لغت نويسي ڪري سگهي ٿو.

عملي لغت سازي (Practical Lexicography) لغت جو خاڪو جوڙڻ، ان کي لکڻ ۽ مرتب ڪرڻ يا سهيڙڻ بابت آهي. ان جي وصف هن ريت ٿيندي.

> "It is the art or craft of compiling, writing and editing dictionaries."(2)

"انسائيڪلوپيڊيا برٽنيڪا" جي حوالي اسان جو هاڪارو عالم ۽

ٻولي جو ماهر ڊاڪٽر غلام علي الانا "لغات سنڌي مخففات" جي مقدمي ۾ هن ريت لکي ٿو ته:

"لغات (Lexicon) ڪنهن به ٻوليءَ جي لفظن جي الف-ب وار ترتيب جو اهو مجموعو يا ڪتاب آهي، جنهن ۾ اُن ٻوليءَ جي لفظي ذخيري جي گڏ ڪيل هر هڪ لفظ اصطلاحي محاوري جي حصن جي الڳ الڳ معني، مفهوم ۽ وصف سمجهائي ويئي هجي. لفظن جي اهڙي ذخيري ۾ اُهي لفظ يا ته ان (ماڻهوءَ) جي پنهنجي ماحول ۾ رائج هوندا، جنهن لغات جوڙي هوندي، جيڪي (اهي لفظ) هُو پاڻ ۽ ٻيا ماڻهو گفتگو ۾ ڳالهائيندا هوندا، يا ڪن ڪتابن، دستاويزن، لکتن، علم ادب ۽ شعر و شاعريءَ مان چونڊ ڪري گڏ ڪيا هوندا، يا وري هنن لفظن جو اهو ذخيرو، ڌار ڌار ڪرت وارن، ڌنڌو ڪندڙ ماڻهن، هنرمندن، ڪمين ڪاسبين توڙي سماج جي خاص موضوعن سان دلچسپي رکندڙن وٽان گڏ ڪيو هوندو. لغت جي معني آهي: ٻولي، عام گفتگو يا لهجو. انگريزيءَ ۾ لغات لاءِ (Lexicon) لفظ ڪم آندو ويندو آهي، علم لغات لاءِ Lexicography" (3)

ٻولين بابت عالمي انسائيڪلوپيڊيا جو مرتب، ان علم لاءِ هن طرح وضاحت ڪري ٿو:

Lexicography is the practical process of planning and compiling lexically oriented reference works, such as dictionaries, thesauruses, glossaries, concordances, and usage guides, which give information about the vocabulary of one or more languages. Lexicography is also the study of this process and its products(4).

Elements of dictionary: Intensive practical work on dictionaries has given rise to two disciplines, lexicography and lexicology:

Lexicography is concerned with the theory of dictionary compiling and use:

Lexicology is concerned with the unified theoretical study of dictionaries and of Lexical Units, considered on both semantic and grammatical levels.(5)

ترجمو: لغت نويسي ٻوليءَ جي لغتن، (Dictionaries)، ترتيب وار لفظن جون لڙهين معنيٰ سان يا ورڻ مالها (Glossaries)، هڪجهڙن لفظن/مترادف لفظن جو ڪوش (Thesaurus)، مطابقت رکندڙ لفظن جو ذخيرو جيڪو ترتيبوار هجي (Concordances) وغيره ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ اصطلاح ۽ محاورن کي سندن ڏاتن يا سماجي ۽ ثقافتي پسمنظر مطابق مقرر ڪيل قاعدن ۽ اصولن مطابق رکڻ جو عمل، جنهن کي لغت سازي يا لغت نويسي چئجي ٿو. جڏهن ته علم لغت (Lexicology)، لغتن بابت مقرر ڪيل اصولن ۽ لفظن جي ڀاڱن جي معنيٰ توڙي گرامر جي سطحن جي اڀياس کي چئجي ٿو.

## ڪوش جا ڀاڱا (Elements of Dictionary)

ڪوش يا قاموس ٻن علمن کي هٿي وٺرائي آهي؛ هڪ لغت سازي (Lexicography) ۽ ٻيو علم لغت (Lexicology) لغت سازيءَ ٻن بنيادي لفظن Lexico= لفظ + Graph= لکڻ يعني ڪنهن ترتيب سان لفظن لکڻ جو فن. لغت سازيءَ ڪوش جي ترتيب ۽ ان جي درست استعمال بابت وضاحت ڪري ٿي.

جڏهن ته علم لغت: Lexicology ڪوشن بابت مقرر ڪيل نظرين، اصولن ۽ قاعدن مطابق لفظن (Lexical Units) جي معنيٰ ۽ گرامر وارن ڀاڱن تي بحث ڪري ٿو. ان جو اشتقاق ٿيندو Lexico= لفظ +Logy= سکڻ يا سائنس. يعني لفظن جي اڀياس جو فن يا سائنس.

لُغت عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، ان جي معنيٰ ٿيندي: ترتيبوار لفظن جو ذخيرو انهن جي معنيٰ، مفهوم، سمجهاڻي وغيره ڪنهن به ٻولي جا لفظ ٻوءِ اُهي قديم هجن يا جديد، ڪنهن قوم جي ٻولي وغيره. انگريزي لفظ ڊڪشنري جي به اهائي معنيٰ آهي. فارسي ٻوليءَ ۾ ان کي 'فرهنگ' چون. لسانيات ۾ ان جو مفهوم ان طرح آهي ته 'اهڙي ڊڪشنري جنهن ۾ عام واهپي جا لفظ ۽ محاورا گڏ ڪري، انهن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڏني وئي هجي . قديم ۽ متروڪ لفظن

جون وٽن الڳ لغتون آهن. فرهنگ جي لفظي معنيٰ آهي: سمجهداري، دانائي، رسم رواج، هلت چلت، ثقافت وغيره. 'مرڪز فرهنگِ ايران'- ايران جو ثقافتي مرڪز (Cultural Centre of Iran)

اهڙي طرح سنسڪرت ۽ هنديءَ ۾ 'لغت' کي چون 'ڪوش'. ان جي معنيٰ آهي: پوش، پردو محفوظ ذخيرو وغيره. 'ڪوش' جو مفهوم آهي: لفظن کي حفاظت ۾ رکڻ جيئن اُهي ضايع ٿي نہ وڃن، هميشہ لاءِ محفوظ رهن.

حقيقت اها آهي تہ اسان وٽ لغت بابت ڪو مخصوص مفهوم نہ آهي، جهڙي ريت ٻين ٻولين ۾ آهي. هن وقت تائين سنڌي ٻوليءَ جون جيڪي لغتون تيار ٿيون آهن، انهن ۾ انفرادي عنصر نمايان نظر اچي ٿو. گڏيل طور باقاعده بورڊ ترتيب ڏئي، 1940ع ڌاري 'جامع سنڌي لغت' بابت جيڪي تصور جوڙي ڪم جي شروعات ڪئي ويئي هئي، سي اڄ تائين ساپيان نہ ٿي سگهيا آهن. البت انگريزن جي دور ۾ 1879ع ڌاري پادري شرٽ، اڏارام ٿانور داس ۽ مرزا صادق علي بيگ سنڌي-انگريزي ڊڪشنري تيار ڪئي. هنن سڀني ڪوششون ورتيون هيون تہ سنڌي ٻوليءَ جي ڪا مستند ڊڪشنري تيار ڪجي، پر ڪين پيش لفظن ۾ اعتراف ڪرڻو پيو تہ هو پنهنجو مقصد ماڻي نہ سگهيا. ايترو سو ضرور ٿيو تہ هنن ڪن لفظن جون درست پڙهڻيون مقرر ڪيون. جيڪڏهن اهڙيون ڪوششون لڳاتار ٿينديون اچن ها، تہ اڄ سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي مزاج مطابق مستند لغت جڙي چُڪي هجي ها.

## لغت جي بنيادي جزن جي وضاحت:

علم لغت: علم لسانيات جي اهڙي شاخ (Branch) جيڪا لفظ يا لفظن جي جوڙن، جيئن مرڪب لفظ اصطلاحن، محاورن، پهاڪن، چوڻين هنري يا فني لفظن/ اصطلاحن وغيره بابت لغت جي ماهرن ڀاران مقرر ڪيل اصولن ۽ قاعدن مطابق بحث ڪري، انهن جي صورت، معنيٰ، مطلب ۽ مفهوم کي واضح ڪري.

علم لغت مطابق هر ٻوليءَ جا اصول الڳ ٿين ٿا. انهن مطابق لفظن جي جوڙجڪ، ٻيهڪ ۽ معنيٰ مقرر ڪئي ويندي آهي. ان جو بنيادي يونٽ: ڌاتو (Lexeme) هوندو آهي، جنهن مان پوءِ ٻيا لفظ جنم وٺندا آهن. جيئن سنسڪرت جو ڌاتو آهي، 'من' = سوچ. مَنش= سوچ رکندڙ هنديءَ ۾ ماڻهو يعني ماڻهو. سنسڪرت مول (بنياد) جا سوين ٻيا لفظ ٺهيل آهن. جيئن 'من ويچار'، 'من ياءُ'، 'من وديا' وغيره سنڌيءَ ۾ ماڻهوءَ مان ماڻهپو، ماڻهپائي وغيره. سنڌي ڌاتو 'ڏِڪَ' مان ڏڪيل، ڏڪايل، ڏڪيندڙ ڏڪڻهار وغيره جڙيا آهن.

لغت جو ٻيو بنيادي يونٽ: ساڳي هجي وارا لفظ (Homographs) آهن. انهن جا بنيادي صوتيا (Phonemes) هڪ جهڙا هوندا آهن، ڪن صورتن ۾ سنڌن اعرابون به هڪ جهڙيون هونديون آهن. پر انهن جي معنيٰ ۾ فرق هوندو آهي. مثال هيٺ ڏجن ٿا:

| | |
|---|---|
| سِرَ: | اوساري ۾ ڪم ايندڙ ڪچي/پڪي مٽيءَ جي ٽاڪ (Brick) |
| سِرُ: | اسم مذڪر= مٿو، سِسي |
| سَرَ: | اسم مذڪر= ڪانهن جو قسم، ٻوڙو تيرُ |
| سَرُ: | اسم مذڪر= ڍنڍ، تلاءُ |
| سُرُ: | اسم مذڪر= آواز آلاپ |
| سُرُ: | اسم مذڪر= سنوت، رخ |
| سَرَ: | گهنج چهري جا، سٽڻ جا |
| سُرُ: | سُرڻ مان (جيئن جو سُرڻ) |
| سِرُ: | سِرڻ مان امر=کِسڪ، هَٽُ |
| سُرُ: | فعل آمر= اڳتي ٿيءُ، جاءِ ڇڏ |

---

| | |
|---|---|
| اُتَرُ: | اسم مذڪر= طرف (North) |
| اُتَرُ: | اسم مذڪر= جواب |
| اُتَرُ: | ظرف = مٿي، مٿاهون، ڏاڍو |
| اُتَرُ: | صفت = سَرسُ، سودي ۾ ڏنل وڌيڪ رقم |

پَٽُ: اسم مذڪر= لوهي پٽي

پَٽُ: اسم مذڪر= ريشم

پَٽُ: اسم مذڪر= فرش، زمين

پَٽُ: اسم مذڪر= ميدان

پُٽُ: اسم مذڪر= اولاد (Son)

پَٽِ: فعل امر= چن

پِٽَ: مؤنث= پاراتو

ٽيون يونٽ: لفظ جي آوازن جي اُچارڻ واري فرق تي بحث ڪري ٿو جنهن کي (Homologue) يا (Homonyms) چئجي ٿو. ان مطابق آواز هڪ ٻئي سان ميل کائن ٿا. پر انهن جي معنيٰ ۾ تمام وڏو فرق هوندو آهي. مثلاً: عمارت- امارت، نظير- نذير، ظهير- زهير، قصر-ڪثر، عطائي- آتائي، عرب-ارب، شق-شڪ، قرار-ڪرار، قمر-ڪمر، قابل-ڪابل، قلب-ڪلب، سمر-ثمر، وغيره.

ايڊورڊ فين گين پنهنجي ڪتاب Language Its Structure and Use ۾ هيٺيان مثال ڏنا آهن:

Led/Lead, bear/bare, to/two/too and we/wee (6)

چوٿون يونٽ: هي تلفظ مطابق اُچار (Pronunciation) سان تعلق رکي ٿو ان مطابق ٻوليءَ ۾ لفظ جي رائج صورت واري داخلا ڪرڻ گهرجي. ڪوشش ڪري لفظ جي حرفن تي زير، زبر، پيش وغيره ڏيڻ گهرجي. مثلاً ٻِتو= ٻيٽو ٻُتو= لسو ڪُتل ڪنن کان سواءِ، ڪُوڙو= غلط بياني ڪندڙ ڪَوڙو= بد ذائقيدار ڪسو. شَفا= موت، شِفا= چڱڀلائي، تندرستي، چاڪُ= چير، ڦاڙ چاڪ= صحتمند وغيره.

پنجون يونٽ: معنيٰ (Meaning) بابت آهي. ان مطابق لفظ جون ڪيئي معنائون ٽين ٽيون اهي پوري ترتيب سان ڏيڻ گهرجن. مثلاً: رَنگ=رَڱ (Color) ان جون ٻيون معنائون: نمونو راڳ، تماشو لطف، مزو وغيره آهن. ٻيو لفظ آهي: 'سوڀ'= جيت، فتح، ڪامراني. لهجي مطابق ڪي ان کي 'سوب' ته

ڪي وري 'صوبُ' لکن ٿا. ڪي ليکڪ مُند= موسم کي 'مندُ' بہ لکن ٿا، جڏهن تہ مُنڊ= عورت، ڪامڻي آهي. سرهو =خوش، ۽ سُرهو=خوشبوءِ وارو. ان صورت ۾ لفظ تي اعراب ڏيڻ ضروري آهي. هُئڻ مصدر مان 'آهي' فعل زمان حال ۽ ان جو ماضي ٿيندو 'هو' مثال: هو ايندو آهي. (زمان حال) هو ايندو هو. (زمان ماضي) ڪي ليکڪ پنهنجي تر جي لهجي ۾ ڳالهائيجندڙ صورت ۾ ماضيءَ واري صيغي ۾ هيو هئو وغيره لکن. ان موضوع تي علم معنيٰ (Semantics) واري باب ۾ تفصيل سان بحث ڪيو ويندو.

معنيٰ ڏيڻ کان اڳ، لغت نويس کي خبر هجڻ گهرجي تہ داخلا ڪيل لفظ اصل ۾ ڪهڙي ٻوليءَ جو آهي ۽ ڪهڙي قاعدي مطابق اسان وٽ رائج ٿيو آهي. ان بابت "سنڌي ٻوليءَ جون خاصيتون" واري باب ۾ ڄاڻايل موضوعن مطابق تفصيل سان بحث ڪيو ويو آهي.

ان کان علاوه لغت نويس کي اهو بہ ڄاڻائڻ گهرجي تہ داخل ڪيل لفظ گرامر جي ڪهڙي ڀاڱي ۾ اچي ٿو ڇاڪاڻ تہ گرامر مطابق لفظن جون معنائون تبديل ٿين ٿيون، بہ مثال پيش ڪجن ٿا:

مَٽُ: اسم مذڪر= وڏو گهڙو

مِٽُ: اسم مذڪر= عزيز قريب

مِٽ: اسم مؤنث= ڦوڪيل ڳتو

مَٽِ: فعل_ آمرُ= بدلاءِ،

مَٽُ: صفت= برابر، ثاني، جوڙ

مِٽُ: صفت= متجندڙ غير جٽادار ضد: اَمِٽُ

ٻيو مثال:

مِهرَ: اسم مؤنث= مهرباني، رحم، ڪهل

مَهرُ: اسم مذڪر= ڪابينو نڪاح وقت مقرر رقم

مِهرُ: اسم مذڪر= سِجُ

مُهرَ: اسم مؤنث = ٺپو (Stamp)

مَهَرَ: اسم مؤنث= مهار (ڏندن جي)

مَهَرَ: اسم مؤنث: مهار واڳ

## لغت نويسيءَ جي مختصر تاريخ ۽ طريقہ ڪار

عام طور هر زبان ۾ لغت نويسيءَ جو طريقو مختلف رهيو آهي. دنيا ۾ اڪثر لغتون انفرادي ڪوششن سان جوڙيون ويون آهن. لغت جي ماهرن پنهنجي علمي ڄاڻ، ڪتابن جي ذخيري، لڳ لاڳاپن. ڪن صورتن ۾ شاگردن کي سکيا ڏيئي، رجسٽرن (بندين) تي لفظ اتاري، انهن جي معنيٰ ۽ مفهوم ڏيئي ڪاڏبن ڪان مشق ڪرائي، لغتون تيار ڪيون. ڪن عالمن اهم ڪتابن توڙي شعري مجموعن جي حاشين تي ڏکين لفظن جون معنائون لکيون، پوءِ اُهي اتاريون ويون. ان آڌار تي لغتون تيار ٿيون. "فرهنگ آصفيہ" آخري اصول مطابق تيار ڪئي وئي. ان کي اردو ٻوليءَ ۾ 'مفصل ۽ مجمل لغت' ليکيو ويجي ٿو.

جڏهن تہ Samuel Johnson اپريل 1755ع ڌاري پنهنجي نالي سان ڊڪشنري تيار ڪئي. انگريزي ٻوليءَ جي نالي واري لغت نويس ويبسٽر Webster پنهنجي. جڳ مشهور ڊڪشنري جو ڪم 1807ع ۾ شروع ڪيو ۽ سانده 21 سال ڪم ڪري ڪانپوءِ 1828ع ڌاري Dictionary A Comprehensive An American Dictionary of English Language - تيار ڪئي. ساڳي ريت Chambers Dictionary ٻن عالمن William ۽ Robert Chambers پهريون ڀيرو 1872ع ۾ تيار ڪري پڌري ڪئي.

ڪاردن تي لفظن جي اتارڻ جو ڪم يورپ ۾ 19هين صدي عيسويءَ ۾ ٿيو جڏهن هڪ ادارو جوڙي آڪسفورڊ ڊڪشنري جو پهريون جلد 1895ع ۾ غير سرڪاري طور شايع ڪيو ويو ۽ 1928ع ڌاري اها 10 جلدن ۾ باقاعده شايع ڪئي ويئي. (7)

اسان وٽ سنڌ ۾ لغت سازيءَ جو باقاعدي ڪم انگريزن جي دور ۾ 1845ع ڪان شروع ٿيو جيڪو ڪيپٽن جارج اسٽئڪ ڪيو. سندس پهرين لغت انگريزي ـ سنڌي 1849ع ۾ ۽ ٻي سنڌي ـ انگريزي لغت 1855ع ۾ ڇپي، جن ۾ سنڌي ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل آهي. ڪيپٽن صاحب ان راءِ جو هو تہ اها لپي سنڌيءَ جي پنهنجي آهي، ان کي اختيار ڪرڻ گهرجي. سندس ٻي

ڊڪشنري، انگريزن پاران سنڌي ٻولي بابت ڪيل فيصلي کان ٻه سال پوءِ ڇپي. تڏهن به هو سرايلس کي هدايت ڪري ويو ته سندس اها لغت به خداوادي خط (ديوناگريءَ جو سنڌي نمونو) ۾ شايع ٿيڻ گهرجي.

جارج شرٽ، حيدرآباد مشن اسڪول جو مئنيجر هو جنهن کي سنسڪرت ۽ ٻين ڏيهي ٻولين تي عبور حاصل هو. هن صاحب 1866ع ۾ "اڪر ڌاتو ڪوش" جوڙيو جنهن ۾ لفظن جا بنياد پڻ ڏنائين. اها لغت سنڌ ۾ درسي ڪتابن ۾ شامل هئي.

جارج شرٽ، مرزا صادق علي بيگ ۽ اُڌارام ٿانورداس عربي سنڌي لپيءَ ۾ سنڌي-انگريزي لغت 1879ع ۾ جوڙي، جنهن لاءِ هنن وڏا جتن ڪيا. سندن مکيه مقصد هو ته اها مستند ڊڪشنري ليکي وڃي. ان حوالي سان سنڌي ٻولي جو مهان لغت نويس ڪاڪو ڀيرومل مهرچند آڏواڻي پنهنجي تحقيقي مقالي "سنڌي ٻوليءَ جون ڊڪشنريون ڪيئن جڙيون؟" ۾ لکي ٿو ته:

"ڊڪشنري جوڙڻ لاءِ مرزا صادق علي مسلمانن جا گهرو لفظ ۽ اصطلاح ۽ سرڳواسي ديوان اڌارام ٿانورداس هندن جا گهرو لفظ ۽ اصطلاح ڪٺا ڪيا هئا. اهي ٻئي ڄڻا شرٽ صاحب سان گڏجي ڪڏهن پسارين، سونارن، واڍن ۽ ٻين ڪاسبين وٽ ويندا هئا، ته ڪڏهن ٻنين ۾، آبادگارن وٽ ويندا هئا. ۽ انهن شين، اوزارن وغيره جون يادداشتون ٺاهي ايندا هئا. انهن يادداشتن تي بروقت هر هڪ لفظ جي سامهون انگريزي لفظ به لکندا هئا....مون تخمينو ڪيو آهي ته شرٽ صاحب واري ڊڪشنريءَ ۾ اٽڪل ويهه هزار لفظ آهن. انهن ويهن هزارن لفظن مان ويهه ڇڪون يعني سراسري هڪ هزار لفظ جي ٻوليان هڪڙي چوڪ ڪيڏي ڏيکاري (ڊاڪٽر گربخشاڻي ڏانهن اشارو) ته انصاف مجانس." (8)

لغت ۽ شاهه لطيف جي حوالي سان جڏهن به ذڪر ايندو ته مانواري محقق ليلارام وطن مل کي ضرور ياد ڪيو ويندو. هي صاحب ميمڻ ۾ سب جج هو ۽ مرزا قليچ بيگ وارهه تعلقي ۾ مختيار ڪار هو. ٻئي پنهنجي دور جا وڏا عالم، اديب ۽ شاهه لطيف جا پارکو هئا. مهيني ۾ ٻه چار ڪچهريون

ضرور ڪندا هئا. سندن گفتگوءَ جو موضوع: سنڌ جي تاريخ، شاهه لطيف ۽ سنڌي ادب هوندو هو. سرڳواسي ليلارام مجهي ٿو ته ادب جي حوالي سان، هو مرزا صاحب کي ڪجهه ڏئي نه سگهيو پر وٽانئس گهڻو ڪجهه پرايائين. ليلارام سانده اٺ ورهيه ڪوشش ڪندي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي بابت هڪ بنيادي ڪتاب Life, Religion and Poetry of Shah Latif تيار ڪري ورتو. جيڪو 1889ع "فينڪس پريس" ڪراچيءَ مان شايع ٿيو. شاهه صاحب جي حياتيءَ جو احوال هن مرزا قليچ بيگ جي ڪتاب "Life of Shah Abdul Latif Bhittai" تان اتاريو. جنهن جو مسودو هن تيار ڪري ورتو هو (جيڪو تمام گهڻو پوءِ 1980ع ۾ شايع ٿيو) جنهن جو ماخذ مير عبدالحسين سانگيءَ جو فارسيءَ ۾ لکيل ڪتاب "لطائف لطيفي" هو جيڪو هن 1888ع ۾ تيار ڪيو هو. ليلارام وطڻ مل کي البت شاهه لطيف جي ڏکين لفظن، محاورن، قرآني آيتن، حديثن، عربي، فارسي، بلوچي لفظن ڏاڍو منجهايو. چاڪاڻ ته ان وقت تائين شاهه جي رسالي بابت ڪابه لغت تيار نه ٿي هئي. هن ڪوشش ڪري عربي، فارسي، هندي، سنسڪرت جون ڊڪشنريون پيٽيون. ٻئي طرف کيس 'ڪافر' چئي ملن مولوين قرآني آيتن بابت وضاحت ڏيڻ کان انڪار ڪيو. کيس پٽ شاهه ۾ هڪ جهونو عالم آخوند احمدي مليو جنهن جو ڏاڏو آخوند نور محمد ٻئي شاهه لطيف جو استاد هو جنهن کيس ابتدائي تعليم ڏني هئي. ليلارام جو چوڻ آهي ته سڄي سنڌ ۾ ڪو اهڙو ماڻهو نه آهي، جنهن جي ڄاڻ آخوند صاحب جي معلومات جي اڌ برابر به هجي. کيس شاهه سائين جا شعر ۽ لفظن جون معنائون ازبر هيون. هو انهن جي وضاحت به سٺي نموني ڪري ويندو هو." (9)

آخوند احمديءَ کي ڪاڪي پيرومل مهرچند آڏواڻي، ڊاڪٽر گربخشاڻي واري رسالي تي ڪيل تنقيدن ۾ به ڪافي دفعا سٺن لفظن ۾ ياد ڪيو آهي. هڪ هنڌ لکي ٿو ته:

"محبت جي ميدان ۾، عاشق ٿي آچار" (يمن ڪلياڻ)

آچار معنيٰ هدف يا نشان جو چٽجي (Target) اهو اصل پارسي لفظ

'آماچ' آهي، پر سنڌيءَ ۾ ان جو اچار ٿي ابتو! هيءَ معنيٰ اصل مرحوم آخوند احمدي پٽ واري ٻڌائي نه ته چڱا چڱا پارسي ڄاڻو اهي لفظ سمجهي نه ٿي سگهيا.(10)

ليلارام رسالي جي لفظن جي معنيٰ ڏيڻ ۾ وسان نه گهٽايو. ان وقت مرزا قليچ بيگ کان علاوه پرمانند ميورام، پيرومل مهرچند آڏواڻي ۽ بين شاهه جي پارکن کان علاوه هن مرد مجاهد آخوند احمديءَ وٽ ڪافي پنڌ ڪيا، لفظ جي صحيح معنيٰ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. هن پنهنجي ڪتاب جي پٺي پاڳي ۾ جنهن ۾ ترتيب وار معنائون ڏنيون آٿائين، انهن ۾ مکيه لفظن جي پچاڙي ۾ اهو ٻڌايو اٿائين ته اهو لفظ ڪيس آخوند احمد پٽ واري سمجهايو.

"پرمانند ميوارام سن 1905ع کان سنڌي ڊڪشنري جوڙڻ جو ڪم شروع ڪيو ته ڪتان ڪتان نهايت ڪارائتيون ڊڪشنريون، دستخط لغتون ۽ ٻيا ڪي ڪارائتا ڪتاب آٿي، پنهنجي ڪم جي ڪوني، ايتري قدر پري ڇڏيائين جو پير رکڻ جي جاءِ مشڪل ملندي هئي. ماستر سهج رام وارو "سهج ڪوش" به هٿ ڪري آيو هو. جو اڄ تائين نه ڇپيو آهي، هن هيڏي ساري ڍڳ ۾ منهنجي ڪم جا فقط ٻه ڪتاب نڪتا: هڪ دستخط لغت جوڙيل مرحوم آخوند عبدالرحيم وفا عباسي ۽ ٻيو ٽرمپ صاحب وارو رسالو جنهن ۾ حاشيءَ تي انهيءَ ساڳي آخوند صاحب جي هٿ اکرين آهنجن لفظن جون معنائون لکيل هيون." (11) پرمانند، سنڌي- انگريزي 1910ع ۽ انگريزي- سنڌي 1933ع ۾ ويهين صديءَ جي شروعات ۾ جوڙيون ويون. پرمانند ميوا رام وڏو ڄاڪوڙي مڙس هو. لفظ ڪٺي ڪرڻ لاءِ هن وس ڪيا. هر جمعي يا آچر ڏينهن حيدرآباد سول اسپتال وٽي ويهندو هو ۽ ماڻهن کان سندن ڪرت بابت ڄاڻ وٺي نوٽ ڪندو ويندو هو ڪڏهن هارين ته ڪڏهن لوهارن وٽ وڃي ويهندو ۽ اکر، اصطلاح معلوم ڪري، انهن جي معنيٰ لکندو ويندو هو. ڪاڪو پيرومل ان ڏس ۾ لکي ٿو ته:

"مسٽر پرمانند پاڻ به رسالي جو اڀياسي هو ۽ سنڌيءَ جو چڱو ڄاڻو ۽ نهايت خبردار آهي، هڪ هڪ لفظ سوچي سمجهي پوءِ لکيو اٿس. ڪن

لفظن جون معنائون ڪتان جو ڪتان وچي جهڙي اينڊو هو سنڌس ڊڪشنريءَ مان ڪو هڪ چوڪ ڪڍي ڏيکاري تہ انصاف مچائس!."

وڌيڪ لکي ٿو تہ: "مون پنهنجي غريب اللغات جا ٻيا ڀاڱا ڪين ڇپايا. تہ بہ پنهنجي پارنهن تيرنهن ورهين جي محنت اجائي ڪانہ وڃايم [شاهہ جي رسالي جي لغت۔ 'غريب اللغات'] لاءِ مون جيڪي اکر ڪٺي ڪيا هئا، ۽ جيڪي پادري شرٽ واري ڊڪشنري ۾ ڏنل ڪين هئا. اهڙي ريت ٽي هزار کن لفظ ڪٺا ڪري يادداشت مسٽر پرمانند ميوا رام کي ڏنم جنهن اُهي سڀ لفظ پنهنجي ڊڪشنريءَ ۾ گڏيا. سرڳواسي ديوان ڪوڙيمل پڻ لفظن جي وڏي يادداشت منهنجي جهوني يارڙي مسٽر پرمانند ميوارام کي ڏني" (12)

سُجاڳ فردن پاران اهڙيون لغتون ڇاپڻ جو سلسلو اڄ تائين هلندڙ آهي. (انهن ڊڪشنرين جا تفصيل منهنجي دوست ڊاڪٽر رياضت ٻرڙي تازو سوشل ميڊيا تي آندا آهن.) سنڌي ٻوليءَ جي هڪ ٻوليائي لغت جوڙڻ جو ڪم باقاعده گهڻو پوءِ شروع ٿيو ۽ پهرين لغت 1886ع ۾ جهمٽمل جي "وِتپتي ڪوش" نالي ڇپي، جنهن ۾ سنڌيءَ جا اهڙا لفظ جن کي هن سنسڪرت مان نڪتل سمجهيو انهن جون معنائون ڏنائين. ان کان پوءِ پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ شاهہ لطيف جي ٽن سرن ۾ آيل ڏکين لفظن جي معنائن تي مشتمل 'غريب اللغات' جوڙي، جيڪا 1907ع ۾ ڇپي. مرزا قليچ بيگ پڻ شاهہ جي حوالي سان "لغات لطيفي" مرتب ڪئي، جنهن کي 1914ع ۾ شايع ڪرايو. مرزا قليچ بيگ جي "قديم لغات" ڪلاسيڪي شاعرن جي شاعريءَ جي ڏکين لفظن تي مشتمل لغت 1924ع ۾ شايع ٿي. آخوند عبدالرحيم "وفا" عباسيءَ جي "جواهر اللغات" 19هين صديءَ جي وچ ڌاري تيار ڪيل هئي، پر ڇپي ڪانہ هئي، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ان کي 1993ع ڌاري ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

1940ع ڌاري "سنڌي ساهتيہ مرڪزي صلاحڪار بورڊ" طرفان "جامع سنڌي لغات" تيار ڪرائڻ جي باري ۾ رٿيو ويو. شروع ۾ هڪ ڪاميٽي

مقرر ڪئي وئي، جنهن ڪجهه ڪم ڪيو. ان ڏس ۾ ڪاڪو ڀيرومل مهرچند آڏواڻي پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکي ٿو ته:

"بورڊ جي پهرين ميٽنگ 14 سيپٽمبر 1940ع تي ٿي جا هئي ڏينهن ٻه هَلي. ان ۾ ٺهراءُ پاس ٿيو ته لغت جوڙڻ جو ڪم بنا دير شروع ڪرڻ گهرجي. بروقت هڪ سب ڪاميٽي مقرر ٿي، جنهن جو هڪ ميمبر مان آهيان. اسان يڪدم ٻئي ڏينهن يعني 16 سيپٽمبر 1940ع کان وٺي، سنڌي- سنڌي لغت جوڙڻ شروع ڪئي. هن وقت تائين انهيءَ لغت جا ٻهريان ٻه جلد تيار ٿي چڪا آهن. جن جي ڇپائڻ ۾ ڪنٽرول جي رڪاوٽ آهي. جيئن اها ختم ٿي ته لغت جا ٻئي پاڱا ۽ ٻيا ڪتاب شايع ڪيا ويندا." (13)

ڊڪشنري بورڊ جا ٻيا ميمبر هئا:

(1) ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو
(2) مولانا دين محمد وفائي
(3) حڪيم فتح محمد سيوهاڻي
(4) عثمان علي انصاري
(5) لال چند امر ڏنومل
(6) جيٺمل پرسرام (14)

پاڪستان ٺهڻ جي هلچل ۾ لغت بورڊ جو ڪم ڊانوانڊول ٿي ويو. ديوان ميمبر سنڌ ڇڏي هندستان هليا ويا. جيڪو ڪم ٿيو اُهو آفيس ۾ محفوظ رهيو. سنڌي لغت تي باقاعدگيءَ سان ڪم تڏهن کان شروع ٿيو جڏهن پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ صلاحڪار بورڊ کي 'سنڌي ادبي بورڊ' جو نالو ڏئي، نئين سر جوڙيو ويو ۽ لغت جو ڪم باقاعدي يونيورسٽيءَ ۾ قائم "ڊڪشنري آفيس" ۾ شروع ٿيو جنهن جي ذميواري ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ کي ڏني وئي ۽ 1952ع کان باقاعدي ڪم شروع ڪيو ويو.

مٿي ڪاڪي ڀيرومل طرفان ذڪر ڪيل لغت جا ٻهريان ٻه جلد تيار ٿي چڪا هئا، جن کي سامهون رکي ڪم جي شروعات ڪئي وئي. انهن ۾ واڌارا ڪرڻ لاءِ لائحہ عمل تيار ڪيو ويو. انهن جو ذڪر يا مچتا پڻ ڪرڻ گهرجي ها ته جيئن تاريخ جي درستگي ٿي سگهي ها.

سنڌي ٻوليءَ بابت "جامع سنڌي لغات" جو مرتب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هو. سندس لياقت 1945ع ڌاري عثمان علي انصاري، سيڪريٽري تعليم ڏانهن، ان موضوع تي لکيل مضمون مان پڌري آهي. (15) ڪاميٽي پاران مقرر اصولن جي وضاحت ڪندي، لغت جي ڪم واري طريقي بابت ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو ته:

(1) ٻوليءَ جي دائري اندر مختلف خِطن ۾ مروج لفظن کي گڏ ڪرڻ ۽ انهن جون الف ـ ب وار چٽڪيون ۽ فهرستون ٺاهڻ.

(2) هر هڪ لفظ جي اُچارن، هجي (Spelling)، جزن ۽ پدن (Syllabication) ۾ ورهائڻ ۽ ان موجب اُچار مقرر ڪرڻ.

(3) هر هڪ لفظ جا ماده، ڌاتو ۽ اشتقاق ڪيڻ ۽ ان لفظ جي تاريخي ارتقا بيان ڪرڻ.

(4) هر هڪ لفظ جي معنيٰ، ان جو مفهوم سمجهائي ڏيڻ ۽ فقري، جملي ۽ شعر جي مصرع، چوڻي ۽ پهاڪي ۾ ان جو مفهوم سمجهائي ڏيڻ ۽ ان جو استعمال ڏيکارڻ ته جيئن الڳ الڳ حالتن (Context of Situation) ۾ لفظ جي ڌار ڌار معنيٰ نمايان معلوم ٿئي.

(5) هر هڪ لفظ جي وياڪرڻي حيثيت يعني ڳالهائڻ جي اٺن صورتن (of Speech Parts) مان ڪنهن ۾ هڪ حيثيت جي نشاندهي ڪرڻ.

(6) هر هڪ لفظ اُچار لاءِ ڪنهن خاص علامت (Symbol) ذريعي اُچار جي نشاندهي ڪرڻ.

(7) هر هڪ لفظ جي حيثيت ۽ معيار، نثري جملن، چوڻين، پهاڪن ۽ شعري مصرعن ذريعي بيان ڪرڻ ته جيئن خبر پوي ته اهو لفظ روزمره واري ٻوليءَ موجب عام محاوري (Colloquial) ۾ ۽ عام گفتگو ۾ عام طور مروج آهي يا بازاري ٻولي (Slang) ۾ رائج آهي.

(8) اهڙيءَ طرح هر هڪ لفظ جي معنيٰ ڪانسواءِ هم معنيٰ لفظ ۽ انهن جا فقرن، جملن، چوڻين، پهاڪن ۽ بيتن وغيره ۾ رائج استعمال جا مثال ڏيڻ.

(ڪنهن به قديم ۽ تهذيبي ٻوليءَ جي لغت جوڙڻ جا اهي قاعدا هوندا آهن.)

لغت نويسيءَ لاءِ ڌار ڌار لغت نويس، الڳ الڳ قدم کڻندا آهن. ڪي لغت نويس جدا جدا خطن ۾ پنهنجا "خابرو" (Informants) مقرر ڪندا آهن. اُهي ماڻهو پنهنجي پنهنجي ترمان ڌار ڌار موضوعن وارا لفظ گڏ ڪري، لغت نويس يا مرڪزي آفيس ڏانهن موڪليندا آهن. ڪي لغت نويس پنهنجن ساٿين، مددگارن جي مدد سان ڪتابن، رسالن، اخبارن، مضمونن ۽ مقالن وغيره مان اثاثو گڏ ڪندا آهن. ڪي ماهر ٻئي طريقا اختيار ڪندا آهن. هن ڏس ۾ "جامع سنڌي لغات"، لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جيڪو طريقو اختيار ڪيو تنهن لاءِ ڊاڪٽر صاحب خود فرمائي ٿو ته:

"هن لغات جي لفظن جو ذخيرو هيٺين سرچشمن مان گڏ ڪيو ويو آهي:

(الف) ڇپيل ڪتاب، جن مان ادب توڙي ٻين مختلف موضوعن تي لکيل اندازاً 450 ننڍا وڏا ڪتاب توڙي مخزنون پڙهيون ويون ۽ اُنهن مان الفاظ ۽ اصطلاح چونڊيا ويا.

(ب) اهي جملي ڇپيل لغاتون، جن جو سنڌي لفظن جي معنيٰ سان واسطو هو.

(ج) ادب ۽ لغت جي اڻ ڇپيل قلمي ڪتابن جو ذخيرو- خاص طرح شاهه عنات رضوي، خليفي نبي بخش، فقير محمد صديق ۽ مولوي غلام محمد خانزئي جا رسالا جن مان انوکا الفاظ چونڊي، هن لغات ۾ داخل ڪيا ويا. اڻ ڇپيل لغاتن مان آخوند عبدالرحيم عباسيءَ جي جواهر اللغات ۽ مولوي علي محمد مهيريءَ جي سنڌي لغات (مسودو) انهن ٻنهي مان جملي الفاظ شامل ڪيا ويا آهن. بمبئيءَ مان مسٽر تاراچند گاجرا ۽ لالا هاسانند جي لکيل لغات جا الفاظ اُتاري موڪليا، جن کي ڇنڊڇاڻ بعد داخل ڪيو ويو.

"هن سلسلي ۾ هيءَ احتياط پڻ رکيو ويو آهي ته جيئن سنڌي ٻوليءَ جي مڙني مکيه محاورن (لهجن) يعني ته لاڙ سريءَ ٿر، ڪاڇي، ڪاريءَ ڪڇ ۽ لس ٻيلي جي مخصوص ٻولين (لهجن) جا انوکا عام رائج الفاظ ۽ اصطلاح هن لغات ۾ شامل ڪري سگهجن."

"نج سنڌي لفظن کانسواءِ عربي ۽ فارسي لفظن جو پڻ ڪافي وڏو ذخيرو سنڌي ٻوليءَ ۾ شامل ٿي چڪو آهي، انهن مان هڪڙا الفاظ اهڙا آهن، جن کي سنڌي ٻوليءَ آڏي مکي، پنهنجو ڪري ڇڏيو آهي؛ ۽ ٻيا ڪي عربي، فارسي لفظ ۽ محاورا ڀوين ڏيڍ سئو ورهين ۾ سنڌي شاعرن ۽ اديبن جي زبان ذريعي سنڌي ادب جو جُزُ بنجي ڪتابن ذريعي، شايع ٿي چڪا آهن. اهڙن عربي ۽ فارسي لفظن ۽ اصطلاحن کي پڻ داخل ڪيو ويو آهي، انهيءَ لاءِ ته هيءَ لغات سيني طبقن لاءِ ڪارآمد ٿي سگهي."

ڊاڪٽر صاحب اڳتي لکي ٿو:

"هن لغات جي تياري ۽ تڪميل لاءِ هڪ مرڪزي آفيس قائم ڪئي ويئي ۽ تعلقي وار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا، جن هدايتن موجب سنڌ جي سيني ڀاڱن جي مقامي لفظن ۽ اصطلاحن جا ذخيرا گڏ ڪري موڪليا. مرڪزي آفيس جي عملي، ڪارڪنن کان پهتل مواد کي هدايتن موجب چنڊي ڇاڻي صاف ڪيو ۽ پڻ ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل ڪتابن مان الفاظ ۽ اصطلاح چونڊي قلم بند ڪيا." (16)

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجون سڀ صلاحيتون "جامع سنڌي لغات" ۽ لوڪ ادب جي سهيڙ تي صرف ڪيون پر جيڪڏهن مٿي ذڪر ڪيل عالمن ۽ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي کان ڪم ورتو وڃي ها ته لغت جي جامعيت ۽ سند ۾ فرق اچي ها.

## حوالا:


(1) Crowther Jonathan, Oxford Advanced Learner's Dictionary (fifth edition) 1995, p.685.

(2) فهميده حسين، ڊاڪٽر"سنڌي ٻولي: مختلف لساني پهلو"، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد 2012ع، ص- 126

(3) الانا، غلام علي ڊاڪٽر،"لغات سنڌي، مخففات"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو- ص: پ.

(4) William Bright, International Encyclopedia of Linguistics -Vol-II, Oxford University Press New York-1992, P-330

(5) Ibid, P-333

(6) Finegan, Edward, Language its structure & use, Thomson Learning 2002, p-31

(7) Source: Internet

(8) آڏواڻي، پيرومل- 'گربخشاڻي وارو شاهه جو رسالو'- سنڌ ثقافت کاتو ڪاڇو پبليڪيشن 2018ع- ص: 65-64.

(9) Watan Mal Lela Ram, Life, Religion and Poetry of Shah Latif 1st Ed. 1889, 2nd Ed. 1985 —pp- v, vi.

(10) پيرومل مهرچند آڏواڻي "گربخشاڻي وارو شاهه جو رسالو" ثقافت کاتو حڪومت سنڌ- ٻيو ڇاپو 2018ع- ص76.

(11) آڏواڻي، پيرومل- "گربخشاڻي وارو شاهه جو رسالو"- ڪاڇو پبليڪيشن 2018ع- ص: 99

(12) ساڳيو- ص ص: 102 ۽ 65

(13) ڪڙو انور فگار مرتب- سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون I- سنڌي لئنگئيج اٿارٽي 2007- ص 87.

(14) سيد، جي ايم "جنب گذاريم جن سين" جلد-2، سنڌي ادبي بورڊ، 1979ع، ص 324.

(15) بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر، تماهي مهراڻ- 1965، ص ص: 77-171.

(16) بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر، "جامع سنڌي لغات" سنڌي ادبي بورڊ، 2007ع جلد پهرين جي 'مماڳ' تان ورتل.

# علم ڏاتو يا اشتقاق Etymology

"Etymology: The study of the origins and history of the form and meaning of words. The linguistic form from which a later form derives is called its etymon. A popular or folk etymology arises when a word is assumed to come from a particular etymon, because of some association of form or meaning, whereas in fact the word has a different derivation."(1)

ترجمو: علم ڏاتو (Etymology): لفظن جي شڪل ۽ معنيٰ جي بنياد ۽ تاريخ جو اڀياس آهي. لسانياتي شڪل يا فارم جنهن مان بعد ۾ ٻي شڪل پيدا ٿئي، ان کي ان جو ڏاتو يا Etymon چئجي ٿو. مشهور يا عام 'علم ڏاتو' جي ابتدا اتان ٿئي ٿي، جڏهن اهو سمجهيو ويندو آهي ته هي لفظ ڪنهن خاص ڏاتوءَ مان نڪتو آهي؛ ڇاڪاڻ ته ان جو لاڳاپو خاص صورت، مخصوص آوازن يا معنيٰ سان هوندو آهي، پر حقيقت اها آهي ته اهو لفظ اڃا ٻئي ڪنهن هنڌان آيل هوندو آهي.

علم ڏاتو ۽ اشتقاق ۾ بنيادي طور ٿورو فرق آهي. ڏاتو کي عربي ۾ 'مادو' سنسڪرت ۾ 'مول'، فارسيءَ ۾ سرچشمه ۽ انگريزيءَ ۾ 'Root' چيو ويندو آهي. علم لسانيات مطابق لفظ جو آڳاٽو بنيادي جزو جنهن مان پوءِ ٻيا لفظ ٺهي نڪتا، يا ڪن صورتن ۾ ان جي شڪل (Form) ۾ تبديلي اچي ٿي ته ڪن صورتن ۾ ٻين ٻولين جي جزن: اڳياڙين (Prefixes) يا پڇاڙين (Suffixes) سان ملي ڪري نوان لفظ جوڙين ٿا. لفظ جي اهڙي ترتيبي پرک کي اشتقاق يا 'ڇيد' چيو وڃي ٿو. اشتقاق جو ڏاتو 'شق' = ٽڪرا ۽ اشتقاق=

ٽڪرن يا ڀاڱن ۾ ورهائڻ. مثلا لفظ آهي، 'وڻجارو' هن جا ٻه اشتقاق ٿيندا. وڻج= واپار+آرو= وارو. ٻيو ٿيندو وڻ < 'بن'= بنجاره= وڻن يا جهنگ ۾ گهمندڙ ڇاڪاڻ تہ هن جا ڌاتو الڳ الڳ آهن. ٻئي لفظ سنسڪرت مان ورتل آهن. پهريون ڌاتو آهي 'ٻڻج'= واپار. (J. T. Plats. P. 169)

اڳوڻي مفروضي موجب ان ڌاتوءَ ڪي سنسڪرت سان ڳنڍيو ويو پر اهو بہ امڪان آهي تہ اهو نج سنڌي ڌاتو هجي: وڻج=واپار واري صورت، يا وڻ مان 'بن' ۾ بنجاره- اهو وڻ ۾ وڻج جو استعمال لفظ واڻئي- بنيه ۾ بہ ڏسي سگهجي ٿو. جنهن جي معنيٰ بہ واپار ڪندڙ ٿي آهي.

علم ڌاتو جو بنياد يوناني لفظ Etymons = سچ، حقيقت آهي. ان جو واحد ٿيندو Etymon جنهن جو مطلب آهي: لفظ جو ڌاتو يا مصدر جنهن مان ٻيا لفظ جڙن، ٻين لفظن ۾:

Etymology is the study of history of words, their origins and how their form and meaning have changed over time (Oxford Advanced Dictionary. p-393)

## ڌاتن (Roots) بابت بنيادي ڄاڻ

ڌاتن جي ڄاڻ کي 'وٿيپتي وديا' يا 'علم اشتقاق' (Etymology) چيو ويندو آهي جنهن مطابق لفظ جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ]شق= ٽڪرا ڪرڻ، شق القمر= چنڊ جا ٽڪرا ڪرڻ[ ان جو بنياد/ڌاتو/مادو معلوم ڪيو ويندو آهي، تہ اهو لفظ ڪهڙي بنياد تي جڙيو ۽ ان جي اصل ڌاتوءَ جي حقيقت ڇا آهي. مثلاً 'ا- ستاد' جو ڌاتو= آوستات> آوستا (پارسين جو قديم ڪتاب) + ويد > = ڄاڻو. ان جو متبادل سنڌيءَ ۾ 'ويج' آهي. ڄاڻ يا علم کي سنسڪرت ۾ "وديا" تہ سنڌيءَ ۾ "وڄا" چيو ويندو آهي. ڪهڙو لفظ بنيادي آهي، ان بحث کي ڇڏي ڏسبو تہ ان جو استعمال گهڻين معنائن ۾ ٿئي ٿو. (ويج= ويد، حڪيم يا طبيب وڄا= وديا حڪمت وغيره) - ا-ستادن= ٻيهڻ [J.T.P-47]

'قلم' جي لفظي معنيٰ آهي 'ڪپڻ' اڳ ڊن يا ڪانهن جي ڪانن کي ڪپي قلم ٺاهيا ويندا هئا. وقت سان گڏ ان ۾ جدتون اينديون رهيون. پر بنيادي معنيٰ اها ئي رهي. عام اصطلاح آهي تہ 'سر قلم ڪرڻ' يعني ڌڙ سسيءَ

ڪان ڏار ڪرڻ. زراعت ۾ بہ گلاب جا قلم لڳايا ويندا آهن. ان عمل ۾ بہ گلاب جي ڏانڊين کي چاقو يا ڇريءَ سان مُڇي زمين ۾ لڳايو ويندو آهي. ڪن هنڌن تي پيوندڪاري بہ ڪئي ويندي آهي. عربي لفظ 'رقم' جي بنيادي معنيٰ آهي: 'لڪت'. اڳ پيسن جي ڏيتي ليتي لڪت ۾ ٿيندي هئي. انڪري محاوري مطابق ان جي اها معنيٰ ٿي. عربي لفظ 'دولت' جو مادو 'دول' يعني ڦرڻ، اهڙي شيءِ جيڪا مختلف ماڻهن جي هٿن ۾ ڦرندي رهي. سنڌي لفظ ڏول= ڇوڏيل ان مان ورتل آهي. سنڌي لفظ "مال" معنيٰ کير ڏيندڙ جانور- اڳي اهي شاهوڪاريءَ جي علامت هئا. ان ڪري مال+ دار معنيٰ مال ڌاريندڙ شاهوڪار دولتمند.. ساڳيءَ معنيٰ وارو ٻيو لفظ "ڌڻ" پڻ جانورن جي ميڙ لاءِ ڪتب ايندو آهي. جنهن مان ڌڻي، ڌن (دولت) ڌنوان (شاهوڪار) لفظ جڙيل آهن. 'گهوٽ' جي بنيادي معنيٰ آهي 'گهوڙو'[سنڌيلو-ص 306] جيئن تہ اڳ پرڻي وقت گهوٽ کي مختلف رسمن لاءِ گهوڙي تي چاڙهي چار پنج چڪر لڳرائيندا هئا، ان تان اهو لفظ جڙيو. 'گهوڙن ۽ گهوٽن جيئڻ ٿورا ڏينهڙا' ان دور جو محاورو آهي. ناريءَ جي سڱ گهرڻ کي پنڻ يا 'ٻيڪ' وٺڻ چوندا هئا، ڇاڪاڻ تہ گهوٽيتن کي ڪيئي پنڌ ۽ ايلاز ڪرڻا پوندا هئا. [فہ آ- ص: 664] سنڌي ٻوليءَ جو قديم لفظ آهي 'آپ'= پاڻي، 'آپسرا' اپ= پاڻي+ سراءِ= رهندڙ مخلوق= جل پري. ان لفظ کي سنسڪرت سوڌو ننڍي کنڊ جي ٻين ٻولين ساڳي صورت ۾ قبول ڪيو. عربي ۾ جيئن تہ 'پ' جو اچار نہ ٿئي. ان ڪري ان ٻوليءَ ۾ 'اب' ٿيو. اهو لفظ فارسيءَ ۾ 'آب' ٿيو بلوچيءَ ۾ 'آف' ۽ پشتو ۾ 'اُبو'. لفظن جي ان تبديليءَ جي علم کي (Philology) چيو ويندو آهي.

سنڌي وار 'اڱاري' جو ڌاتو 'اڱر' آهي. جيڪو عالمن جي تحقيق موجب گهٽ ۾ گهٽ ٽي هزار سال اڳ جو آهي ۽ ان صورت ۾ اسان وٽ اڄ بہ رائج آهي. [جيٺرام داس سنڌي لپيءَ جو اتهاس- ص 45] ان جي حقيقت ڪجهہ هن ريت آهي. جڏهن ڪانيون ٻرنديون تہ باهہ پيدا ٿيندي. اڱر نڪندا. باهہ جي عمل سان رڌ پچاءَ ٿيندو. قديم دور کان ان ڏينهن تي مختلف آکيين پاران شادمانا ڪيا ويندا هئا. انڪري اڱاري جي معنيٰ آهي:

خوشي، شادمانو. اسان وٽ پيا وار آرتوار- (آڏت= سج)+ وار= واري سان اچڻ وارو ڏينهن. سوموار يعني چنڊ جو ڏينهن 'اربع' عربي لفظ آهي، ان جي معنيٰ هفتي جو چوٿون ڏينهن [ننيڍي ڪنڊ ۾ انکي گوتم ٻڌ جي حوالي سان 'ٻڌ وار' بہ چوندا آهن.] 'خميس' پنجون ڏينهن، ان کي سنڌيءَ ۾ وهسپت بہ چيو ويندو هو جمعو= ڳڏ ٿيڻ جو ڏينهن. جمعي تي جامع مسجد ۾ گڏجي نماز پڙهي ويندي آهي. عربي ٻولي ۾ يوم الاحد (پهريون ڏينهن)، يوم الثاني (ٻيو ڏينهن)، يوم ثالث (ٽيون ڏينهن)، يوم الاربع (چوٿون ڏينهن)، يوم الخمس (پنجون ڏينهن) مقرر ٿيل آهن، جڏهن تہ فارسي زبان ۾ چنڊ ايرڻ سان سندن وار شروع ٿي ويندو آهي. اُهي يڪ شنبہ (آچر)، دو شنبہ (سومر) سہ شنبہ (اڱارو) وغيره چوندا آهن. انگريزن جا ڏينهن بہ شمسي نظام جي مطابق آهن.

ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ تقريباً هر هڪ لفظ جي تاريخ، جاگرافي، ثقافت ٿيندي آهي. منجهس ڪي اهڃاڻ، آثار تصور، معنيٰ ۽ مفهوم وغيره ٿيندا آهن، جيڪي لازمي نہ آهي تہ حالتن سان گڏ بدلجن. پر اڪثر اهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ جڏهن لفظ هڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻولي، ملڪ، سماج ۾ سفر ڪندا آهن تہ انهن جي شڪل، صورت ۽ معنيٰ ۾ فرق اچي ويندو آهي.

هيٺ ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا، جنهن مان خبر پوندي تہ لفظ ڪمڙيءَ ريت پنهنجو روپ، مفهوم ۽ معنيٰ تبديل ڪن ٿا.

سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي 'وَرُ'=چونڊ، انتخاب. ڪاڪو ڀيرومل مهرچند آڏواڻي لکي ٿو تہ: هندن جي اڳ رسم هئي تہ هڪ وڏي ڪمري ۾ چوڏاري نوجوان ويهاريا ويندا هئا، پوءِ نوجوان ناري کي اندر موڪليو ويندو هو تہ اها پنهنجي مرضيءَ جو مڙس چونڊي(2) فطري طور هوءَ جيڪا چونڊ ڪندي، اهو نوجوان سهڻو ۽ جانئو هوندو. انڪري ان لفظ جي معنيٰ Excellent، Best ۽ Superior بہ ٿيندي اهڙي طرح ان لفظ جون ڪي 80 کان مٿي معنائون ڏنيون ويون آهن. (3) 'وَريا': اسم مؤنث، اهڙي نوجوان ڇوڪريءَ کي چوندا آهن، جيڪا پنهنجي مڙس جي چونڊ پاڻ ڪري (4) سنڌي محاوري مطابق لفظ 'وَرو'، 'وَريل' 'وِيرُ'، 'وريام' ساڳي ڌاتو مان نڪتل آهن.

ور چونڊجي ويو. پوءِ رواج مطابق کيس گھوڙي تي چاڙھي ڪنوار جي گھر ڪي ست، اٺ ڀيرا وجھڻو پوندو آھي ۽ ان دوران کيس گھوڙي تي چاڙھي سرگس بہ ڪرائي ويندي آھي. انڪري سنسڪرت ۾ 'گھوٽڪ' معنيٰ گھوڙو اھا ان جي اصطلاحي معنيٰ جڙي آھي. سنسڪرت ۾ گھوڙي کي 'گھوٽڪ' کان علاوه آشو بہ چئبو آھي. اھو لفظ جڏھن فارسي ۾ آيو تہ 'آسو' ٿيو جيڪو مخفف آھي 'اسپ' جو. ان جو فاعل ٿيو 'اسوار' (آسو+وار) اڳتي هلي، ان جو الف حذف ٿيو تہ لفظ جڙيو 'سوار' يعني (Rider) (5)

واٽ يا رستي لاءِ اسان وٽ ڪيئي لفظ آھن: 'پَهَ'= ننڍو رستو ان کي 'پھو' بہ چون. ان تي جيڪو هلي انکي 'پھيڙا' چون:

"پوچ پيارج 'پھيڙا' ويندا وٺيو ڪنڌ"

(يمن ڪليان)

'پيرٽ'= پيرن جو چارو يا پيرن جا نشان

"پيئي دار ديون ڪري، پيرٽ تان پچن"

(يمن ڪليان)

'پينڊا'= رستو پيچرو

"وڏا پينڊا پنڌ جا ميزل ماٿينديس ميان"

(حسيني)

جتي پنڌ پڄي يا ٽڪ پڄجي، ان کي چون 'منزل'. ان جي آڳاتي صورت آھي "ميزل"

"وڏا پينڊا پنڌ جا ميزل ماٿينديس ميان"

(حسيني)

## مفاصلا ڪيئن ڄڻيا؟

هندي ٻوليءَ ۾ هڪ قديم محاورو آھي: 'گائو ڪوس' يعني ايترو مفاصلو جو ڳئون رنڀ ڪري تہ ٻڌي سگھجي.(6) سنڌي ۾ ان لاءِ چئون 'سڏ پنڌ' ايترو ڪيل پنڌ يا مفاصلو جو پئي جو 'سڏ' ٻڌي سگھجي. سنسڪرت

۾ 'ڪوس' جي لفظي معني آهي مفاصلو. لسانيات جو هڪ اصول آهي تہ مختلف ٻولين جهڙوڪ هندي ۽ سنڌيءَ ۾ آواز بدل ٿيندي آهي سنڌيءَ ۾ ڪوھ تہ هنديءَ ۾ ڪوس، سنڌيءَ ۾ گاھ تہ هنديءَ گھاس، ساھ-سانس ور-ٻر، وار-بال، ڦاهي-ڦاسي. اسان فارسيءَ مان آيل لفظ 'ڪوه' کي ساڳي معني جبل طور بہ استعمال ڪندا آهيون. "ڪوهياري جو ڪوهُہ اچي سور اڏميو" (ڪوھ+يارو) وارو جبل جو رهاڪو تمثيلي طور پنھون-سر ڪوهياري) ايران ۾ جبلن جي هڪ پٽي هئي، انهن جي چوٽين کي ماپيوويوتہ فاصلو ٻن ميلن جيترو ٿيو. ان ڪري ڪوھ يعني ٻن ميلن (Miles) جو مفاصلو.

## اَچو تہ ڳَنڍِ ڪوليون

لفظن جي ابتدائي شڪل تصويري (Pictorial) هئي. ان کان پوءِ تصور (Idiograms) جڙيا، جن جو آڌار اصل شيءِ جي شڪل، رنگ، روپ، آواز، هيئيت، ذائقي وغيره تي هو. ان کان پوءِ 'اهڃاڻ' (Idems, signs, symbols) ٺهيا. اهي اهڃاڻ ئي آهن، جن کي علم ڌاتو يا Etymology پڌرو ڪري ٿي. هيٺ ڳنڍ (Knot) بابت اِنمالاجي. وضاحت سان پيش ڪجي ٿي:

ڳنڍ= رسي يا ڪپڙي وغيره جي حصن کي پاڻ ۾ ملائڻ، ٻڌڻ، وڪڙ ڏيڻ وغيره. عربي ۾ چون 'عقد' شاديءَ جو ٻنڌڻ. لفظ 'عقيدو'= ايمان جو حصو بہ ان مان ورتل آهي. ساڳي طرح سنسڪرت ۾ 'ڳنڍ' کي 'گرنٿ' چون. سکن جي ڌرمي ڪتاب کي چون 'گرو گرنٿ صاحب'، جيڪو سکن جي ذهن گروئن جوڙيو هو ان کي 'سِک مت' بہ چون.

سنڌي ٻولي ۾، ان بابت ڪيئي اصطلاح ۽ محاورا آهن. جيئن ڳنڍ کولڻ: راز پرکي وٺڻ، ڳالھ سمجهي وڃڻ، ضد ڇڏڻ. ڳنڍ کلڻ: راز پڌرو ٿيڻ، معمو حل ٿيڻ، سمجھ پوڻ. ڳنڍ ٻڌڻ: رسي يا پلاند کي ور ڏئي سوگهو ڪرڻ، ضد ڪرڻ، ڪا ڳالھ بار بار چوڻ، پڪ ڪرڻ، هٺ ڪرڻ وغيره. ڳنڍ ڪپڻ: کيسو ڪترڻ، هٿڙي هڻڻ. ڳنڍ ۾ زور هئڻ: هوند وارو هئڻ، مالدار هئڻ، پيسي ۾ زور هئڻ. ڳنڍ ۾ نہ هئڻ: هڙ/کيسي ۾ نہ هئڻ، پيسو ڏوڪڙ نہ هئڻ. ڳنڍ نہ ڇوڙڻ: ڪنجوسائي ڪرڻ، پيسو خرچ نہ ڪرڻ وغيره.

## ڳنڍ بابت ڪي تاريخي روايتون:

هندستان جي قديم ماڻهن جو ويساهه هو تہ جوئر، ٻاجهر، ڪمند، بانس ۽ ٻين ڪيترن وڻن ٽڻن گاهن، جي سلن ۾ جيڪي ڳرين جا نشان ٿين ٿا، اُهي قدرتي طور ڳنڍيون آهن. سنڌ ۾ هڪ قسم جي گاهه کي بہ 'ڳنڍير' چون ٿا، ان جي ڳرين ۾ گهڻيون ڳنڍيون هونديون آهن. ماهيو مال ان کي وڏي چاهه سان کائيندو آهي.

"جيئن ڳنڍيون منجهہ ڳنڍير، تيئن مون من ماروئڙن سين". (مارئي)

هندستان جي ڪن قبيلن ۾ رواج هوندو هو تہ جڏهن ٻار هڪ سال جو ٿي ويندو هو تہ ڪنهن رسي يا ڌاڳي ۾ ڳنڍ ڏيئي ڇڏيندا هئا، جنهن کي "سالگرهہ" يا "ورش گرنٿ" چوندا آهن. ورش > ورس، ورهہ= سال اهڙيءَ طرح هر سال هڪ نئين ڳنڍ لڳائي ويندي هئي. اِنهن ڳنڍين کي ڳڻي اُنهيءَ ٻار جي ڄمار ٻڌائي ويندي هئي. اصل ۾ اهو طريقو انهيءَ زماني سان تعلق رکي ٿو جڏهن انسان لکڻ نہ ڄاڻندو هو. انهيءَ زماني ۾ ڳڻپ ۽ ضروري ڳالهين جي يادگيريءَ جو اِهو طريقو اختيار ڪيو ويندو هو. ڳنڍين جو استعمال ڪيترو عام هو سا ڳالهہ هيٺين مثالن مان ظاهر ٿيندي: "فن تحرير جي تاريخ" جو مصنف لکي ٿو تہ:

"يوناني تاريخ نويس هيرو ڊوٽس لکي ٿو تہ دارا چند يونانين کي ڊينيوب نديءَ جي هڪ پُل تي مقرر ڪيو. انهن کي چمڙيءَ جو رَسو ڏنو جنهن ۾ ٻن مهينن لاءِ سٺ ڳنڍيون پيل هُيون". هَن چيو "يونانيوا هن چمڙي جي رسيءَ کي پاڻ وٽ رکو ۽ آءٌ جيئن چوان تيئن ڪريو. منهنجي سٿين سان مقابلي لاءِ رواني ٿيڻ بعد هَر ڏينهن هڪ ڳنڍ کولجو ۽ جڏهن سڀ ڳنڍيون کُلي وڃن ۽ آءٌ واپس اچان تہ پوءِ توهان پنهنجي وطن واپس هليا وڃجو پر اُن کان اڳ نہ."

"ڪيليفورنيا جي ريڊانڊين رهاڪن متعلق ڊاڪٽر هوف مين لکيو آهي تہ هر سال اُنهن مان ڪِن ماڻهن کي ڪمبل وڪڻڻ لاءِ سين جبرئيل

موڪليو ويندو هو. هر ڪمبل وڪرو ڪندڙ ماڻهوءَ کي وارن يا اُن جون ٻه رسيون ڏنيون وينديون هيون، ته جيئن ڪمبل وڪرو ڪندڙ ڪمبل وڪڻي ته هڪڙي رسيءَ تي هڪ ڳنڍ ڪمبل لاءِ وجهي ڇڏي ۽ ٻي رسيءَ تي مليل رقم لاءِ ڳنڍ وجهي ڇڏي. جڏهن اُن وٽ ڏهه ريل يعني هڪ ڊالر تي ويندو هو ته هُو هڪ ٻئي ڳنڍ لڳائي ڇڏيندو هو. جڏهن اُهي ماڻهو ڪمبل وڪرو ڪري واپس ورندا هئا ته ڪمبل ڏيڻ وارا پڇي ويندا هئا ۽ ڳنڍين ڏنل سوتلين کي ڏسي ڏوڪڙ وصول ڪندا هئا.“

"سن 1873ع ۾ سنتالي ماڻهن کي سنتالي پرڳڻي جي آدمشماري ڪرائڻي هئي. هُنن جي سردار ڇئن رنگن ڪاري، ڳاڙهي، اڇي ۽ پيلي جون چار ڏوريون ڪنيون. ڪاري مان مُراد مرد، ڳاڙهي مان مُراد عورتون، اڇي مان مُراد ڇوڪرا ۽ پيلي مان مراد نينگريون هيون. هُو هر گهر تي وڃي ۽ گهر وارن کي ڏسي سُوتلين ۾ گهربل ڳنڍ ڏيندو ويو. اهڙيءَ ريت هُن علائقي جي سڄي آدمشماري ڪري ورتي. هُن جو اِهو ڪارنامو اڄ به مدراس جي عجائب گهر ۾ محفوظ آهي.“ (7)

مطلب ته ڳنڍين ذريعي ڳڻپ ۽ ضروري ڳالهين کي ياد رکڻ جو رواج قديم زماني ۾ عام هو. اسان وٽ سنڌ ۾ اڄ به ڪنهن ويساري ماڻهوءَ کي ڪنهن ڪم جي يادگيري ڏيارڻ لاءِ ٻانهن ۾ ڌاڳو ٻڌو ويندو آهي يا ڪيس رومال ۾ ڳنڍ ڏيڻ لاءِ چيو ويندو آهي. اسان وٽ ٻهراڙين جون عورتون پنهنجي محبوبن کي گلن جي ٽونڊن وارا اڳٺ، پرت پريل رومال، سوپاريون، نباتون، لونگ، مصري وغيره محبت جي اظهار طور رومال ۾ ڳنڍ ٻڌي موڪليندي هيون ۽ وصول ڪندڙ سمجهي ويندو هو ته انهن اهڃاڻن جو مطلب ڇا آهي.

## ڪري ڪوڙي جي ڪهاڻي

مغلن جي دور (1526ع_1707ع) ۾ سنڌن حڪومت جو سڪو سونو (Gold) هوندو هو ان کان علاوه چاندي، ڪنجهي، پتل وغيره جا به سڪا

هوندا هئا. سنڌ ۾ بہ اُهي ئي سڪا هلندا هئا. جڏهن راڻي جو راڄ رائج ٿيو تہ بہ ساڳيا سڪا هئا. البت ممرون (Figures) مٽجي ويون. ٽالپرن جي دور ۾ ڪين اجازت ملي تہ هڪ پاسي حاڪم مير جي تصوير هلندي.

سون جو وڏو سڪو هڪ تولي برابر هو پوءِ لالچي ماڻهو چا ڪندا هئا، جو سٺي سان ان جا پاسا ٽڪيندا هئا. ان ڪرت سان هو روزانو بہ چار ماسا جوڙيندا هئا. جيڪي ڪنهن واقفڪار سوناري کي ڏٺي ايندا هئا يا وري ٽُڪيل سون جا ذرڙا گڏ ڪري نڪ جو 'ڪوڪو'، 'منڊي' ٺهرائيندا هئا. هَٽَ واٽيا بہ وڏا هوشيار! روپئي کي اُپو (کرو>کڙو) ڪري بيهاريندا هئا. کوٽ سبب سڪو ڪري پوندو هو. پوءِ اهو سڪو ڪين موٽائي منهن ۾ هڻندا هئا. اڳتي هلي انهن جي تور ڪري وٺندا هئا. ان محاوري نہ صرف لغت ۾ جاءِ ورتي پر•انهن لفظن جون ڪيئي معنائون جڙيون.

کرو: سٺو عمدو، چونڊيل، سچو حقيقي، خالص، وفادار، ايماندار، مڪمل، صحيح، صاف Genuine, Real, True, Pure, (اجا بہ 12_10 ٻيون معنائون ڏنل آهن). (J.T. Platts: p-873)

کوٽو: ڪوڙو غير حقيقي، بي ايمان، ٺڳ، ڪِنو (Bad)، بي ٻڻياد اڀوورو قدر وڃائيندڙ Debased, Faulty, Corrupt, Defective, wicked, etc.(J.T. Platts, p-882) کوٽي ۾ پهرين لفظ 'Debased' جي معنيٰ لکي ٿو:

Degrade, reduce the value of a coin by increasing its base metal contents.

(اجا بہ ويهارو کن ٻيون بہ معنائون ڏنل آهن. چونڊ معنائن مان سمجهي سگهي ٿو تہ لفظ صفاتي سببن ڪري معنيٰ ڪيئن ٿا متائين.)

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڏاتن بابت بہ اهم ڪتاب آهن. 'هڪ اکر ڏاتو' مرتب پادري جارج شرٽ اشاعت 1866ع- هيءُ ڪتاب ان دور ۾ درسي ڪتابن ۾ شامل هو ۽ ان کان پوءِ شايع ٿيندڙ لغت نويسن ان تي گهڻو آڌاريو آهي. ٻيو ڪتاب "وٿيپتي ڪوش" مرتب جهمٽمل نارومل وسڻائي- اشاعت 1886ع. ذڪر ڪيل ڪتابن مان ڏاتن جا ڪجهہ مثال ڏجن ٿا.

پڙهندڙ پاڻ اندازو لڳائي ويندا تہ 'مول شبد' مان ڪهڙي ريت لفظ جڙن ٿا. پادري شرٽ جي پيٽ ۾، ڪاڪي جهمٽ مل جو ڪم وڌيڪ ٿيل آهي، ان ڏس ۾ اوهان جي ٿي پلئٽس يا ڊاڪٽر اسٽئنگاس جون ڊڪشنريون ڏسندا تہ هر هڪ ڌاتو جي سامهون، سؤن جي انگ ۾ لفظ ڏنل آهن. اسان کي ان ڏس ۾ ڪي قدم کڻڻ گهرجن. ۽ سنڌي لفظن جي مزاج، هيئت، تاريخ، ثقافت، خطي کي سامهون رکي، سنڌي ٻوليءَ جون وٿپٽي لغتون جوڙڻ گهرجن.

[هن وقت تائين مختلف لغتن ۾ جيڪي ڌاتو ڏنا ويا آهن. جيئن ڊاڪٽر گربخشاڻي جي رسالي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنڌيلي جي لغتن ۽ لوڪ ادب جي ڪتابن، جامع سنڌي لغت ۾ آيل ڌاتن کي ترتيب ڏئي، هڪ موچاري وٿپٽي ڪوش پڻ جوڙي سگهجي ٿي.]

ضروري ڪونهي تہ ڪو سڀ سنڌي لفظ سنسڪرت مول رکندا هجن. ڪيترائي اهڙا لفظ هوندا ۽ ممڪن آهي تہ اهڙا ڪي لفظ خود سنسڪرت ۾ ويا هجن، جن کي پوءِ سنسڪرت جا پنهنجا لفظ سمجهي ابتو ڦيرو ڏنو ويو هجي. ان تي پڻ تحقيق ٿيڻ گهرجي. مثلاً سنڌي لفظ آهي 'پٽ' سنسڪرت ۾ 'ت' جي جاءِ تي 'د' اختيار ڪيو ويو تہ لفظ جڙيو پد= ورهائڻ، جدا ڪرڻ، ديوار ٺيڪ، آڏار يعني ان جي بنيادي معنيٰ ٿيندي: ورهائڻ، الڳ ڪرڻ. جڏهن اڱڻ تي پٽ ڪڇندي تہ ان جا حصا الڳ ٿي ويندا. ٻي معنيٰ ۾ اها آڏار ۽ ٺيڪ بہ هوندي آهي. شاهہ لطيف فرمائي ٿو:

ٻيو پرو سو نہ پٽ، اکيون اوهان جي آسري
(ڪنيات)

قديم سنڌي لفظ آهي 'پار'= پاءِ وقت پڄاڻان 'ء' حذف ٿي ويو آهي. ان کي ٻين ٻولين ڪيئن اختيار ڪيو ڏسو هيٺين ترتيب:

گجراتي: پائي، هندي: پائي، مرهٽي: پاو ڏن پال: پاءِ، هيم چندر: پائٺو، پراڪرت: پاءِ، فارسي= برادر، بلوچي: برات، سنسڪرت: پراتر وغيره (تحقيق الغات سنڌي، سنڌيلو ص:73)

"يوم يَفِرالمرءُ من آخِيه جت ڀڄندا يارَ"
(سريراڳ)

يعني قيامت جي ڏينهن ڀائر ڀ ڀڄي پاسو ڪري ويندا.

خاطري سان چئي سگهجي ٿو تہ ٺ: ٽر- ڊ: ڊر- ڍ: ڍر- وارا سنڌي صوتيا سنسڪرت ۾ ساڳي صورت ۾ اختيار ڪيا ويا آهن. جيئن سمنڊ: سمندر، چنڊ: چندر، پٽ: پُتر، مِٺ: مِتر، چِٽ: چِتر وغيره.

سنسڪرت جو ڌاتو آهي 'پا'= پيئڻ. ان مان لفظ جڙيا: پيءُ، پيتو پيتل، پيندو پيئندڙ پياڪ، پياريل وغيره ساڳي مفهوم لاءِ عربي ٻوليءَ ۾ چوون 'شرب'= هن پيتو (ماضي مجهول) ان مان لفظ ٺهيا: شراب، مشروب، شرابي، شربت، شارب وغيره يعني ڌاتن مان لفظن جڙڻ جو عمل ڪن طريقن ۽ اصولن سان ٿئي ٿو جيڪي هڪ نسل وارين ٻولين ۾ لڳ ڀڳ ساڳيا ٿين ٿا.

روشنيءَ جو منارو (Light House) جي اِتامالاجي (Etymology) جنهن دور ۾ آباديون ڇڊيون ڇاڊيون هيون. منجهن ميلن جا مفاصلا هوندا هئا تہ ان دور ۾ آهنجي ويل سڏڻ جو وٽن هڪ طريقو هو تہ آبادي لڳہ ڪنهن مٿاهين دڙي تي رات جو ڪاٺيون ٻاريندا هئا تہ اوڙي پاڙي وارا سمجهي ويندا هئا تہ ان وسندي ۾ ڪو وڏو مسئلو پيدا ٿيو آهي ۽ واهر لاءِ پيا سڏين. صبح سوير يا ڪنهن پهر ۾ پهچي ويندا هئا. تازو اسان جو سگا جي سڏ تي 'گورک هِل' تي (2018_10_6) تي وڃڻ ٿيو. سيمينار ۾ هڪ مڪاني سڄاڻ ماڻهو ٻڌايو تہ اڄ ڀ ڪاڇي جي آبادي ٽڙيل پکڙيل آهي. چار گهر ڪٿي تہ اٺ گهر ڪوهين ڏور. اڄ ڀ آهنجي سنهنجيءَ ۾ رات جو جبلن جي چوٽيءَ تي باهہ ٻاريندا آهيون. پوءِ عزيز قريب ڪٿان ڪٿان ڪهي اچي رسندا آهن.

ان قديم تصور کي مختلف دورن ۾ ترقي ملندي رهي. پوءِ آخر ۾ سنڌين، عربن ۽ يورپي لوڪن ساموندي جهازن جي رهنمائي لاءِ اهڙا جتن ڪيا. جنهن کي پوءِ 16 صدي عيسوي ڌاري يورپي لوڪن گودين، بندرن تي وڏا ٿل (Tower) ٺاهي، ان ۾ روشنيءَ لاءِ مشعلون لڳايون پوءِ جڏهن بجلي ايجاد ٿي تہ بجلي جي بندوبست سان وڏا بلب فٽ ڪيا تہ جيئن رات جي وِڳڙي ۾ ڪين خبر پوي تہ بندر ڪيترو پَري آهي.

مٿي اسان سنسڪرت ٻوليءَ سان لاڳاپو رکندڙ ڌاتن بابت ٻن اهم ڪتابن جا مثال ڏئي آيا آهيون. مون کي ڪنهن ڪاباڙي جي دُڪان تان هڪ قديم ڪتاب مليو جنهن ۾ نہ مرتب جو نالو آهي، نہ وري اشاعت جو سن البت آخري صفحي تي "سنڌ پرنٽنگ پريس ۾ ڇپيو" لکيل آهي. ڪتاب ليٿو تي ڇپيل آهي. ان ۾ فارسي ٻوليءَ جي ڌاتن جي ڏاڍي سهڻي تشريح ٿيل آهي. مثال خاطر ڪن ڌاتن جي وضاحت هيٺ ڪجي ٿي.

'آخور' فارسي جو لفظ آهي، جنهن کي ڪاڪو ڀيرومل تسليم نٿو ڪري، اصل ۾ اهو ٻن لفظن جو ميلاپ آهي: 'آب خور' آب = پاڻي +خور= کائڻ/پيئڻ جي جاءِ. بعد ۾ ان ۾ 'گاهہ' بہ گڏيو اٿن. فارسي جي مستند لغت (Persian-English Dictionary) ۾ صفحي 26 تي اهو لفظ وضاحت سان آيو آهي.

اهو ممڪن آهي تہ اسان جي لفظ 'آهورو' مان مٿجي 'آخور' ٿيو هجي. سنڌي ۾ ان کي 'هاڏر' بہ چوندا آهن.

ڪاڪو ڀيرومل مهر چند آڏواڻي وڌيڪ لکي ٿو تہ: "ڊاڪٽر گربخشاڻي لکيو آهي تہ: 'آهر' لفظ اصل ۾ فارسي لفظ 'آخور' آهي ۽ معنيٰ اٿس وٿاڻ. حقيقتؤن 'وٿاڻ' اهو هنڌ آهي، جتي ڳايون، مينهون، رڍون ۽ ٻڪريون ٻڌبيون آهن. هڪ مشهور بيت آهي تہ:

"جت بيهن گهوڙا گهڻا 'ڪُرَهہ' ان کي چون،
جت رڍن، ٻڪرين جا ڌڻ، ان کي 'وٿاڻ'."

(ديوان گل)

'آهر يا آهورو' اهو هنڌ آهي، جنهن مان وهٽ ڪاڏو کائين ٿا. ڪيترا مالدار پنهنجي وٿاڻن جي اندر پٽ پرهڪ وڏو ٻنو ڏيندا آهن تہ ڪوُتر وانگر جاءِ ٺهي پوندي آهي... پر ڳالهہ تہ 'آهر' لفظ اصل ۾ فارسي 'آخور' نہ آهي. اهو بہ تہ ويچار ڪرڻ گهرجي تہ سنڌ جا ماڻهو جي هزارها ورهين کان ڌڻ ڌاريندا اچن. تن وٽ 'آهر' لاءِ پنهنجو ڪو لفظ هئو ٿي ڪونہ ڇا؟ جو فارسيءَ مان 'آخور' لفظ وٺي، تنهن کي ڦيرائي آهر بڻايائون. حقيقتون هي نج سنڌي لفظ آهي. (8)

آسمان= اُپ، جڙيو آهي: آس= جانڊهہ+مان= وانگر، اهو نالو ان ڪري پيو اٿس جو اپ بہ جانڊهہ جهڙو گول آهي ۽ ڦري ٿو.

انجمن= ماڻهن جي ويهڻ جي جاءِ، جنهن کي مجلس چون. جڙيو آهي: عربي لفظ 'نجم' مان، نجم= تارو. ترڪيبي معنيٰ ٿيندي: تارن جو ميڙ. آخري 'ن' نسبت جو آهي. جهڙي طرح آسمان ۾ طرحين طرحين جا تارا ڏسڻ ۾ ايندا آهن، ساڳي طرح مجلس ۾ بہ گهڻن قسمن جا ماڻهو اچي گڏ ٿيندا آهن.

بيابان= رڃ، غيرآباد پٽ، اهو لفظ بہ ٻن لفظن جو جوڙ آهي، اهو لفظ اصل ۾ آهي 'بي آبان'، بي= ڪانسواءِ+ آب = پاڻي. يعني پاڻي ڪانسواءِ رڻ پٽ، صحرا.

تُفنگ= بندوق، اهو لفظ فارسي جي 'تفڪ' مان ورتل آهي، جنهن جو بنياد آهي 'تف'. اهو مخفف آهي 'توف' جو. ان جون ٻيون صورتون آهن، توب، توپ.

جوهر= سَت، ٽٽ۔ قيمتي پٿر. فارسيءَ ۾ ان کي چون 'گوهر' جيئن تہ عربي ٻوليءَ ۾ 'گ' ڪونهي، انڪري اهڙن لفظن کي 'ج' سان ڦيرين ٿا، جيئن گيلاني۔ جيلاني. گل+آب= گلاب يعني گلن جو پاڻي، جيڪو مغل شهزادي نورجهان بيگم جي وهنجڻ لاءِ اهڙن گلن (Roses) مان خاص طريقي سان ڪشيدي تيار ڪيو ويندو هو. عربي ۾ ان کي چون 'جُلاب' جو 'گ' جو آواز عربي ٻولي ۾ ڪونہ ٿئي.

خداوند= مالڪ، ڌڻي ۽ صاحب جڙيو آهي خدا= مالڪ، صاحب + وند= وارو جهڙو 'خاوند' جي بہ معنيٰ ۽ ڏاتو ساڳيو آهي، صرف 'د' حذف ٿيل آهي.

دُشمن= ويري، اهو لفظ جڙيو آهي 'دُش'= بُڇڙو + من= دل. بُڇڙي طبيعت وارو. 'دُشنام' لفظ جي بہ ساڳي معنيٰ آهي. اهڙو ماڻهو جو بهتانن هڻڻ ۾ مشهور هجي.

رُباب= تنبوري جهڙو ڳائڻ جو اوزار. عربي ۾ ان جي ترڪيب هن

طرح آهي، 'رواوه' رواوَ جي معنيٰ آهي غمگين آواز ۽ 'هـ' نشاني آهي لاڳاپي جي، معنيٰ ٿي: ڏک وارو ساز

فاش= ظاهر ڪرڻ، پڌرو ڪرڻ. ان لفظ جو مادو آهي، 'پاش' ٽڪرو پاش پاش ڪرڻ= ذرا پرزا ڪرڻ. فارسيءَ ۾ 'پاشيدن' ڪنبيرڻ.

ناخدا= مهاڻي خلاصي، ان جو ڌاتو آهي، 'ناوه'= پورو ڪاٺ جو بنڊ، جيڪو پاڻي ۾ تري سگهي، ننڍي ٻيڙيءَ پوءِ اهو ٿيو 'ناوخدا' ناو= ٻيڙي+ خدا= مالڪ، ٻيڙيءَ جو مالڪ، ڏٺي، هلائيندڙ ملاح.

حوالا:


(1) Crystal, David, An Encyclopedic Dictionary of Language & Languages Black Well Publishers, 1992, p-128.

(2) آڏواڻي ڪاڪو ڀيرومل مهرچند، "قديم سنڌ" سنڌي ادبي بورڊ 1980ـ ص 275

(3) J. T. Platts. Urdu and classical Hindi English Dictionary, London Crosby Lockwood and son 1911 P-1185.

(4) Ibid. P-1190.

(5) سمرات گنگارام 'اسان ڪي متان وساريو'. لئنگئيج اٿارٽي 1999ع ص 178.

(6) J. T. Platts. Urdu and classical Hindi English Dictionary London Crosby Lockwood and son 1911 p-862.

(7) رنگريز غلام حسين، 'فن تحرير جي تاريخ' (ترجمو) سنڌي لئنگئيج اٿارٽي 2016، ص 31 کان 34.

(8) آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند، گربخشاڻي وارو شاهہ جو رسالو۔ ثقافت کاتو 2018ـ ص 130.

# علم لسان Philology

Philology: Traditionally, the study of language history, sometimes including the historical study of literary texts; also called comparative philology when the emphasis is on the comparison of the historical states of different languages. The subject overlaps substantially with historical linguistics. (1)

ترجمو: روايتي طور تي ٻولي جي تاريخ جو مطالعو جنهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ادبي مواد جو تاريخي اڀياس به شامل هوندو آهي. جنهن کي تقابلي علم لسان به چوندا آهن، جڏهن ته ان جو زور مختلف ٻولين جي تاريخي حيثيت پيٽڻ تي هوندو آهي. هي علم تاريخي لسانيات تي ڪافي حد تائين غالب هوندو آهي.

علم لسانيات يا لغات ۾ هن علم کي تمام وڏي اهميت ڏني ويندي آهي، ڪن عالمن ان اصطلاح لاءِ "علم زبان" ته ڪن 'علم لسان' ڪتب آندو آهي. اسان جي ڏيهي عالمن، ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي سميت ڪيترن ئي عالمن مٿيان اصطلاح استعمال ڪيا آهن. منگهارام ملڪاڻي ان کي "ڀاشا وگيان" ڪوٺي ٿو. (ڪتاب سنڌي نثر جي تاريخ ص 10) اردو ٻوليءَ جو مڃيل عالم مولوي عبدالحق ان علم بابت پنهنجي لغت ۾ ان جي وضاحت هن طرح ڪري ٿو: "ٻولين جو تاريخي ۽ تقابلي مطالعو علم دوستي، علم ادب جو شوق." (2)

ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو ته: "علم لغت، جنهن جي رستي ٻوليءَ جي ترقي ممڪن آهي، تنهنجو ڪنهن به سماءَ نه لڌو آهي. خود سنڌي لغت نويسن به، علم لغت جي اصولن ۽ سنڌيءَ سان ٻين مشابهت رکندڙ ٻولين

جي، ڪوجنا نہ ڪئي آهي. انهيءَ سبب سندن لغتون اڌوريون ۽ خام رهجي ويون آهن ۽ ڪيترن نج سنڌي اکرن جي معنيٰ پوري ۽ صحيح نہ ڏني وئي آهي. البت ڏکي جي ڪمي ڪانهيءَ شاهہ جي رسالي ۾ ڪيترا لفظ آهن، جن جي معنيٰ تہ صفا اوت تي ڪئي وئي آهي". (3)

ان تي ڪاڪو ڀيرومل مهرچند آڏواڻي پنهنجي تنقيدي مضمون ۾ لکي ٿو تہ:

"وري 'مقدمہ' جي صفحي 134 تي سنڌي ڊڪشنرين جوڙيندڙ ۽ رسالي جي اهنجن لفظن جي معنائن لکندڙن تي تمائين سخت ڇُلهہ ٽيل ڏنم. چي: ڊڪشنريون جوڙيندڙن ۽ رسالي جي لغت نويسن علم لغت (philology) جو ڪو سماءُ ڪونہ لڌو آهي ... سندس هي لکڻ جو نمونو مونکي نہ وڻيو. بلڪ انهيءَ مان باٺور جي بوءِ آئي. سندس لکڻ موجب سنڌ ۾ اوندهہ آهي. تنهنڪري چيم تہ ڏسان تہ پاڻ ڪهڙو سوجهرو ڪيو اٿن. ۽ رسالي جي صحيح پڙهڻين ۽ صحيح معنائن ڏيڻ ۾ ڪيتري قدر سوپارو ٿيو آهي". (4)

ذڪر ڪيل حوالن مان علم لسان (Philology) جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

هي علم لفظن جي تاريخي سفر، ثقافت، سماجي پسمنظر، ادبي لاڙن سان بحث ڪري ٿو. جيڪي تاريخي واقعا ٿي گذريا آهن، انهن جي متن، تاريخي ۽ لساني (Linguistic) بنيادن بابت پڻ تفصيل سان جائزو پيش ڪري ٿو.

## وضاحت لاءِ ڪي مثال پيش ڪجن ٿا:

سنڌ جي طبي تاريخ وڏي اهميت رکي ٿي. سن 2 هجريءَ ۾ سنڌ جا پسارڪا وکر، هندستان جي سمورن پرڳڻن، جاوابندر (انڊونيشيا)، سرانديپ (سريلنڪا) آذربائيجان کان ايران، ترڪي، مصر، بغداد تائين روانگي واپار جو اهم اسم هوندا هئا. هتان جا طبيب جن کي عام طور "ويج" چيو ويندو هو اهي پنهنجي فن جا وڏا ماهر هئا. خاص طور بغداد جا شاهي گهراڻا ڪين ڪوٺ ڏئي وٺي ويندا هئا. ان دور ۾ هاضمي ۽ ريح بادي جي خلل کي ختم

ڪرڻ لاءِ ويڄ ڪين تي ڦل: هريڙون، ٻهيڙا ۽ آورا (ترِڦلو: سنڌيلو: ص 96) ڪُٽي، ڦڪي ٺاهي ڏيندا هئا. اها ڦڪي (ٽِرڦلا) اڄ بہ سنڌ ۾ استعمال هيٺ آهي. اها دوا عرب ملڪن ۾ ايترو تہ مقبول ٿي، جو ان جو نالو ٿي "اطريفل" رکياڻون. عربي ٻولي ۾ 'ٽ' = 'تري' ڪانہ ٿئي، انڪري 'طري' ڪياڻون. ان نالي سان 'همدرد دوا خاني' وارا اڄ بہ ساڳي مقصد لاءِ دوا ٺاهين ٿا، جنهن کي 'آطريفل زماني' چون ٿا. هندستان ۾ اها دوا "تري فل" جي نالي سان مشهور آهي.

ان ڏس ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ: "جڙين ٻوٽين ۽ وکرن جا سنڌي نالا ڪم از ڪم چوٿين صدي هجري/ ڏهين صدي عيسوي ۾ ان وقت واري سڄي علمي دنيا ۾ رائج هئا. اهي سڀ پسارڪا وکر سنڌ ۾ پڻ استعمال ٿيندڙ هئا، جنهن مان ان وقت هتي جي طبي ڄاڻ ۽ عملي علاج جو اندازو ٿي سگهي ٿو." حوالي طور ٻن چئن وکرن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا، جيڪي البيروني پنهنجي ڪتاب الصيدن ۾ ڏنا آهن". (5)

لِم: فارسيءَ ۾ بہ ان کي 'لم' چون، عربيءَ ۾ سيسبان، هنديءَ ۾ ان کي 'ون' سنڌيءَ ۾ 'وڻ' سنڌيءَ ۾ هن کي لِم سڏين (بشر) ڪن ڀاڱن ۾ اڄ بہ لم چون، وچولي ۽ لاڙ ۾ انکي نِم چون.

دهطورا: عربي ۾ ان کي "بنج" (ٻنگ) چون. هن جا ٻہ قسم آهن. هڪ ٻهاڙي(جهنگلي) ٻيو بستاني (باغائي). سنڌي ۾ ان کي "ڌاتورو" سڏيو ويجي ٿو.

هملو: البيروني جي چوڻ مطابق عربيءَ ۾ ان کي "حرمل" ۽ فارسيءَ ۾ "سپند" سنڌي ۾ "هملو" جيڪو هن وقت هر ملويا هر مرو سڏجي ٿو.

دلفن: البيروني جي لکڻ مطابق "دلفين" يوناني نالو آهي، عربيءَ ۾ "دخش"، سنڌيءَ ۾ "بولو" چون ٿا. بولو شايد آڳاٽو اُچار آهي، هن وقت ان کي "ٻلهڻ" سڏجي ٿو، هن جو ٻيو نالو "ٻرون" آهي، محقق البيروني کي اهي ٻئي سنڌي نالا ياد هئا. وڌيڪ مثالن لاءِ ڏسو مٿيون ڪتاب صفحي 87 کان 114 تائين.

لفظ سفر جو ٿا ڪن ۽ ڪيئن منجهن ٿورو گهڻو آوازي فرق اچي ٿو، اهو سچو بحث Philology جو آهي، ان موضوع تي مرزا قليچ بيگ تمام سٺو ڪم ڪيو آهي، سندس ڪتاب جو نالو آهي.

"Philological Curiosities" جيڪو 1911ع ڌاري Steam Pressure Press, Hyderabad Sindh ڇپيو. ان وقت مرزا صاحب پاڻ ڪي Retired Deputy Collector لکيو آهي. ان موضوع تي اهو هڪ ئي ڪتاب آهي، جنهن ۾ انگريزيءَ، عربي، فارسي، ترڪي، هندي وغيره لفظن جا مثال ڏنا ويا آهن، جيڪي اڄ سوڌو سنڌ ۾ رائج آهن. تازو هي ڪتاب پڻ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ٻيهر ڇپايو آهي.

ڪتاب جي صفحي نمبر 78 تي لفظ آيل آهي 'Aid-de-Camp' ان کي سنڌي ۾ چئون 'آڙيڪاپ' يعني هر فن مولي، اهو لفظ اسان وٽ ڪهڙي ريت آيو:

انگريز حڪمران سنڌ ۾ 1875_1850ع دوران سنڌ جي مختلف حصن ۾ عارضي ڪيمپ آفيسون قائم ڪري، مڪاني سطح تي زمينن، ٽيڪس اوڳاڙين، ديواني ڪيسن وغيره جو اُڪلاءُ ڪندا هئا. ڪين هفتو_پندرهن ڏينهن ڪن هنڌن تي ٻن ٽن هفتن لاءِ اهڙو چالاڪ مڪاني ماڻهو گهربل هوندو هو جيڪو ڪيمپ آفيسر جي روزاني تڪڙين گهرجن جو پورائو ڪري سگهي. جنهن کي خبر هجي ته سُٽ جي ڏوري نه ملي ته نوڙي مان ڪيئن ڪم ٽپائجي. اهڙي هر فن مولي کي "ڪيمپ جو سهڪاري" سنڌيءَ ۾ "آڙيڪاپ" چون.

انگريز ان ڪيمپ جي ٻاهران شام جو ننڍڙي ميز رکي، ان تي چانهن وغيره پيئندا هئا. جنهن کي هو Tea-Poy يا Tripod سڏيندا هئا. اسان ان جو نالو ٽپائي يا "ٽپايو" رکيو.

'سبيل' عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي معنيٰ اٿس: راهه، رستو. ان معنيٰ ۾ لطيف سائين فرمائي ٿو: "سنئين راهَ سيد چئي سونائون سبيل." (سهڻي). جيئن ته سنڌ ۾ عام رستن تي وڻن جي چانوري، ڪنهن جهوپڙي پرسان واٽهڙن، مسافرن لاءِ پاڻي جا مٽ رکيل هوندا هئا ۽ خاص طور محرم پاڪ ۾

امامن ـ شهيدن جي ياد ۾ رستن سان ٿڌي پاڻيءَ جو بندوبست ڪيو ويندو آهي. ان ڪري سبيل معنيٰ پاڻي بہ آهي. ڳوٺن ۾ اڄ بہ اوطاقن ۽ اوتارن ۾ چون، ادا سبيل پيارجانءِ.

زحمت. فارسي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: تڪليف ناپسنديدگي، درد وغيره اهو لفظ اردو ۾ ان معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي، پر سنڌيءَ ۾ ان جي معني مٽيل آهي: زمرڪ، زبرو ڏڪ، مصيبت وغيره. اسان ان کي رحمت جي ضد ۾ وٺندا آهيون. اسان شهري ماڻهو اردو ٻولي جي اثر ڪري، اهو لفظ استعمال ڪندا آهيون، جيڪو سراسر غلط آهي.

ٽرنر صاحب پنهنجي جڳ مشهور ڊڪشنري A Comparative and Etymological Dictionary of Nepali ۾ ڄاڻائي ٿو تہ سنڌي ٻولي جا اندازن 60ـــ70 سيڪڙو لفظ ٻين پرپاسي وارين ٻولين ۾ داخل ٿيا آهن. هن ڪيئي مثال ڏنا آهن. انهن مان هڪ آهي "امب" پراڪرتن ۾ آمو آنبو آنب. سنسڪرت ۾ امر ۽ هنديءَ ۾ آم. هن وقت سنڌي ۾ 'انب' لکيو ۽ پڙهيو وڃي ٿو. ان جي اصل صورت 'امب' آهي.

سنڌي لفظ 'مامرو' اصل ۾ عربي لفظ 'معامل' جي سنڌي صورت آهي:
"جيڪا ڪندي نينهن سا مون جيئن پوندي مامري" (شاهہ)

آپ= پاڻي، آپ سِراءِ= اپ= پاڻي + سِراءِ= رهندڙ مخلوق= جل پري. سنسڪرت، هندي ۽ ڪن ٻين پراڪرتن ۾ بہ اپ= پاڻي استعمال ٿئي ٿو. اهو لفظ جڏهن عربي ۾ داخل ٿيو تہ 'پ' جو اچار نہ هئڻ ڪري ٿيو 'اب' يعني پاڻي يا پاڻيءَ جو قطرو آبّ= پيءُ جو قطرو (مَني جو ڦڙو) جڏهن اهو لفظ فارسيءَ ۾ آيو تہ ٿيو 'آب'، بلوچيءَ ۾ آيو تہ ٿيو 'آف'، پشتو ۾ 'اُبي'، ڪشميري ۾ آب وغيره.

ارگ. سن. جيڪو ڇاتي پر هلي= ناگ (سنديلو ڏهس نامو ص36) زلف ف. رات جو پهر. مجازاً= ڪارا وار. ڇڳ (ڏهس نامو ص.17) مرگهہ ـــ مرگ= تلاش ڪرڻ جيڪو خوشبوءِ ۽ پاڻي جي تلاش ۾ هجي= هرڻ. (ڏهس نامو ص37) ضرار. ضرر رسائيندڙ= شينهن (ڏهس نامو ص40) لوڪ شاعري

۾ نانگ لاءِ وسهر > وسيهر> وشيمل لفظ استعمال ٿيندا آهن. وش= زهر + ڏر = رکندڙ اهو لفظ وڇونءَ لاءِ بہ استعمال ٿيندو آهي.

فارسي ٻوليءَ ۾ ٺِهاڻ ۽ چست گهوڙي کي چون 'هيدج' ڪن علائقن ۾ هيدخ. ان جي ٻوٽاڙي واري سنج کي چون 'هيده' جنهن ۾ لغام بہ پوندو آهي. اهو لفظ جڏهن سنڌي ٻوليءَ ۾ آيو تہ ٿيو: 'هيدي' شاهہ لطيف فرمائي ٿو تہ:

"قطيفي جي ڪرها هَيدِي پايان حال"

(ڪنيات)

سڀ کان پهريان ان لفظ تي بحث ليلارام وطڻ مل ڪيو هو. ڊاڪٽر ٽرمپ واري نسخي ۾ ڪديفي (ص 75) لکيل آهي. هي لغتون پيٽي ان راءِ تي پهتو تہ اهو لفظ 'قطيفي' اصل عربيءَ جو آهي. ان جي معنيٰ آهي: مخمل، نرم ڪپڙو يعني "اي ڪرها تڪڙو هَلي محبوب سان ملاءِ تہ توکي مخمل جي جهل پاريان" (6)

ڊاڪٽر گربخشاڻي ان جي معنيٰ: مَهار واڳ ۽ لغام ڄاڻائي آهي. (شاهہ جو رسالو جلد پهريون ص 439) سنڌي ٻوليءَ ۾ هر هڪ جانور جي سنج لاءِ الڳ الڳ لَفظ آهن. جيئن: لغام گهوڙي لاءِ، مهار اٺ لاءِ، 'نٿ' ڏاند لاءِ. رسالي جي ڪن شارحن (ٻانهون شيخ، قليچ بيگ، ڊاڪٽر بلوچ) ان جي معنيٰ 'جهل'، 'پاکڙو' ۽ پوش لکي آهي. ان جو هڪ سبب اهو بہ آهي تہ شاهہ صاحب اهو لفظ ڪرهي لاءِ ڪتب آندو آهي.

ڪن صورتن ۾ لفظ ٻي ٻولي ۾ اچي، پنهنجي اصل معنيٰ وڃائي ويهندا آهن. جيئن 'قبر' جي لفظي معنيٰ آهي: پردو اونده. پر سنڌيءَ ۾ ان جي معنيٰ آهي: سامي، مزار. عربي لفظ 'رقم'= لکت، راقم= لکندڙ پر اڄ جي رواجي معنيٰ آهي: پيسا وغيره. ساڳي سٽ ۾ عربي لفظ 'قطيفي' استعمال ٿيو آهي، جنهن کي گربخشاڻي سميت ڪيترن ئي عالمن 'ڪديفو'= ريشم، پٽ، مخمل < بخمل بہ لکيو آهي.

سنڌي ۾ لفظ آهي 'خرار'= اَنَ جا ويهہ مڻ. اهو لفظ اصل ۾ فارسي ٻولي مان آيو آهي: 'خروار' An ass-Load= يعني ايترو وزن، جيڪو گڏهہ تي

يوئي سگهجي. وضاحت ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ ايران جي مشهور شهر تبريز جا سؤ مڻ=خروار. (P-45 Persian-English Dictionary) جڏهن تہ "جامع لغات سنڌي" ۾ ان جي بہ اها معنيٰ ڏني ويئي آهي. (ف. خروار=گڏهہ جي ڪٽڻ جيترو بار۔ جوئر جا 22 مڻ ۽ ڪڻڪ جا 20 مڻ۔ جلد ٽيون۔ص85)

فارسي لفظ آهي 'گازر'= ڌوٻي، ڪپڙا ڌوئيندڙ (J.J. Platts-p-892) اهو لفظ جامع لغات سنڌي ۾ آيل آهي. جلد پنجون ص۔61) 'گازر گاهہ'= ڌوٻي گهاٽ. ڪراچي ۾ 'گزري' علائقو آهي، جتي اڳ ڌوٻي گهاٽ هوندو هو. اهڙي نموني حيدرآباد شهر ۾ هڪ پاڙي جو نالو 'پريٽ آباد' آهي: هڪ قديم اسڪول ۾ اڄ بہ ان جي تختي لڳي پئي آهي. 'پرٽ' يا 'پريٽ' اسان ڌوٻي کي چئون. شاهہ لطيف بہ اهو لفظ ساڳي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي:

"پريٽن پالياس، پانيڻ پيٺي آهيان"

سُر ديسي

يعني مونکي ڌوٻين (محمد ڪٽي جي آڪهہ) پاليو آهي، پر آءٌ تہ اصل ۾ پانيڻ جي ٻيٺي= ڌي آهيان.

ڌوئڻ (Washing) جي عمل کي چئون 'ڌوپ' ڌاتو: ڌو۔ مصدر 'ڌوپڻ' مشهور چوڻي آهي تہ "توڙي ڌوپي وڃ درياهہ تہ بہ اوجهہ نہ ڇڏي اوجهري". ان جو اسم فاعل ٿيندو 'ڌوپي'، ڌوپيءَ کي ڪنهن دور ۾ 'نئي' بہ چوندا هئا. ان جو مثال بہ رسالي مان ملي ٿو:

"نيءَ سين نِسورو، حشر ڪري هليا"

سر ديسي۔ نيءَ= ڪنياٽي۔ شاهواڻي۔ ص 391.

عربي لفظ 'غريب' جي معنيٰ آهي: مسافر، پرديسي، ٻاهريون. (Persian-English Dictionary- p- 886) ان سان گڏ لفظ استعمال ٿيندو آهي، 'عجيب'= عجب ۾ وجهندڙ اهڙو لباس پائيندڙ جيڪو اُتي رواج ۾ نہ هجي، جيئن فرانس ۾ گوڏ ۽ گنجي پائڻ. پوشاڪ جي ڦير سان لفظ اها معنيٰ ورتي آهي. انڪري چوڻي آهي تہ "جهڙو ديس تهڙو ويس."

مطلب تہ لفظ جي بنيادي معنيٰ الڳ ٿئي ٿي. پوءِ اهو لفظ جڏهن ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ داخل ٿئي ٿو تہ اتان جي ماحول، سماجي ۽ ثقافتي قدرن، مڪاني شين سان ملندڙ جلندڙ شڪلين، استعمال سبب ان جي اصطلاحي معنيٰ ٻي ٿئي ٿي. لفظن جي اهڙي سفر جي علم کي علم لسان يا Philology چئجي ٿو.

حوالا:


(1) Crystal, David, An Encyclopedic Dictionary of Language & Languages. Black Well Publishers, 1992, p-297.

(2) Abdul Haq Molvi The Standard, English Urdu Dictionary Anjuman Taraqi -e- Urdu Karachi, 2nd Edition, 1985, p-850

(3) گربخشاڻي هوت چند، ڊاڪٽر "شاهہ جو رسالو" 'مقدمو' ڪمشنر صاحب جو ڇاپخانو۔ 1923، ص 134

(4) آڏواڻي ڀيرومل مهرچند "شاهہ جو رسالو" گربخشاڻي وارو ثقافت کاتو ٻيو ڇاپو 2018، ص 42.

(5) بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" پاڪستان اسٽڊي سينٽر سنڌ يونيورسٽي 1990ع۔ ڇاپو 3۔ ص: 115.

(6) Watan Mal Lela Ram, Life, Religion and Poetry of Shah Latif, 1st Ed. 1889, 2nd Ed. 1985 —p— 154

باب چوٿون

# علم معنيٰ Semantics

A specific list of LEXICAL UNITS of a language, arranged in a specific way and supplied with specific information, the whole being designed for a specific purpose, is called a LEXICON or Dictionary. (1)

ترجمو: ڪنهن به ٻوليءَ جي لغوي ايڪاين يا لفظن جو هڪ مخصوص سٽاءُ، جنهن جي ترتيب ڪنهن خاص طريقي سان ڪئي ويجي ٿي ۽ مخصوص معلومات سان گڏ مهيا ڪئي ويجي ٿي، پوري مواد کي خاص مقصد لاءِ ڊزائن ڪيو ويجي ٿو. ان کي لغت يا ڊڪشنري چئجي ٿو.

علم لغت جي حوالي سان، علم معنيٰ جو نهايت ئي اهم حصو آهي، جيڪو لگ ڀڳ ٻوليءَ يا لغت جي سڀني پاسن تي بحث ڪري ٿو. جديد لسانيات جو ماهر ايڊورڊ فائنين گين (Edward Finegan) پنهنجي ڪتاب Language: Its structure and use ۾ لکي ٿو ته: "مٿي ذڪر ڪيل بحث مان معلوم ٿئي ٿو ته معنيٰ جو تصور (Notion) ڪو عام رواجي نه آهي، بلڪ اهو ٻوليءَ جي ڪيترين ئي رخن (aspects) جو مجموعو آهي. اهو علم وسيع تناظر ۾ ڏٺو وڃي ٿو."

ان جا جُزا يا رخ اڻ ڳڻيا آهن، پر هيٺ ڪن مکيه رخن/جزن جو ذڪر ڪجي ٿو:

| | |
|---|---|
| تصور | (Concept) |
| شڪل | (Figure) |
| نشان | (Signs) |
| اُهڃاڻ | (Symbol) |

| | |
|---|---|
| سماج | (Society) |
| مذهب | (Religion) |
| ثقافت | (Culture) |
| محل-موقعو | (Situation) |
| بيانُ | (Description) |
| اِمڪان | (Possibility) |
| لاڳاپو | (Affection) |
| تاريخ | (History) |

ذڪر ڪيل رخن (Aspect) جي مختصر وضاحت مثالن سان هيٺ پيش ڪجي ٿي.

**تصور** (Concept)

تاريخي طور لڪڻ جو عمل نقطي(Point) جي تصور سان شروع ٿيو جنهن جي معنيٰ آهي: مرڪز- عربي ۾ ان کي چون 'صدر'، سنڌيءَ ۾ لفظن جي بنياد کي چئون 'مصدر' جتان بيا لفظ ڦٽن/نڪرن. لڪت وارو عمل اڳتي وڌيو تہ ٽبڪا ملائي 'ليڪ' وجود ورتو. ٽبڪي ۽ ليڪ جي گردش ماڻهن کي سوچڻ تي مجبور ڪيو. تاريخي طور اسان کي 'خط رمل' ملي ٿو جيڪو ٽبڪي ۽ ليڪ تي انحصار ڪري ٿو. رمل جي عمل جي ماهرن ان کي جنتر ۽ منتر لاءِ استعمال ڪيو. پنهنجي نوعيت جا ليڪا ڪڍي هينيان مٿان ٽبڪا ڏئي، ان جا عدد مقرر ڪيا.ليڪن جي ورڇ سان جاميٽريءَ جا اصول جُڙيا. (2)

ليڪ/ لڪير دنيا کي سوچڻ لاءِ نوان تصور ڏنا. ليڪ جي لفظي معنيٰ آهي: ليڪو ريکا، اوڙ سنڌو قطار ڏارا، قاعدو وغيره. ليڪ جي معنيٰ 'حد' بہ آهي، جيڪو اُهو ٿيي، ان کي چون 'ليڪو لنگهڻ' حد پار ڪرڻ يعني مقرر قاعدن اصولن کان نڪري وڃڻ 'حد' عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي. ان جي معنيٰ آهي: روڪڻ. ان حوالي سان لوهي تلوار يا ڍال کي چون: 'الحديد'. يعني جنگ ۾ جيڪو اوزار-ڍال-ڌڪ کان بچائي، اڄ جي محاوري مطابق 'الحديد'

جي معنيٰ: خالص لوهه رُڪ، (Steel) آهي. حد جي آخري ڇيڙي کي 'سرحد' چون. يعني ٻن پرڳڻن يا ملڪن جي حدبندي هنديءَ ۾ ان کي 'سيما' چون. ان سرحد جي حفاظت ڪندڙ ٽولي کي سيما< سينا= فوج چون ته ساڳئي وقت سيما= ڀاڳ يا بخت جي لڪير کي به چون.

ليڪ کي انگريزيءَ ۾ چون "Line" يعني قطار جيڪي ماڻهو مقرر ليڪ ۾ سڌا بيهن، ان کي قطار چون. ليڪ جي معنيٰ لَيک (Writing) به آهي، ان جو سڌو واسطو 'پَني' (Paper) سان آهي. قديم دور ۾ وڻ جي پنن تي لکيو ويندو هو. اهو لفظ اتان جڙيو آهي. پن کي هنديءَ ۾ 'پتو' چون. جنهن جي هڪ معنيٰ نشان، ڏس پتو (Address) به آهي. اهو تصور ان سبب جڙيو ته پنُ سڃاڻپ هوندو آهي وڻ جي. پن ڏسي آساني سان سمجهي وجبو ته اهو ڪٻر، ڪرڙ زيتون، انب، نم وغيره جو آهي. 'پن' جي سنڌي ۾ معنيٰ آهي 'ڍَڪُ'. چوندا آهن ته 'الله سائين پن پردي ۾ رکي'. عام طور پن ميوي کي ڍڪين ٿا. قرآن شريف ۾ به پن جي اها ئي معنيٰ ڏنل آهي.

## صحيح معنيٰ ڪهڙي؟

ڳالهه ڪندا آهن ته ديوان حافظ (شيرازي) جي هڪ غزل مان ڪن عالمن ستاويهه جدا جدا معنائون ڪڍيون. هو پوءِ سيئي گڏجي حافظ وٽ ويا، ۽ پنهنجون پنهنجون معنائون ٻڌائي چيائونس ته هاڻي توهين ٻڌايو ته صحيح معنيٰ ڪهڙي؟ حافظ مشڪي چيين ته "سڀ صحيح آهيو!" (3)

حاصل مطلب ته لفظن ۾ لڪل ڪيئي مفهوم، مطلب، اشارا ۽ اهڃاڻ تين ٿا، جن کي هر ڪو پنهنجي عقل ۽ سمجهه مطابق پرکي ٿو.

## شڪل (Figure)

روزاني زندگيءَ ۾ اسان جي سامهون ڪيئي شڪليون اچن ٿيون. انهن جي لغت ۾ معنيٰ مقرر آهي. پنهنجي ٻولي وارو آساني سان ان جو مفهوم/نالو ٻڌائي سگهي ٿو. مثلاً 'وڻ' عربي وارا ان کي چون 'شجر' فارسيءَ وارا "درخت"، هندي وارا 'بن' ۽ انگريزيءَ ۾ ان کي چون 'Tree' يعني هر ٻوليءَ ۾ سامهون ايندڙ صورتن جون معنائون مقرر آهن. ڪنهن به قبيلي آڏو

’بيڙي‘ ايندي تہ هرڪو ان کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ سڏيندو. اسان ڏاتو (Etymology) واري باب ۾ واضح ڪري آيا آهيون تہ اهي معنيٰ جو روپ ڪيئن وٺن ٿا. هر ٻوليءَ ۾ ان جو پسمنظر الڳ آهي.

## نشان (Signs)

جديد لسانيات ۾ نشانن (Signs) جي وڏي پيماني تي تشريح ڪئي وئي آهي. انهن نشانن جي پسمنظر، اهميت ۽ افاديت کي سمجهائڻ لاءِ لسانيات ۾ هڪ اصطلاح ’Semiotics‘ استعمال ڪيو وڃي ٿو. ساڳئي مصنف مسٽر ڪرسٽين پنهنجي ڪتاب ۾ هيٺيون مثال ڏنو آهي: "The red light means Stop"

رستي تي سگنل وٽ ڳاڙهي بتي ٻري تہ معنيٰ بيهي رهو. ڳاڙهي بتيءَ جو مطلب هرگز "بيهڻ" نہ آهي، پر ڪي نشان مقرر ڪيا ويا آهن، ۽ انهن جي وضاحت بہ ڪئي وئي آهي. جن تي عمل ڪرڻ لازمي آهي. ٽريفڪ جا ٻيا بہ ڪيترا اهڙا نشان ٺهيل آهن. ٽريفڪ جا اِهي نشان هاڻي عالمي سطح تي سمجهيا وڃن ٿا ۽ انهن تي باقاعده عمل ڪيو وڃي ٿو.

ساڳيو نشان ٻن سماجن ۾ متضاد معنيٰ بہ ڏيکاري ٿو. يورپ ۾ آڱوٺو ڏيکارڻ کي "OK" ٺيڪ آهي، سمجهيو وڃي ٿو. هرڪو اهائي معنيٰ وٺي ٿو. پر اسان وٽ ان جي معنيٰ ابتڙ آهي. آڱوٺو ڏيکارڻ معنيٰ ڪم ڪان ٺپ جواب. انگريز عام رستن تي ٽوپي لاهي، ڪو ساز ٻيا وڄائيندا ۽ ماڻهو ڪين خيرات طور ان ٽوپي ۾ پيسا ٻيا وجهندا. پر سنڌي سماج ۾ اهڙي عمل کي گهڻو خراب سمجهيو وڃي ٿو بلڪہ عزت ۽ شان جي خلاف سمجهيو وڃي ٿو. چوڻي آهي تہ: "ٽلي ٻڪ پرم جي شال نہ وڃي شان، الله ڏي ايمان، گوڏا ڏئي گذارجي".

## اُهڃاڻ (Symbols)

اهڃاڻ يا آثار پڻ لغت جي جزن ۾ وڏي اهميت وارا ليکيا وڃن ٿا. انهن جون علامتون هر ٻوليءَ ۾ الڳ بہ ٿي سگهن ٿيون. مثلاً پري کان ڪا دونهين دکندي نظر اچي تہ ان جي معنيٰ تہ ڪو بني بشر اتي رهي ٿو. ننڍي

ڪندو جو مشهور ڪهاڻيڪار ڪرشن چندر پنهنجي هڪ ڪهاڻي ۾ مڪالمو لکي ٿو ته:

"هو ڏرتتيءَ ۾ سُر سان وڏي آواز ۾ ڳائي رهيو آهي، ان جو مطلب ته وٽس پاڻي ضرور هوندو ٻي صورت ۾ هو ايڏي وڏي آواز ۾ سر سان ڳائي نه سگهي ها." تازيون 'ڦولڙيون' ڏسي ڪو سمجهي سگهي ٿو ته هيئنر هتان ڪا رڍيا ٻڪري گذري آهي. رستي تي ڏٻ ڄمي وڃن ته ان جو مطلب ٿيو ته هاڻي اتان ماڻهن جو گذر نه آهي. ان کي شاهه سائين "آواٽ" سڏيو آهي: "اڄا تون آواٽ، واٽان پاسي ويسري" (ڪوهياري) پر جي لنگهه سولو آهي. ماڻهن ۽ اُن جا پيرا آهن يعني رستو استعمال هيٺ آهي. ماڻهو-مال اچي وڃي ٿو.

لڳا واٽ وٽن جا، پنهون ڪي پالاڻ
آن ڪي ويندا گڏيا، اهڙي سِٽ سُوار،
لنگهي ڪاله قطار تون آئينءَ اڄ نمارئين.

ته پوءِ بقول ٻتائي: "واٽ وندر جي وڻ پيا ڏسيندا". وڻ ته هڪ جامد شيءِ آهي، اهو وندر جي وسنديءَ بابت ڇا ٻڌائيندو! سماج ۾ اهڙا ڪوڙا اهڃاڻ هوندا آهن، جن مان آساني سان ڪو مفهوم ۽ معنيٰ وٺي سگهجي ٿي.

**سماج** (Society)

لغت جي حوالي سان 'سماج' تمام وسيع مفهوم رکي ٿو. هر سماج جو پسمنظر الڳ الڳ هوندو آهي. ننڍيا ننڍيا گروهه، قبيلا گڏجي سماج جوڙيندا آهن. مڪمل سماج جڙڻ ۾ هزارين ورهيه لڳي ويندا آهن. زندگيءَ جي ان سفر ۾ انسان انفرادي توڙي اجتماعي طور جيڪي ڪجهه ڪري ٿو ڪا نئين شيءِ جوڙي ٿو ڪو نئون راز پڌرو ڪري ٿو ڪا نئين سوچ پيدا ڪري ٿو. مشغولين لاءِ ڪل خوشي، روئڻ پٽڪو راند روند. زندگي جي هر مظهر لاءِ هو نوان لفظ اصطلاح، محاورا جوڙي ٿو جيڪي ان سماج وارا ڳالهائين ٿا ۽ سمجهن ٿا. ان جو اُهو ئي مطلب وٺن ٿا، جيڪو هزارين ورهيه استعمال هيٺ

رهيو آهي. مثلاً ’ڪڙمي‘ معنيٰ هاري، پوک ڪندڙ ان جي لغوي معنيٰ ته ڪا ٻي آهي- ڪڙمي= ڪڙم يا ڪٽنب وارو- ان لفظ اها معنيٰ ڪيئن ورتي؟

اڳ جڏهن سنڌ ۾ آبپاشي نظام نه هو پوک واهوندن يا نار وسيلي ڪئي ويندي هئي. گذر سفر جو اهو وسيلو هو انڪري چوندا هئا ته ’جت هر- اتي گهر‘. پوک جي پاسي ۾ جهوپڙي اڏي، پوري آڪهه ڏينهن رات ڪاشت جي ڪرت ڪي لڳا پيا هوندا هئا.

ڪڙمي اسم فاعل آهي، ان جو اسم ٿيندو ’ڪڙم‘= قبيلو ان جو ڏاتو آهي ڪُڙ= خاندان، شاهه صاحب ٿو چئي:

جي لوڙ لڳين لائيين، ڇيري ڇيري ڇم،
مون ڪُڙ اڳي نه ڪئو اهڙو ڪوجهو ڪم.
(مارئي)

يعني منهنجي خاندان، ڪڏهن به اهڙو ڳُڌو ڪم نه ڪيو آهي، جو ريين پيسن ۽ محل ماڙين جي عيوض مِٽ مٽائين. ڪڙمي= ڪڙم يا ڪٽنب وارو. ڪڙمي اهو جيڪو پنهنجي پوري ڪٽنب سميت هر ڦار ڪي لڳو پيو هجي.

عبراني ٻوليءَ ۾ ’ليل‘، سرياني ۾ ’لليا‘ ۽ عربيءَ ۾ به ’ليل‘= "اونداهي" رات جو اونداهي ٿئي ٿي، ان تصور پٺاندر ان جي اها معنيٰ ورتي وڃي ٿي. قيس (مجنون) جي محبوبه به رنگ جي ڪاري هئي، انڪري مٿس اهو نالو پيو (فرهنگ آصفيه ص 2735) شاهه لطيف به ان لفظ کي رات جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي.

ليل نه جاڳيئن لک سيڻ، سُتيئن سڀ رات،
اوڳي اوٺيڙن جا تِي پهه پڇين پرڀات.
(ڪوهياري)

عربيءَ ۾ جمل= اٺ، جمال= نوجوان اٺ، جميل- خوبصورت اٺ. سماج ۾ هاڻي انهن لفظن جي معنيٰ بدلجي وئي آهي. اردو ٻوليءَ ۾ ’لونڊو‘ چون ننڍي

جيڪا ڦلن مٺ پچنڌي سا ڏيندو (اصطلاحن جي اصليت ص 111) 'ڪانگ اُڏائڻ'= قاصد روانو ڪرڻ، نياپا موڪلڻ (اصطلاحن جي اصليت ص 115)

'ڪوڙين پتين ڪانگ، اڏايام اچيج تون'

(مومل راڻو)

'پري ٻيڙيءَ ۾ واٽيو ڳورو'= غريب جو واهي الله

اڳ درياهه تي پُليون ڪونه هونديون هيون، جنهن ڪري واپار ۽ ماڻهن جي اچ وڃ جو واحد وسيلو ٻيڙيون هونديون هيون. جيڪي آڻڻ ۽ نيڻ جو ڪم ڪنديون هيون.

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪڙي ٻيڙي اچا ڪناري کان ٿورو اڳيرو مس ٿي ته ٻيڙي ٻڏڻ جو انديشو نظر آيو. ناڪئي چيو ته "ڪجهه ماڻهو لهن، نه ته ٻيڙي درياهه داخل ٿيندي" هر ڪو پيو لنوائي ته 'مان نه لهان' پلا لهي سو ڪير! آخر فيصلو ٿيو ته قطارون ڪيو جنهن جو نائون نمبر اچي اهو لهي وڃي. اتفاق اهڙو ٿيو جو هر قطار ۾ نائين نمبر تي ڪو واٽيو هو. اهڙي طرح ڪي 25 واٽيا لهي ويا. ان تي ڪنهن چيو ته پري ٻيڙيءَ ۾ واٽيو ڳورو. (4)

**مذهب** (Religion)

هر مذهب جي تاريخ، فلسفو ۽ سماجي ٻيهڪ الڳ ٿئي ٿي. هر مذهب معاشري ۾ نوان قدر ۽ قاعدا متعارف ڪرائي ٿو. مخصوص اصولن، قاعدن ۽ قدرن کي الڳ معنيٰ ڏني وڃي ٿي، اصل ٻوليءَ ڪانسواءِ ٻين ٻولين ۾ اُهي الفاظ ۽ اصطلاح نرالو روپ وٺن ٿا. مثلاً مسجد- مسيت، وضو- بضو بانگ- بانگ، پر انهن جي معنيٰ اُها ئي ٿئي ٿي، جيڪا مذهب مقرر ڪري ٿو.

'عقيدو' لفظ 'عقد' مان ورتل آهي، ان جي معنيٰ آهي= 'ڳنڍ' يعني جيڪي ڪجهه چيو ويو آهي، اهو صحيح آهي. ان تي عمل ڪريو ان ڳنڍ کي کولڻ جي ضرورت نه آهي. سنڌي ڪنڊ ۾ ٻه عقيدي جو اهو تصور آهي، ان کي 'گرنٿ' چون ٿا. گرنٿ= ڳنڍ 'گروگرنٿ' سکن جو مقدس ڪتاب آهي. 'آيت'= نشاني، علامت، اهڃاڻ پر مذهبي پسمنظر ۾ ان جي معنيٰ قرآن جو قول پيهندي

عربيءَ ۾ 'عقب' = پويان، يعقوب= پويان ايندڙ پر مذهبي طور اهو هڪ نبيءَ جو نالو آهي. سندس اصل نالو اسرائيل هو. بني اسرائيل ۾ سندس 12 پٽن الڳ الڳ فرقن جي پرچار ڪئي، جيئن ته هو پنهنجي پٽ حضرت يوسف جي پويان مصر تائين ويو انڪري کيس 'يعقوب' سڏيو ويو.

'عَصا'= لَٺ پر مذهبي طور ان جي هڪ الڳ معنيٰ مقرر ڪئي وئي آهي، اُها لٺ جيڪا مولوي صاحب خطبي وقت کڻي بيهي. فارسيءَ ۾ 'گدا' جي معنيٰ بہ لٺ آهي، پر اُها لٺ، جيڪا فقير کڻي هلي.

'عرفات' مڪي لڳ هڪ ميدان جو نالو آهي. ساڳي ريت 'ڪربلا' بہ ڪوفي ۾ ميدان جو نالو آهي، جتي حضرت امام حسين عليه السلام کي يزيد دوکي سان گهرائي شهيد ڪيو. مذهبي لحاظ کان انهن ميدانن جي سڃاڻپ ۽ مفهوم الڳ آهي.

**ثقافت** (Culture)

مذهب جيان ثقافت جا بہ پنهنجا الڳ رنگ ۽ روپ آهن. هر قوم جي ثقافت الڳ ٿئي ٿي، جنهن سان ان جي سڃاڻپ ٿئي ٿي. ان جي تفصيل ۾ وڃڻ بجاءِ ڪن خاص ثقافتي شين، رسمن ۽ قدرن جو ذڪر ڪجي ٿو.

'اجرڪ' سنڌي ثقافت جو خاص اهڃاڻ آهي، جنهن جا آثار موهن جي دڙي مان مليا آهن. ان لاءِ ائين چوڻ تہ اهو عربي ٻوليءَ جي 'ازرق' مان نڪتل آهي، اها خام خيالي آهي. سنڌ جا ماڻهو هزارن ورهين کان اهو اوڍيندا پيا اچن. چون ٿا تہ حضرت عيسيٰ ع کي جنهن ڪپڙي ۾ ويڙهي دفن ڪيو ويو هو اهو اجرڪ جو ڪپڙو هو. جڏهن عباسي خليفن هتان جي مشهور حڪمين، راڏن (بورچين) کي گهرايو هو تہ بہ هو ان پوشاڪ ۾ ويا هئا. نبي پاڪ ﷺ جي دور ۾ بہ سنڌي ماڻهو پوشاڪ ۾ پڌرا هوندا هئا. اُهي جيڪي پهريندا هئا، انهن جا مخصوص نالا هئا. پٽڪو چولو ڪانئچ، سٿڻ، گوڏ، ڪٽي وغيره.

سنڌي ماڻهو قديم دور کان مالوند رهيا آهن. وٽن ان ڪرت سان لاڳاپيل هزارين لفظ ۽ اصطلاح آهن، جيڪي ٻين ٻولين ۾ نہ آهن. مثلاً:

’جوٽ جوٽڻ‘= ٻاجاري ۾ ڏاند ڊُڪائڻ. پاڻي وهائڻ= زمين کي پاڻي ڏيڻ ’ٻيل ٽيڻ‘= فصل ناس ٿيڻ. چونڊو ڪرڻ= ڦٽيون چونڊڻ يا ڦڪل سنگ ميڙڻ وغيره.

شاديءَ جي هڪ رسم ’ڍڪڻ ڀڃڻ‘ آهي، جنهن موجب گهوٽ ڍڪڻ ڀڃندو آهي. ان ڪري جڏهن گهوٽ، ڪنوار جي گهر ايندو آهي ته اول کيس ننڍو ڍڪڻ ڏيندا آهن. جنهن کي هو پير جي کُڙيءَ سان ڀڃندو آهي. جيڪڏهن نه ڀڃي سگهيو ته پاڙيو ليکيو ويندو پر جي پير آڏو ترچو رکيائين ته ان کي بدسنوڻ سمجهندا آهن. ان رسم جو ذڪر شاهه لطيف به ڪيو آهي:

> پوڇا ڏنم پير، ڍڪڻ مٿي ڍول جا،
> مون پانيو تنهن وير، ڪوجهي ڪندو پريتڙي.
> (ليلا چنيسر)

**معل موقعو** (Situation)

جديد لسانيات جو ماهر ڪرسٽين مالم ڪيجر (Kirsten Malmkjar) پنهنجي ڪتاب The Linguistic Encyclopedia ۾ ان لاءِ مثال ڏيندي لکي ٿو ته: (5) "Those black clouds mean rain"

ڪارن ڪڪرن جو مطلب ته مينهن آيو. جنهن لاءِ اسان جو شاعر شاهه لطيف پڻ صورتحال ڏسي چئي ٿو:

> "اڄ پڻ اتر پار ڏي ڪڪريون ڪاريون،
> وسي ٿو وڏ ڦڙو نهڪن ٿيون ناريون."
> (سارنگ)

حالانڪ ڪارن ڪڪرن جي معني هرگز مينهن نه آهي، پر صورتحال کي ڏسي، ان جي اها معني ورتي وئي آهي.

ڪانءَ وڏي انگ ۾ اچي گڏ ٿين ۽ ڪانگيرو/ لُڙ ڪن ته سمجهڻ گهرجي ته ڪو ڪانءُ مري ويو آهي يا ڪري پيو آهي پر جيڪڏهن جهجهيون ڳجهون لامارا پيون ڏين ته سمجهڻ گهرجي ڪو جانور مئو پيو آهي.

جڏهن ڪتا گڏجي باهوڙ ڪن تہ سمجهڻ گهرجي تہ ڪو ڌاريو ماڻهو يا چور آيو آهي. جيڪڏهن ڪونجون ڪڪڪن تہ سمجهڻ گهرجي تہ هو روهہ وڃڻ واريون آهن:

"ڪونجون ٿيون ڪُڪڪن، جيڪس هلڻ هاريون،
ٻچا پوءِ، اڳ، وڃن وانڍا ڪنديون".

(ڏهر)

جيڪڏهن واٽ ويندي ڪابي پاسي کان تتر ڦڙڪو ڏيئي، اڏامي وڃي تہ معنيٰ اڳتي ڪا مصيبت آهي.

"تتر ٿئي مَ تن کي ڏونگر ۾ ڏاٿو": (ديسي) شاهہ سائين ٻئي هنڌ فرمائي ٿو: "اِيءَ نہ پانن پير، جيئن ڪينر ڪيريءَ ٽنگيو" (پرياتي). ڪِلي ۾ ساز ٽنگيو پيو آهي. شاهہ لطيف منگتن کي مهڻو ڏيندي فرمائي ٿو تہ: "اهو پانن جو وڙ ٿي نہ آهي، جو ساز ٽنگي سمهي رهن. شايد تون ڪنهن ٻئي ڳُرِ مان آهين."

**بيان** (Description)

لسانيات جي مشهور ماهر ايڊورڊ فائينگن (Edward Finegan) پنهنجي ڪتاب:Language: Its Structure and Use ۾ علم معنيٰ (Semantics) واري ڀاڱي ۾ لغت جا هيٺيان رخ ڏيکاريا آهن:

Social meaning

Descriptive meaning

Affective meaning

اسان لغت جي سماجي (Social) رخن تي تفصيل سان لکيو آهي. باقي رهيل ٻن عنوانن تي سندس ڪتاب جي حوالي سان ذڪر ڪجي ٿو.

بيان ڪيل جملي مان ڪنهن واقعي، مقصد يا صورتحال بابت جيڪا ڄاڻ ملي ٿي، ان کي بياني معنيٰ Descriptive meaning چئجي ٿو. مثلاً John is sleeping in the room ان جملي (بيان) مان ٽي حقيقتون واضح ٿين ٿيون:

ڪو ماڻهو (جان نالي) ڪنهن عمل (نشد) ۾ آهي.

هو آرام ڪري رهيو آهي.

هو هڪ ڪمري ۾ آهي.

ڪمري مان گهنگهرن جو آواز پيو اچي يعني ڪمري ۾ ڪا ناري نچي پئي. پاڙي ۾ اوسارن جو آواز پيو اچي! ڇا اتي فوتگي ٿي آهي.

مطلب ته بيان مطابق ڪنهن جنس جو عمل/ ردعمل. لاڳاپو ڪيفيت، جيئن روئڻ کلڻ نچڻ وغيره جو اظهار معلوم ٿي سگهي.(6) "احمد منهنجو ڀاءُ آهي" يعني ته اسان ٻنهي جو ماءُ پيءُ هڪ آهي. اسان جو خاندان هڪ آهي.

'رانديڪو نه ڏيج، ٻار روئيندو؟' بظاهر ته رانديڪو ڀڄي يا ڪٿي اڇلي ڇڏجي. ان سان ڪو فرق نه ٿو پئي. پر جڏهن ٻار جي سامهون اهڙو عمل ڪيو ويو ته هو رانديڪي سان پيار خاطر روئندو رڙيون ڪندو جو سندس رانديڪي سان لڳاءُ وارو تعلق آهي.

## اِمڪان (Possibility)

جهنگ ۾ شينهن جي گجگوڙ پئي ٻڌجي. امڪان آهي ته هن کي آدم بوءِ آئي هجي. يا هن مونکي ڏسي ورتو هجي. پوءِ ته مونکي ماري ڇڏيندو! تيز طوفان پيو اچي. ٿي سگهي ٿو ته منهنجو ڪچو گهر ڊهي پوي. اڱڻ تي بيٺل وڻ ڪري پئي ۽ ڇجو ڊاهي وجهي!

ڪار تمام تيز ڊوڙندي پئي وڃي. ٿي سگهي ٿو ته ڪو حادثو ڪري وجهي.

نوجوان بندوق کنيون پڳو پيو وڃي. لڳي پيو ته هو وڙهڻ پيو وڃي. امڪان لاءِ سنڌيءَ ۾ هڪ مشهور چوڻي آهي ته: "ڪڪر متي چوڪڙ وينو ڪڏي اڄ نه ٻڌي سيان ٻڌي".

شاهه صاحب سر "سسئي آبريءَ" ۾ سسئي جي امڪاني ڪيفيت کي هن ريت بيان ڪيو آهي:

آڇي عزرائيل سُتي جاڳائي سسئي،

ٿي دوڙائي دليل. ته پنهون ماڻهو موڪليو.

ڪٿ لڏي آهي سسئي چرڪ پري اٿي ٿي ته متان پنهون ماڻهو موڪليو هجي.

## لاڳاپو (Affection)

هن عنوان مان ايڊورڊ جو مطلب آهي تہ ٻولي ڳالهائيندڙ جو رويو احساس، جذبو خيال وغيره پرکڻ. هن هيٺيون مثال ڏنو آهي:

John, how many times have I asked you not to change T.V. channels?

"جان توکي ڪيترا ڀيرا جهليو اٿم تہ ٽي وي جا چينل نہ ڦيراءِ" بظاهر تہ اهو سادو جملو آهي پر چوندڙ جي چڙ يا ناراضگي واضح طور نظر اچي ٿي. (7)

"مٺا جي رات رهين تہ قرب جون ڪچهريون ڪريون" هن جملي مان واضح آهي تہ ڳالهائيندڙ مخاطب کي نهايت سڪ، پيار ۽ پنهنجائپ سان چئي رهيو آهي. مخاطب سندس عزيز پيارو سڪ وارو يا گهڻ گهرو آهي. ان مان سندس رويي جو اظهار ٿئي ٿو.

"وڃ هڪ اکر بہ نہ ڳالهاءِ نہ تہ ڪندوسانءِ سڌو" هن جملي مان لڳي ٿو تہ هو ڪنهن بدخواه سان ڳالهائي رهيو آهي.

سائين فرمائي ٿو:

"ويندي ڏانهن پرين جُتي جات نہ پائيان" يعني محبوبن ڏانهن ويندي، احترام ادب خاطر آءٌ جتي هر گز ڪين پائيندس. اها ريت اسان وٽ هزارين سال پراڻي آهي: پير سائين پاڳاري ڏانهن ساليانو رجب مهيني ۾ زيارت لاءِ ويندي، سندس مريد عقيدت وچان پير اگهاڙا ڪري ويندا آهن. اهڙي ريت بهاءُ الدين زڪريا جا مريد تنيا فقير ٻارهين مهيني گهيٽا ڏيڻ وقت بہ ملتان تائين پيرن اگهاڙي ويندا هئا.

## تاريخ (History)

تاريخ پڻ پنهنجي پسمنظر ۾ هڪ وسيع مضمون آهي، هر قوم جي تاريخ الڳ ٿئي ٿي. تاريخ جو تعلق نسبتي هوندو آهي. عربن 711ع ۾ سنڌ فتح ڪئي. پر سنڌ جي تناظر ۾ ڏٺو وڃي تہ عربن سنڌ تي قبضو ڪيو. انگريزن 1843ع ۾ سنڌ فتح ڪئي. سنڌ جو موقف آهي تہ هنن هڪ آزاد رياست تي قبضو ڪيو.

تاريخ پنهنجي تات پرج (Content) ۽ هيئت ۾ ڪن واقعن، ويڙهين، ڪن ملڪن ۽ ان ڳانڍاپي، ڪن سان علحدگي، ڪن شين جي ايجاد، ڪن شين جي تباهي جو نالو آهي. ته ٻئي طرف سورهيه سردارن، سخي مڙسن، قومي شعور بيدار ڪندڙ فردن، وطن تان سر گهورينڌڙن ۽ ڪلا کي اجاگر ڪندڙ ڪلاڪارن جو نالو آهي. انهن سورهين سان لاڳاپيل لفظن ۽ سواءِ ڪن تاريخي چند اصطلاحن جي باقي لغت جي حوالي سان 'تاريخ' ڪا خاص اهميت نه ٿي رکي.

البت ڪن اشارن، اهڃاڻن سان ڪي واضح مطلب (Meanings) ڪڍي سگهجن ٿا. جيئن ته:

هڪ تاريخي چوڻي آهي: 'آيا مير، ڀڳا پير'

ان جو مطلب اهو آهي ته مير يعني ٽالپر، جيڪي بلوچستان کان آيا هئا. پير مان مراد ڪلهوڙا حڪمران آهن، جيڪي پاڻ کي پير ۽ فقير سڏائيندا هئا. انهن ۾ پير ميان شاهل محمد عباسي ۽ پير ميان الياس عباسي جي مقبرن تي اڄ به ڪافي ماڻهو مرادون کڻي وڃن ٿا. پوءِ جڏهن ميرن ۽ ڪلهوڙن جي وچ ۾ نفاق وڌيو ته مير جن وٽ فوجي طاقت هئي، اهي پيرن کي ڀڄائي سنڌ تي حاڪم ٿي ويا.

'الله ڏيوي، ميان ڏيوي، صحبت نه ڏيوي'

هي به ڪلهوڙن جي دور جي چوڻي آهي ته سندن دور ۾ چانڊڪي پرڳڻي (موجوده لاڙڪاڻي ضلعو) جي ڪنهن تعلقي تي صحبت خان ڪاردار (مختيارڪار) هو. صحبت خان ايتريقدر بخيل هو. جو ڪنهن کي به ماني ٽڪيءَ جي صلاح نه ڪندو هو ۽ نه ڪا خير خيرات ڪندو هو. نه وري ڪنهن حاجتمند جي مدد ڪندو هو. (8)

بهرحال تاريخي حوالي سان، ڪي اصطلاح تاريخي، قصن ڪهاڻين، ڏانهن اشارو ضرور ڪن ٿا جيئن: ڪارا ڪپڙا ڪرڻ (ڪارا ڪڄ ڪپڙا ادا نيروٽي-شاهه) اشارو ڪربلا جو قضيو- 'سوءِ وڻڻ' سوڳ ڪرڻ، (عمر جا

تو مل عيد، سا اسان سوۓ ورتي سومرا_شاهہ) اشارو عمر_مارئي_ 'آندرُ آڏُ هُئڻ'= اندر دل، من ڪاڏل هئڻ، من ماندو هُئڻ، جيرو ڄَلِيلُ هئڻ. (اندر جنين اڏ، ڏونگر سي ڏورينديون_شاهہ) سسئي ڏانهن اشارو_ 'پيڙو پڌڻ'= سڳو پڌڻ، شادي يا مڱڻي وقت گهوٽ جو ڪنوار کي ڳاڙهو ڳانو پڌڻ (سمي سڄاڻي پيڙو پڌس پانهن ۾_شاهہ) نوري ڄام تماچي_ سمي سلطان ڪيس سڄاتو تہ هوۓ گندري نہ هئي پر ڄام خاندان مان هئي.

'نادر خان' جو نالو وٺڻ سان، سنڌ سان ٿيل ظلمن جا داستان واضح ٿين ٿا. سنڌي ٻوليءَ ۾ تاريخي حوالي سان 'نادر خان = ظالم بادشاهہ. "گهوڙا ڙي گهوڙا" = ظلم ڙي ظلم _ ان مان مراد آهي تہ گهوڙن جو لشڪر ڪاهيندو پيو اچي. اهڙي طرح دودي ۽ چنيسر جا نالا وٺڻ سان سنڌن ڪردار واضح ٿين ٿا. شاهہ عنايت شهيد جو نالو يا دولهہ دريا خان جو نالو اچڻ سان ازخود اهي تفصيلي واقعا سامهون اچي وڃن ٿا. اهڙي طرح 'وتايو فقير' ڳامون سچار هوشو شيدي جي هڪ الڳ معني ۽ تاريخ آهي. لغت علامتن، اهڃاڻن واقعن ۽ تاريخي حوالن جو بہ نالو آهي.

حوالا:


(1) William Bright, International Encyclopedia of Linguistics 1992, p-332.

(2) ندوي، مولانا ابو جلال _ قديم لسانيات جريده نمبر 22 جامع ڪراچي، سال 2004ع ص_ 105

(3) آڏواڻي پيرومل مهرچند، "گربخشاڻيءَ وارو شاهہ جو رسالو" سنڌ ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، سال 2018ع ص_133

(4) سنديلو عبدالڪريم ڊاڪٽر، "پهاڪن جي پاڙ" اسلم پبليڪيشن لاڙڪاڻو ص 7

(5) Finegan, Edward. Language: its structure and use Nelson,

Australian 2002, p-161

(6) Malmkjaer, Kristen The Linguistics Encyclopedia Published by Routledge, 1991, p-389.

(7) Finegan, Edward. Language: its structure and use Nelson, Australian 2002, p-159-160.

(8) سنڌيلو عبدالڪريم ڊاڪٽر، "ٻوليءَ جي پاڙ" اسلم پبليڪيشن لاڙڪاڻو ص: 30

# سنڌي ٻوليءَ جون لساني خاصيتون ۽ خوبيون

## سنڌي ٻوليءَ جو پسمنظر:

سنڌي ٻوليءَ جو پسمنظر هزارن سالن تي محيط آهي. موهن جي دڙي ڪان وٺي، جڏهن سنڌو سلطنت جو عروج هو. ان جو واپار ذريعي دنيا جي ڪيترن ئي سڌريل ملڪن سان تعلق هو. فطري طور واپار ۽ سماجي لاڳاپن سبب ٻوليءَ ۾ ڪيترائي لفظ آيا ۽ ويندا رهيا. سنسڪرت ۽ پالي ٻوليون ڌرمي ٻوليون هيون. انهن جو اثر چڱو سياويڪ آهي. ان ڪانپوءِ سٿين جي دور (ٽي سؤ ق-م) ۾ فارسي جي آمد ٿئي ٿي. تمام ٿورا قديم آوستا، زند ۽ پهلوي ٻولين جا اثر رهجي ويا. منهنجو اندازو آهي ته ان دور ۾ پنهي ٻولين جي مصدرن ۾ 'ڻ-ن' رواج ۾ آيو هوندو. جيئن: اچڻ-آمدن، وڃڻ-رفتن، ڳالهائڻ-گفتن. ان بعد زورائتو اثر عربن جي دور (711ع) وارو نظر اچي ٿو. جو عام خلق اسلام قبول ڪري ورتو جڏهن ته هندو طبقو جذيو ڏيئي، پاڻ کي آجا رکندو آيو. عربن ڪانپوءِ سنڌ ۾ سومرن ۽ سمن جي حڪومت شروع ٿئي ٿي، پر حڪومت جي ڪارندن، فوجين تورڙي اشرفيہ جي استعمال هيٺ ڌاريون ٻوليون رهيون.

جڏهن ارغونن، ازبڪن، ترخانن، غزنوين، غورين ۽ مغلن (1520_1843) جون حڪومتون هتي راڄ ڪرڻ لڳيون ته هنن زبردستي ڏنڍي جي زور تي سنڌ ۾ فارسيءَ کي رائج ڪرايو جيڪو فارسي نہ ڳالهائيندو هو ان کي سخت سزائون ڏنيون وينديون هيون. نتيجي طور عام پبلڪ باغي ٿي بيلي، هنن شهر ڇڏي وڃي واهڻ وسائيا، جتي زندگي جي ضرورت جون سيئي شيون هنن ديسي طريقن سان تيار ڪري ورتيون. هر ڳوٺ ۾ موسم

مطابق فصل، ڦل، ميوات سان گڏ ڪوريءِ حجم موچي، ڊکڻ، ڪنير، ڏوبي، لوهر، وغيره هوندا هئا. جيڪي ڀائيپي واري سرشتي مطابق هڪبئي سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملايون بيٺا هوندا هئا.

رات جو اوطاقن ۽ اوتارن ۾ محفلون مچنديون هيون، جتي ڀائيپي جي چيڙي نبيريءَ سان گڏ، ڳجهارتون، بيت، ڪافيون، لوڪ ڪهاڻيون وغيره ورجائيندا هئا. اسان جي موجوده واهپي واري سنڌي جو سرمايو ان دور ۾ اجري آڇو ٿيو. اهو لوڪ ادب ئي هو جيڪو شاعرن، سگهڙن، سخنورن جي مشق سبب وڌندو ويجهندو رهيو. خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو تہ اسان جي ڪلاسيڪي شاعري جو دارومدار ان لوڪ ڏاهپ تي آهي. خود اسان جي لطيف سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ سوين سينگار ۽ ڏهس جا لفظ استعمال ڪيا آهن. ڳجهارت۔ ٻجهارت کي ڪيترن ئي تصورن ۾ پيش ڪيو آهي. ]ٻولي ٻجهارت جوڳيان سنڌي ذات جي[ شاه لطيف لوڪ ادب کي پنهنجي تخليقي ۽ شعوري سگهہ سان جلا بخشي عروج تي پهچايو. اهو قصو ڊگهو آهي، مون ان بابت (80 صفحن) تي مشتمل، تفصيلي ۽ تحقيقي مضمون پنهنجي ڪتاب "شاه جي ٻولي" ۾ آندو آهي.

سياسي ۽ سماجي طور شاه سائين جو دور انتشار وارو هو. ڪلهوڙن ۽ ميرن جون پاڙ ۾ دليون ڪٽيون ٿي چڪيون هيون، ٻئي طرف مغل بہ خاموش ڪو نہ هئا. سنڌ جي گهڻ گهرن ۽ قومي جوڌن کي ڏيهي حاڪمن جي هٿان مارائڻ ۾ هنن وسان ڪين گهٽايو. ڪيس بہ مارائڻ جون ڪيئي ڪوششون ڪيون ويون. سائين مهينن جا مهينا ڪچ پيچ، اتر اوير، لس ٻيلي توڙي ڪاڇي ۾ گم ٿي ويندو هو تہ ان جو هڪ سبب اهو بہ هو جو ان خطي جا سڄاڻ ۽ سڄڻ ڪيس مقامي حالتن ۽ حڪمرانن جي چالن کان آگاه رکندا هئا. شاه عنايت جو شهيد ٿيڻ ڪا ايتري سولي ڳالهہ ڪا نہ هئي. نہ وري خيرپور جي ڪُهڙن ۾ 222 مرد مجاهدن کي نماز ۾ شهيد ڪرڻ ڪا آسان ڳالهہ هئي. ٻئي طرف حڪمرانن جي هر وقت ڪوشش اها هئي تہ مڪاني قبيلا پاڻ ۾ وڙهيل رهن. "پلاند پراڻا ناهن ٿيندا" اهو محاورو ان دور جو آهي. ٻئي قبيلي

جي جنگ جوان، چگن مڙسن مارڻ تي، قاتلن کي پنهنجي سردار هٿان پڳ پارائي ويندي هئي، ديڳيون پٽ جون لهرائي شادمانا ڪيا ويندا هئا. اهڙيءَ ريت ڏرتي ڏٽي قبيلا پاڻ ۾ وڙهندا رهيا. حاڪمن جي ڪن ذات وارن قبيلن کي اندروني طور مدد حاصل هئي.

شاهه لطيف انهن حالتن کي ڏسي ”قومي وحدت“ جو جهنڊو پنهنجي هٿ ۾ کنيون. ان اورچ انسان ڇا ڪيو جو سنڌي قوم جي گڏيل گڻن (National Characters) کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ڪي طريقا (Tools) اختيار ڪيا. انهن ۾ سرفهرست ٻوليءَ کي رکيو جو کيس خبر هئي تہ ٻوليون ئي قومي سڃاڻپ جو اهم ذريعو هونديون آهن. کيس خبر هئي تہ ”تي قوم زنده رهي پر جي زبان زنده رهي“. ان لاءِ هن شخص اتر کان لاڙ ڪوهستان کان ڪڇ تائين جهد پنيا. مختلف قبيلن جا خاص لفظ ۽ محاورا يڪجاءِ ڪندو ويو. هو هيٺين طبقي جي پورهيتن: لوهرن، ڪمين ڪاسبين، ڪورين، ڪنيرن، سونهرن، ماڇين، مهاڻن، رَڇَ مڙسن، قومي سورمن، سورهين وغيره وٽ ويو. هڪ اندازي مطابق شاهه لطيف کي سر سامونڊي، سريراڳ، گهاتو رچڻ لاءِ سامونڊي پٽيءَ ۾ وڃي سان گهٽ ۾ گهٽ ٻہ سال انهن سان رهڻو پيو. هنن جو گذر سفر، ڏک ڏوجهرا، وڻجارين جا سور اکين سان ڏٺا. اهي جذبا، اڏما هن پنهنجي شاعري ۾ پوتا. اهڙي طرح ذڪر ڪيل پورهيت طبقي سان سور سليندو تسليون ڏيندو: ”ماندي نہ ٿي مارئي، تنهنجو الله ٻہ آهي“ کين قومي وحدت جي اهميت کان آگاهه ڪندو رهيو. ان وچ ۾ هن راڳ کي اهميت سان اجاگر ڪيو. جنهن ۾ سانگين جا سور سمايل هئا. کيس خبر هئي تہ راڳ ويراڳ اهڙي وٽ آهي، جيڪا مثل دلين کي ٻہ جياري سگهي ٿي. انهن ۾ زندگيءَ جو جذبو جاڳائي سگهي ٿي. ان کان علاوه عام ماڻهن کي ڪٺي ڪرڻ جو ڪو ٻيو مؤثر ذريعو ٻہ نہ هو. اڳتي هلي هن راڳ وسيلي سنڌ جي سخي مردن، (چار ڏاتار) سورهين، سام جهليندڙن، آئي ويل اجهو ٿيندڙ ننگن تان نثار ٿيندڙ قوم لاءِ سر ڏيندڙ وطن لاءِ قرباني لاءِ هميشہ تيار رهندڙ (اڳيان اڏين وٽ، پوين سر سمايا). پنهنجي مقصد لاءِ جبل

جهاڳڻ، ٺڪرن سان ٺڪر کائڻ، پنهنجن سان پيار ڪرڻ (جيما جي تيما مون مارو ميچيا). آزاد وطن لاءِ ڪوشش ڪرڻ، عورتن جي عزت ڪرڻ، واپار کي اهميت ڏيڻ، انهن سوداگرن کي سچو چوڻ، اهڙا هزارين گڻ آهن، جن کي سائين پنهنجي شاعري وسيلي اجاگر ڪيو ۽ جهرجهنگ مشهور ڪيو. پنهنجن فقيرن کي تيار ڪيو جيڪي محل موقعي سان ڪوٺايل ڪچهرين ۾ سندس ٻول ٻڌائيندا هئا.

سائين قومي اهڃاڻ: درد،سور، فراق کي بہ وڏي اهميت ڏني، چاڪاڻ تہ کيس خبر هئي تہ سنڌي قوم هزارن ورهين کان پراون توڙي پنهنجن پاران ڏنل سورن ۾ ورتل آهي. کين سک جو ڪو سمو نہ سُجهي. سدائين سورن ۾ (اڇو تہ سورن واريون ڪريون سور پچار- مٺ مٺ سور سيڪمين مون وٽ وٺاڻا- مون سان هلي سا، جا جي مِٺو نہ ڪري، اندر جنين اڏ ڏونگر سي ڏوريندين. وغيره

لطيف سائينءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ فڪري طور وچين واٽ ورتي يعني تصوف. اهو اهڙو مَتو (Theory) آهي، جنهن سان ٻئي جي دل آزاري نہ ٿي ٿئي. ٻيائي ڪڍي، اندر اجارڻ جو سبق ٿو ملي. پاڻ ۾ ولر ڪرڻ هلڻ جو درس ٿو ملي. "لکم دين ڪم، ولي دين- لااڪراه في الدين" ڪنهن جي ذاتي معاملن ۾ مداخلت منع آهي. (چڱن سان چڱايون- ائين هر ڪو هوءِ، تو جيئن نہ ڪري ڪوءِ- ٻچن سان ڀلايون.)

اهڙا گڻ اجاگر ڪندي، سائين، قومي فڪر سان سلهاڙيل فردن وٽ ويو. سنڌ جي ڪا ڪندڪڙڇ سائين ڪا نہ ڇڏي، جتي هو نہ ويو. (اهو تفصيلي احوال، انسائيڪلو پيڊيا آف شاهہ لطيف ڀٽائي، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر پاران 2018ع ۾ شايع ڪيو ويو آهي).

اتر- لاڙ ٿر بر- ڪاڇو ۽ ڪيچ جي سورهيہ مردن، قومي اڳواڻن، سخي مردن سان فردن فردن مليو. کين اصل ماجرا کان واقف ڪيو. تہ 'ڏرئون ٿي ڏاريا مِٺ مٺي جا نہ ٿيا.' اوهان انهن جي آسري نہ ويهو. پنهنجي ٻاريو سٺ کي ساڻ ڪٺو "هٿڻ هڪلڻ، ساٿي سارڻ، منجهان ٿي مرڪ، وجهن تان نہ

فرق رت وهندي راند ۾". (قصو وڏو آهي تفصيل لاءِ ڏسو راقم جو مقالو: قومي وحدت ۽ فڪري جدت لاءِ جدوجهد) ڪتاب "شاهه لطيف هڪ مفڪر" سنڌيڪا اڪيڊمي 1992ع اهڙي طرح سائين پنهنجي حياتيءَ ۾ قومي وحدت وارو خواب جڙندي ڏٺو.

شاهه لطيف جي ٻوليءَ جي سماجي، سياسي، اقتصادي پسمنظر کي سمجهڻ سان گڏ هن محدود ايراضي واري ٻولي کي ڪهڙي ريت وسعت ۽ جامعيت ڏني، ان تي اڃا وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

هتي مون عالمي طور ٻولين جي خاص خاصيتن جو ذڪر ڪيو آهي. ان موضوع تي بہ سنڌي ادب ۾ گهٽ لکيو ويو آهي. ڪوشش ڪئي اٿم تہ انهن خاصيتن جي پيٽ سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان ڪندو هلان. ان لاءِ مثال سڀ رسالي مان ڪڍان. اهو بہ پنهنجي مٿي وڏو ۽ عالمگير موضوع آهي. ابتدا ڪئي اٿم. ڪي نرنيهي ان کي توڙ رسائيندا. يا جيئن ئي "جامع لغات لطيف" جو ڪم پورو ٿيو تہ ان موضوع تي وڌيڪ وسعت سان لکڻ جي ڪوشش ڪبي.

پنهنجي تاريخي، سماجي، ثقافتي ۽ اقتصادي پسمنظر جي حوالي سان، هر ٻوليءَ جون ڪي نراليون خاصيتون ۽ خصوصيتون ٿين ٿيون، جن بابت ان ٻوليءَ جا ماهر بهتر انداز ۾ وضاحتون ڪري سگهندا آهن. ڪن صورتن ۾، انهن خاصيتن کي نروار ڪرڻ لاءِ الڳ قاعدا قانون پڻ جوڙيا ويندا آهن. فارسي لفظن جي مصدر ۾ آخر ۾ "ن" ايندو آهي جيئن: خوردن، نشتن، آمدن، رفتن وغيره هندي ۽ اردو ۾ "نا" ايندو آهي. جيئن: آنا، جانا، کمانا، لکهنا، سونا، جاڳنا وغيره سنڌي مصدر پڻ آخر ۾ "ڻ" اچڻ سان ٺهي ٿو. جيئن لڏڻ، اچڻ، وڃڻ، ڪاٽڻ، کيڏڻ وغيره.

عربي مصدرن جا قاعدا الڳ آهن. انهن جو بنياد لفظ جو مادو هوندو آهي، جيڪو اڪثر فعل ماضي مجهول هوندو آهي. جيئن: ذهب، ضرب، فعل، علم، ڪتب وغيره، سنڌي مصدر فعل امر حال مان ٺاهيا ويندا آهن. لک-لکڻ پڙهه- پڙهڻ ڏس- ڏسڻ، اچ-اچڻ وغيره.

البت علم لسانيات جي حوالي سان، ڪي خصوصيتون ڳڌيل ٿين ٿيون، جيڪي هر ٻوليءَ ۾ نظر اچن ٿيون. انهن ۾ مکيہ خاصيتون هيٺين ريت آهن:

- خاصيت ادغام (Assimilation)
- خاصيت اکر مٽ (Metathesis)
- خاصيت بدل (Mutation)
- خاصيت حذف (Elision)
- دخيل الفاظ (Adopted Words)

## خاصيت اِدغام (Assimilation)

اِدغام عربي زبان جو لفظ آهي. ان جي لفظي معنيٰ آهي: لغام چاڙهڻ يا ضابطي هيٺ آڻڻ. جڏهن تہ علم لسانيات ۾ ان جو مفهوم ان طرح آهي تہ: ڪن حرفن/ صوتين/ سُرن (Vowels) يا ڪن صورتن ۾ ٻن پدن (Syllables) ۽ ڪن صورتن ۾ ٻن لفظن (Words) جو پاڻ ۾ ملي هڪ ٽيڻ يا هڪ معنيٰ وارو لفظ ٺاهڻ.

ٻين لفظن ۾:

- اِدغام ۾ بيشڪ ٻہ آوان ٻہ صوتيا يا ٻہ لفظ جڙن ٿا، پر انهن جا آواز ملي يا مدغم ٿي هڪ ٿي وڃن ٿا.
- مرڪب لفظن ۾ ٻہ لفظ ملي هڪ ٿيون لفظ ٺاهين ٿا يا ڪا اڳياڙي يا پڇاڙي ڳنڍي ٻيو لفظ ٺاهجي ٿو.
- پيچيده لفظن ۾ اڳياڙي پڇاڙي ڳنڍڻ سان ڪي آواز گم ٿي وڃن ٿا.

جيئن هڪ لفظ آهي 'رُدالي' اصل ۾ اهو ٻن لفظن: رُود= روج، راڙو+ والي= واري يعني روج ڪندڙ عورت. اهو لفظ هندي، سنڌي، پنجابي، سرائيڪي ٻولين ۾ بہ عام آهي. اسان وٽ خاص ڪري حيدرآباد، خيرپور ۽ ڪن ٻين شهرن ۾ اج بہ اهڙيون عورتون آهن، جيڪي پيسن تي اچي فوتيءَ لاءِ پار ڪيدي روئنديون آهن. انهن سان گڏ، گهر جون ٻيون عورتون بہ اوسارا ڪنديون آهن. ممڪن آهي تہ اهو لفظ 'ميرن جي دور' ۾ جڙيو هجي؛ چاڪاڻ تہ لفظ جي بيهڪ ٻڌائي ٿي. اهو بہ ممڪن آهي تہ 'رود' جو د > ج ۾ بدليو هجي ۽ رود > روج ٿيو هجي يا وري روج مان رود جڙيو هجي.

انگريزيءَ ۾ لفظن جي اهڙي جڙاوت واري عمل کي Assimilation چون ٿا. جنهن لاءِ لسانيات جو ماهر ايڊورڊ فنگين لکي ٿو تہ:

Assimilation is the influence that one sound exerts on an adjacent one, changing it so that the two sounds become more alike in their phonetic properties. (1)

"ٻوليءَ ۾ اِدغام ان عمل کي چئجي ٿو جنهن ۾ زورائتا آواز پروارن آوازن تي اثرانداز ٿي، نئون لفظ ڻاهين ٿا." 'ادغام' لاءِ ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو تہ (صرفي اصطلاح) ٻن اعرابن يا حرفن جو ملي هڪ آواز ٿيڻ. سنسڪرت وياڪرڻ ۾ ادغام کي "سنڌي" چوندا آهن. ان جو ڌاتو "سنڌ" آهي. عام طور اسان وٽ "سنڌو-سنڌي سان ملائڻ" محاورو آهي. ٻن عضون يا شين (ڪاٺ، لوهہ وغيره) جي ميلاپ کي بہ 'سَنڌ' چوندا آهيون. هڪ راءِ اها بہ آهي تہ مختلف درياهہ، نديون ملي سنڌو درياهہ يا ندي جوڙين ٿيون. ٻين لفظن ۾ مختلف ندين جي ميلاپ کي 'سنڌو ندي' سڏيو ويو ٿو.

عربي لفظ 'جلاّد' اصل ۾ 'جل+لاد' آهي، پوءِ ٻئي لام گڏجي هڪ آواز ڪن ٿا. (2) يا وري فارسي شعر جي هڪ مصرع آهي تہ:

"چشم بدور- دلِ ماشاد"

اتي 'بَدور' اصلّ ۾ 'بددور' آهي. شل توکي بري نظر نہ لڳي (توکي ڏسي) منهنجي دل ڏاڍي خوش آهي.

'خوددار' ڳالهائڻ مهل 'خودار' ٿو ٻڌڻ ۾ اچي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي کي عام لساني اصولن جي چڱي طرح خبر هئي، ڇاڪاڻ تہ پاڻ سنڌيءَ سان گڏ عربي، فارسي، هندي سنسڪرت ٻوليءَ جو وڏو ڄاڻو هو جن جو هن پنهنجي شاعريءَ ۾ نهايت موزون استعمال ڪيو آهي، ۽ ڪن ڌارين لفظن ۾ ٻولي جي اصولن مطابق ڦيرڦار بہ ڪئي آهي. پاڻ بہ لفظ 'ادغام' ساڳي معني ۽ مفهوم سان استعمال ڪيو اٿائين. فرمائي ٿو:

ڪثرت آهي قرب ۾ ادغام ۾ اعراب
ڪهڙي منجهہ حساب، هئڻ منهنجو هوت ريءَ
(سهڻي-وائي-11)

## خاصيت اڪر مٽ (Metathesis)

علم لسانيات ۾ ان اصطلاح جي تشريح اُن ريت ڪئي وئي آهي ته ٻن لفظن، پدن، حرفن جو پاڻ ۾ جاءِ مٽائڻ يا اڳتي پوئتي ٿيڻ. جيئن پ ۽ ڇ جي مٽاسٽا. مثلاً ڪي 'ڇپي' چون ته ڪي 'پڇي' ڇ ۽ ڪ جي ادل بدل جيئن: 'ڇڪ' ۽ 'ڪڇ' سنڌي ٻوليءَ ۾ ان خاصيت جو بهترين مثال 'نڪ ڇٽو' آهي. يعني نڪ مان خراب وار چونڊيندڙ هڪ اوزار. ان کي عام محاوري ۾ چون 'نِڇڪٽو.'

انگريزي ٻوليءَ جو عالم ڊيوڊ ڪرسٽل (David Crystal) ان خاصيت بابت لکي ٿو ته:

Metathesis: An alteration in the normal sequence of syllables, words, or others units. The effects may be heard in everyday speech (as when people say aks for ask), but it is also a noticeable feature of language history. (1)

"عام لفظن جي ترتيب ۾ ڦيرڦار، ادل بدل عام طور آوازن/حرفن ۾ جيڪا روزمره جي ٻوليءَ ۾ ٻڌڻ ۾ اچي، البت لفظ جي معنيٰ ساڳي رهي. هن هڪ مثال پڻ ڏنو آهي، لکي ٿو قديم انگريزيءَ ۾ 'hros' لکيو ۽ پڙهيو ويندو هو جنهن کي جديد ٻوليءَ ۾ 'Horse' لکيو ۽ پڙهيو وڃي ٿو."

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌي ٻوليءَ جي ان خصوصيت تي بحث ڪندي لکي ٿو ته:

اصلي لفظ 'پرهڻ' هو بمعنيٰ پائڻ يا ڍڪڻ ۽ 'پهرڻ' ۽ پهرائڻ لفظ مال سان مخصوص هو مگر خصوصيت قلب (اڪر مٽ) هيٺ 'پرهڻ' کان وڌيڪ عام محاوري ۾ استعمال هن وقت 'پهرڻ' جو آهي. مثلاً

"پنهنجا ساريج سومرا، هو جي پهرين پٽ"

(شاهه)

يعني مال سان ڀرين.

"ٿيو ايمان عالم ۾، هليا ڇيڙي ڏڻ ڏنار،
ڀري آيا پٽن تي، 'ٻاجهي' چئي، ٻڪرار."

يعني ٻڪرين سان ڀري آيا.

اهو لفظ شاهه لطيف هن طرح استعمال ڪيو آهي:

"پٽ نه پرهيان سومرا، جانڪيتان جيان."
(مارئي)
عمر چو آن ڪيئن پٽ پرهيان سومرا.
(مارئي)

يعني: پٽ پايان يا اوڍيان.

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو ته:

"اگهاڙيون آتڻ ۾، پنهنجون پراهيو"
(سسئي آبري)
"پونڙيون مصحف مٿي آهن پوش،
پرهيا قبرن مٿي پيرن جي پڙ."

يعني: قبرن تي پيل يا ڍڪيل پڙ.

مگر هن وقت اصل لفظ 'پرهڻ' تي مقلوب محاوره 'ڀرڻ' غالب ٿي چڪو آهي. حمل فقير چئي ٿو:

اسين ماڻهو پٽ جا، سي ڪيئن ڀريون پٽ،
سي مِٽ ميان سومرا، تون مير ڳولي لهه مٽُ.

ساڳئي اصول هيٺ ڊاڪٽر صاحب فارسي لفظ 'همراهه' = گڏ هلندڙ راهي، ساٿي کي سنڌي تقليب (اکر مٽ) مطابق 'هرماهه' معني عام ماڻهو ساٿي سڏي ٿو. (2)

لفظن جي اهڙي ڦيرڦار جو هڪ سبب حرفن جي پاڻ ۾ صوتي متاسنا آهي، ٻيو ان جو وڏو ڪارڻ لهجن جو آهي. لهجن ۾ لفظن جي صورت ٿوري

گهڻي تبديل ٿيندي آهي: مثلاً ڪٿي ڇون 'ڏٻو' ته ڪٿي 'ٻڏو'. ڪاٿي ڇون 'گبري' ته ڪٿي اُچارين 'ٻگري' جو فارسي لفظ 'بغلي' جو بگاڙ آهي. شاهه لطيف به ان صورت ۾ استعمال ڪيو آهي:

"ٻک وڌائون بگرين، جوڳي ڪندا جُڳ"
طلب نه رکن طعام جي اوتيو پيين اُڄ
(رامڪلي)

پَسه= تڪڙو ڇوهو جلد. ان جي تقليبي صورت ٿيندي 'پهس' شاهه صاحب ميي کي تاڪيد ڪندي چئي ٿو ته جلد پکيءَ جيئن پهچاءِ.

"تنڊو تان ڪوهه؟ پر وکين آهي وترو
وجي ڪاڪ ڪنڌِن ۾ پهس پکي جنءَ پوءِ.
'ن ڪُر سندو ڪوءِ، متيو مائو نه ٿئي."
(مومل راڻو)

مومل، سوڍي کي ٿي چئي ته تو ايتري دير ڪئي، مون صبر سان وقت گذاريو هاڻي مون کي ان صبر توبهه ڪرائي آهي. لفظ 'ڪرايم' کي شاهه صاحب 'ڪاريم' ڪيو آهي.

"سندي صبر سان توبه ڪاريم تڪڙي"

ساڳئي فعل جي هڪ ٻي صورت

"موتي ڪاريا مڱڻي طرح تنبي کي تان"(3)

ڪن عالمن جو خيال آهي ته فارسي ٻوليءَ جو لفظ 'آماج' معنيٰ: نشانو تير چٽڻ جو نشان، هدف۔اهو لفظ ڦري ٿيو 'آجام' جنهن کي وري شاهه صاحب بدلائي 'آچام' ڪيو آهي معنيٰ اُهائي ساڳي اٿس.

"محبت جي ميدان ۾ عاشق ٿي آچام"
(ڪلياڻ)

'ورچڻ' عام سنڌي محاوري جو لفظ آهي. ان جي معنيٰ آهي: بيزار ٿيڻ، ڪڪ ٿيڻ، ٿڪجڻ، رنج ٿيڻ وغيره. شاهه لطيف بہ ان معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي:

ڏکين ڏات پٺو هينئڙو لوهہ سنداڻ جئن،
ورچي تان نہ وڃو سنياريءَ کي سجڻين.
(يمن ڪلياڻ)

ان جي تقليبي صورت آهي 'وچرڻ' معنيٰ اُهائي ناراض ٿيڻ، ٿڪجڻ، رنج ٿيڻ وغيره. سائين فرمائي ٿو تہ:

"چنڊ چُٽين حق، جي وڙهين، جي وچرين
ہ اکيون ٿيو نڪ، تو ۾ ناهہ پيشاني پرينءَ جي."
(ڪنيات)

'وراڻڻ'=موٽائڻ عام سنڌي محاوري جو لفظ آهي، شاهہ صاحب پڻ استعمال ڪيو آهي.

"وهلو ونءُ وراءِ پرين، آءُ ڪانگا وڻ ويهہ"
(برو)

ان جي تقليبي صورت آهي 'وارڻ' موٽائڻ، واپس آڻڻ. شاهہ صاحب ان کي هن ريت استعمال ڪيو آهي.

"وارين سي والي، هينئڙو جنهن هٿ ڪيو"
(سهڻي)

سهانگو= سستو گهٽ قيمت وارو عام جام. ان لفظ کي سائين هن ريت استعمال ڪيو آهي:

"جو ورن وهاتي سو سر وٺ سرو ساهنگو"
(ڪلياڻ)

خاصيت 'اڪرمٽ' جا ڪجھ ٻيا مثال:

| | |
|---|---|
| بندوق | ڏنبوق |
| پنجو | چنبو |
| قُفل | ڪلف/ ڪرف |
| چنبر | پنجر |
| بالٽي | باٽلي(4) |

ذڪر ڪيل لفظن لاءِ ٻولي جو ڄاڻو سائين علي نواز جتوئي لکي ٿو ته هن قسم جي تبديل دنيا جي سڀني ٻولين ۾ عام آهي.

حوالا:


(1) Crystal David, An Encyclopedic Dictionary of Language & languages, Blackwell Publisher, Oxford, UK, 2nd Edition 1993- p-249

(2) بلوچ ڊاڪٽر نبي بخش خان "سنڌي لغت" لکپڙهه- مهراڻ ڏهسالہ خاص نمبر سال 1965/4 ص ص. 6_175

(3) گربخشاڻي هــم چند "شاهه جو رسالو"- جلد 3، ڪمشنر پريس، ڪراچي 1924ع ص 156

(4) جتوئي علي نواز خان حاجن، "علم لسان ۽ سنڌي زبان" سنڌ پرنٽنگ پريس، حيدرآباد 1968 ص 172

## خاصيت بَدل (Mutation)

Mutation: The Action or process of changing in the form or structure of the word, particularly in vowels or consonants, sometimes in Phonemes or in Morphemes. (1)

ترجمو: لفظي شڪل ۾ تبديليءَ جو عمل، جنهن سبب لفظن جي سُرن. وينجن ۾ فرق اچي. ڪن صورتن ۾ لفظ جي صوتين ۽ صرفين ۾ تبديلي اچي ۽ لفظ پنهنجي صوتي صورت يا شڪل، تبديل ڪري ڇڏي

بَدل عربي لفظ آهي، جنهن جي لفظي معني آهي: مٽجڻ، تبديل ٿيڻ وغيره. لساني لحاظ کان ان جي معني آهي= اعرابن، صوتين يا صرفين جو پاڻ ۾ مٽجڻ. جيئن تُرڪي زبان جو لفظ 'قئنچي' خاصيت بدل ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ ٿيو 'ڪينچي'. عربي لفظ 'نعش' سنڌي ۾ ٿيو 'لاش'. مسجد ٿيو مسيت. بانگ_ ٻانگ. ڪي سنڌي لفظ سنسڪرت يا هنديءَ ۾ ل ۾ تبديل ٿيندا آهن اها بدل ٻہ طرفي بہ ٿي سگهي ٿي جيئن جل _ جر. ڪنول _ ڪنور ٻيا لفظ لماڻ _ لپاڻ. تفحص _ تپاس وغيره آهن.

تبديليءَ جو اهڙو عمل خاص طور ڊارين ٻولين مان آيل لفظن ۾ وڌيڪ ٿئي ٿو ڇاڪاڻ تہ بقول لسانيات جي ماهر ڊيوڊ ڪرسٽل جي "ڊارين ٻولين جا آواز مختلف هوندا آهن جيڪي آساني سان سمجھہ ۾ نہ ايندا آهن. ٻيو سا ڳئي خاندان سان تعلق رکندڙ سگهارا آواز مٿن غالب پئجي ويندا آهن." (2)

هيٺ شاهہ جي رسالي مان وڌيڪ مثال پيش ڪجن ٿا:

عربي لفظ "آقا"، ترڪي ۾ آقا، فارسي ۾ آغا، پشتو 'آڪا' سنڌيءَ ۾ ٿيو 'آگا'

"والله مع صابرين آگو ايئن چوءِ"
(يمن ڪلياڻ)

"آگي ڪيا اڳمين نسوروئي نور".
(ڪلياڻ)

آئينو فارسي لفظ 'آهينہ' مان ورتل آهي. ان جو ڌاتو آهي: آهن= لوهہ. آهنگر= لوهار. هہ ۾ تبديل ٿي آهي. اڳ لوهہ کي گهڻي اهڙو اجرو ڪندا هئا، جو منهن صاف ڏسڻ ۾ ايندو هو. سائين ٿو فرمائي.

"اندر آئينو ڪري، پر ۾ سو پسيج"
(سهڻي)

يعني: پنهنجي اندر کي اهڙو اُجار جو پرانهون پرين توکي نظر پيو اچي.

سنڌي لفظ "آوگهڙ" سنسڪرت جي لفظ 'اوگهٽ' جي ابدالي صورت آهي. (يا ان جي ابتڙ سنڌيءَ مان سنسڪرت ۾ ويو) بنيادي معني اٿس= کولڻ، پردو لاهڻ. سائين فرمايو:

"آتڻ ۾ اوگهٽ، ڪانڌ ڪنهين جي مَ ڪري"
(ديسي)

'سج' بنيادي لفظ آهي، جيڪو عام رواجي طور استعمال ٿئي ٿو. سائين ان کي ڪيترن هنڌن تي 'سجُ' ڪري استعمال ڪيو آهي.

"اُهي سج آوير ڪي، ڏاڻين ڏونگر"
(حسيني)

"سج اُيرندي جا ڪري، سامي سائي روءِ"
(مومل راڻو)

عربي لفظ "امن" جي معني آهي: صلح، سک، سلامتي، حفاظت. امين ۽ امانت بہ ان لفظ مان ورتل آهن. ان مان سنڌي لفظ جڙيو "امان" سائين فرمايو:

"ڪنڌي ساريان ڪان، يا امن امان"
(سريراڳ)

"امان" لفظ کي سائين ابدالي صورت ڏئي "اماڻ" بہ استعمال ڪيو آهي. معني اٿس: "امانت"

"عمر اي آماڻ ثابت رکج سومرا"

(مارئي)

'سفيد' لفظ فارسيءَ جو آهي. ان جو اصل اچار آهي 'سپيد'= صاف، اجرو. سائين اصل لفظ جي 'د' کي 'ت' ڪري ڇڏيو آهي.

'سڙهه ڏئاري صاف ڪر، صابڻ ساڻ سپيت'

(سر حسيني)

لفظ آهي "اِت" يعني ان هنڌ. ان مان وري ٻيا ظرفي لفظ جڙيا: اتان، اتاهين، اتائين وغيره. يعني ان هنڌ تان. شاهه صاحب ان جون هيٺيون ابدالي صورتون پيش ڪيون آهن:

"اچيو اتاهه گهڙي، جتان جيءَ وڻاءِ"

(سهڻي)

"ٻيا در وجي مَ ووڙ ايءَ اُملَ اِتائين سڀجي"

(يمن ڪلياڻ)

عربي لفظ آهي "حاذق" معنيٰ اٿس: قابل، پارکو سُڄيت. شاهه صاحب بہ ان معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي:

ڪوءُ نہ ڳرهَڙ ڳڏيين حاذقُ حالُ حُضور
پڪي ڀِريين پُور، ماڻي ڪوُنَر ڳلاب جا.

(ڪارايل)

ان جي ٺيٺ سنڌي صورت آهي "هاتڪ" معنيٰ ساڳي اٿس:

"ٻڏندي ٻوڙن کي، ڪي هاتڪ هٿ وجهن."

(سهڻي)

سنڌي ٻوليءَ جو لفظ "سڄڻ"= سٺو ماڻهو ضد "ڏُڄڻ" خراب ماڻهو. ساڄڻ لفظ بہ ان مان ورتل آهي. ان جي سنڌي صورت سائين هيٺئن بيان ڪئي آهي:

"ساڄن آهنجي سور، ڪين جيان تي ڪيڇيا."
(حسيني)

شيءِ جي ڪنهن ٽڪري/ حصي کي چون 'ذرو' شاهه صاحب ان کي 'جرا' ڪري ڇڏيو آهي.

'ڏيهنديس ماهه مرن کي، آئون جرا جيءُ ڪري'
(حسيني)

اصل لفظ آهي 'خان' جنهن مان لفظ 'خانہ' جڙيو. بنيادي معنيٰ اٿس، پنهنجي گهر وارو، مال ملڪيت وارو. پوءِ اڳتي هلي اهو لفظ لقب طور استعمال ٿيو. شاهه صاحب ان کي 'کان' ڪري پيش ڪيو آهي.

"هو کانُ ڪتوري هيرٿون مون ۾ صابڻ ڇٽ"
(گربخشاڻي، جلد 2، ص 155)

عربي لفظ صلح- ناهه ان مان لفظ جڙيو 'مصلحت' شاهه صاحب ان کي خاصيت بدل مطابق بلڪل نئين صورت ڏني آهي:

"اديون عبداللطيف چئي منهنجي محبن سان مصلات"
(ڪاهوڙي)

عربي لفظ آهي "هول" معنيٰ: ڳڻتي، ڪنڪو وهم فڪر، وسوسو. ان جي سنڌي صورت ٿي: "هورَ" معنيٰ ساڳي. عام محاورو آهي تہ "هورا ڪورا" ڇا جي اٿئي= ڪهڙي ڳڻتي ۽ فڪر ۾ پيو آهين. سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ عربي صورت سان گڏ سنڌي صورت بہ استعمال ڪئي آهي:

"تو پڇاڻان سپرين هينئڙي اڇنم هَولَ"
(مومل راڻو)

سنڌي صورت:

"ماريو جي معذور، تہ هيڪاري هورُ لهي"
(سسئي آبري)

سائين 'هول' لفظ جي ٻي معنيٰ بہ ڏني آهي. 'هول'= لوهي ٽوپلو جيڪو جنگ جي حالت ۾ بچاءَ لاءِ متي تي پائبو آهي. (گربخشاڻي جلد3، ص۔ 505)

"پاونگ اُپو پڙ ۾ هٽي هزاري هول"
(ڪيڏارو)

پاڙڻ= نباهڻ، وعدو وفا ڪرڻ. ان جو ضمير متصل ٿيندو پاڙج- تون نڀاءِ، تون وعدو پورو ڪر. سائين "ڙ" کي "ر" ۾ تبديل ڪيو آهي.

"جي مون سين ڪئي قول، سي سگها پارج سپرين."

سنڌي ٻولي جو عام لفظ آهي 'ماڻهو'. 'ماڻهپو' بہ ان مان جڙيو آهي. پر لاڙي لهجي ۾ ان کي چون 'ماڙهو' سائين ڪيترن هنڌن تي اها صورت اختيار ڪئي آهي.

"ڇُڪس سڀ ڇٽي ماڙهو شهر ڀنڀور جا."

---

"تي ڏوڙائي دليل تہ پنهون ماڙهو موڪليو."
سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظ 'مهمان' فارسي ٻوليءَ مان آيو آهي. ان جون پاڙون وري سنسڪرت ۾ لڳن ٿيون. جنهن جو اشتقاق ٿيندو مه= وڏو+مان= عزت يعني وڏي عزت وارو، وڏي مرتبي وارو. فارسي ۾ 'ڄائي' کي بہ 'مهمان' چون.[ ...son in law. A guest, a] (3) پائنجي ٿو تہ هي لفظ اسان جي ديس جو آهي. خاصيت بدل هيٺ شاهہ صاحب ان جون ٻيون صورتون بہ استعمال ڪيون آهن:

"مون گهر اچي جي ٿئي، مينڊرو مهماڻ،
پيڪن سوڏو پاڻ، گهرتڙ گهوريان پرينءَ تان."
(مومل راڻو)

عام سنڌي صورت 'مزمان' بہ ڪن هنڌن تي سائين استعمال ڪئي آهي.

"مون پانيو مزمان هميشہ هوندا پرين."

عربي لفظ مقبول مان مرائيءَ ۾ ٿيو 'ماڪل'= قبول پوڻ، پسند پوڻ. پٺائي سائين ان کي استعمال ڪيو آهي: 'ماڪر' 'ماڪل' جي بگڙيل صورت (4)

"ٻي پر ڪنهن نہ پون، ماڪر محبوب سان"
(ڪلياڻ)

لغوي قاعدي مطابق 'س'- 'هہ' ۾ سولائي سان بدلبو رهندو آهي. جيئن: ٿاسي- ٿاهي، گاس-گاهہ ، سانس - ساهہ وغيره. ان اصول هيٺ سنڌي لفظ 'ماس' 'ماه' ۾ تبديل ٿيو جيئن فرمائين ٿا:

"سيخن ماه پچاءِ، جان نالو ڳيڙهہ نيه جو"
(ڪلياڻ)

ڊاڪٽر ٽرمپ، مرزا قليچ، ٻانهي خان اهو قافيو استعمال ڪيو آهي. البت ٻيا قافيا 'ج' تي ختم ٿين ٿا. انڪري گربخشاڻي، ڪلياڻ آڏواڻي، عرساڻي، شهواڻي ۽ ڊاڪٽر بلوچ قافيي جي نسبت سان 'سنجي' استعمال ڪيو آهي. هاڻي اهو لفظ رسالي جو ليکبو.

سنڌي لفظ سجي= تيار ڪري، تيار ٿي، سنباهي- شاهہ لطيف ان کي تبديل ڪيو آهي، سنجي= سنباهي تيار ڪري

"پڇج پوءِ پريتڻو ڀرين ميڙ سنجي"
(ڪلياڻ-5 وائي)

لغت جي هڪ ٻئي اصول هيٺ، ر-ل پاڻ ۾ بدليا آهن. جيئن: جر-جل، ٻر-ٻل، ميرُ- ميلُ، ڪرَ- ڪل، ڪنور- ڪنول وغيره. سنڌي لفظ سُڏير= ڏيرج وارو ڏاهو/ سياڻو- شاهہ لطيف ان جي صورت بدلائي 'سڏيل' ڪري ڇڏي آهي: معنيٰ بلڪل ساڳي

"هينڙا ٿيءُ سُڏيل، ڪالهہ ڙيبن لڏيو"
(برو)

سنڌي لفظ- نير= ڳوڙها، لڙڪ. شاھ لطيف ان کي ساڳئي اصول هيٺ تبديل ڪري 'نيل' ڪيو آهي:

"لِڪئي لامون ڪوڙيون، نيڻين وهي نيل"
(بروو)

سنڌي لفظ آهي اُهڃاڻ= نشان، علامت، پارپتا- بيدل سائين ان جي 'ڃ' کي 'ي' ۾ بدلائي هن طرح استعمال ڪيو آهي:

'آڌوتن اُهياڻ' (بيدل وحدت نامو ص87)

سر معذوريءَ جي بيت جي هڪ سٽ آهي:

"جاڳايس جنبور ڳُتي قريبن جي"

'جنبور' ابدالي صورت آهي'زنبور' جي. فارسي لفظ جي معني آهي: ڏينهو يعني ڏينهو جهڙو ڏنگيندڙ اورچ ۽ سجاڳ ڪتو. (5)

اهڙي طرح عربيءَ ۾ تکي هلندڙ اٺ کي 'جماز' چون ٿا سائين ان کي 'جماج' ڪري چڙيو آهي:

"تر ڏونگر (بر) روھ، ميي سڀ مناڙيا.
هاٺي آگڻ آسي ڪوھ، آهي اَن جماج کي"
(ڪنيات)

سر مومل راڻي ۾ هڪ بيت آهي تہ:

سوڍي سُتي لوءِ ڪا جا مون سان ڳالھ ڪئي،
سا جي پڌر پوءِ، تہ سرتيون، ڪاند سمهي.
(مومل راڻو)

لفظ لوڪ يعني عام ماڻهو لاءِ سائين 'لوءِ' ڪتب آندو آهي. (گربخشاڻي جلد ٽيون ص:286)

جنم هندي لفظ آهي. ان جو ڌاتو 'جن'= جڻڻ، پيدا ڪرڻ آهي. جنم جي بہ اهائي معني ٿيندي= پيدائش، ولادت، زندگي، جمار وغيره سائين خاصيت بدل هيٺ ان جي صورت بدلائي آهي،

"وڻڙا مي وَهي، جنب گذاريم جن سين"
(مارئي)

زور= فارسي لفظ جي معنيٰ آهي: طاقت، ڏاڍ، ٻل وغيره
سائين فرمائي ٿو تہ:

درد نہ لهين داروئين، زلف زور ڏنوم،
ڪاڪل ڪالهہ ڏٺوم، رخساري تي روپ سين.
(سسئي آبري)

ان جي عوامي صورت هن طرح تبديل ڪئي اٿائين:

"عمر تي جور ڪري، جيلاه راڄ آڳاهون"
(مارئي)

عربي لفظ آهي 'ملول'= ماندو پريشان، حيران، سائين ان جي صورت بدلائي 'ملور' ڪئي آهي.

"محلين ماندي مارئي، ڏٺيم منهہ ملور"
(مارئي)

عربي لفظن جي بدل واري صورت سائين تمام گهڻي استعمال ڪئي آهي، هيٺيان ٻہ چار مثال ڏسو:
لفظ آهي 'ميت'= لاش، مڙهہ، سائين ان کي 'مئٿ' ڪري ڇڏيو.

"مران جي هن هنڌ، تہ نجاهُ مئٿ ملير ڏي"
(مارئي)

لفظ آهي سلامت= محفوظ، سائين ان کي رواجي صورت ۾ 'سلابت' ڪري استعمال ڪيو آهي:

"سر سلابت سپرين! مُرڪڻ تون مَ مريج"
(ڪاموڏ)

'همير' سومرا خاندان جو آخري حاڪم هو. انتظامي طور ڪافي ڪمزور هو. ڪانئس واڳون ڄام فيروز الدين عرف ڄام انڙ ورتيون. ڊاڪٽر گربخشاڻي جي راءِ مطابق اِهو لفظ اصل 'امير'= حاڪم بادشاهه آهي. سائين ان کي واحد توڙي جمع جي صورت ۾ استعمال ڪيو آهي.

"هميرن هڪون، ڄاڙ جسي کي پاتيون"
(مارئي)

ٻه چار مثال فارسي لفظن جا ڏجن ٿا، جيڪي خاصيت بدل هيٺ سنڌي محاوري جو حصو بڻيا آهن.

گمان= شڪ، شبهو اندیشو وغيره. سائين ان کي اصل صورت ۾ پڻ پيش ڪيو آهي.

"هاڻي وڃ گمان صحي سڄاڻا سپرين"
(آسا)

عوامي لهجي مطابق هن طرح استعمال ڪيو آهي.

"لاهي غير گماڻ اڳڻ آءُ اُڪنديين"
(مومل راڻو)

"ڪافور" وڻ جي پيدائش آهي، فرهنگ آصفيه مطابق اهو وڻ چين ۽ ملڪِ ختا ۾ پيدا ٿيندو آهي، پر ٻئي هنڌ ان جي پيدائش جو مثال نه ٿو ملي، اهو خوشبوءِ دار هوندو آهي، جيڪو راڻيون لڱن کي لائينديون آهن ۽ سڄي ڪمري ۾ سرهاڻ ڦهلجي ويندي آهي. فرهنگ آصفيه ۽ فيروز اللغات مطابق اهو لفظ عربي آهي. ڊاڪٽر بلوچ جامع لغات سنڌي ۾ ان جو مادو سنسڪرت "ڪپور" ڄاڻايو آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻي جو به اهو رايو آهي. البت ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو ته: "بهشتي چشمي" جو هڪ نالو (جلد 4، ص 329) سائين ان کي 'ڪپور' طور استعمال ڪيو آهي:

"پيس لوهه لطيف چئي ٿيس ڪوڏ ڪپور"

’طاق‘ لفظ مان ڊاڪٽر گربخشاڻي مطابق سنڌي لفظ ’طاس‘ نهيو آهي. جنهن کي رواجي محاوري ۾ ’تس‘ چئون ٿا. ان جي ننڍي صورت ’تسري‘ بہ استعمال ۾ آهي. سائين فرمائي ٿو:

آگر اوطاقن ۾ ڪٿوري ڪتن
اوتيائون عبير جا مٿي طاق تڙن

يعني اوطاقن ۾ اگر بتيون ٻاربائون ۽ ڪتن تي ڪٿوري هاريائون ۽ پتڙ/بندر تي عنبير جا تس هاريائون. سائين ’تس‘ کي ’تس‘ واري صورت ۾ بہ استعمال ڪيو آهي.

”آڻيون وجهن آهرين سنڌا ٿوهن تس“
(مارئي)

’چش‘ مان ٿري ’چس‘ ٿيو معني وَٽ. ذائقو.

”ميوا ميجر، ماڪيون، سڀ ڪا چکن چس“

’شال‘ هاڻي عام استعمال ۾ آهي، جو مرد توڙي عورتون عام جام اوڍين ٿيون. پر اهو لفظ فارسيءَ جو آهي سائين ان جي سنڌي صورت ’سال‘ استعمال ڪئي آهي:

”سائي سال ڳُلن ۾، سامي سون سري“
(مومل راڻو)

بہ چار مثال مڪاني ٻولين جا ڏجن ٿا:

سنسڪرت ۾ ’مڪٽ‘ چون موڙ ۽ ڇٽ کي، سائين ان جي رواجي صورت ’مگٽ‘ استعمال ڪئي آهي:

”اچي ٿي عطر جي، منجها مُگٽ بوءِ“
(مومل راڻو)

سنسڪرت ۾ ’مهلا‘ چون عورت. ناري کي، هنديءَ ۾ ٿيو ’مهيلا‘. سائين ان لاءِ لفظ استعمال ڪيو آهي ’مهري‘

"هميرا ٿا هتڙا، مهري ڪين مڇيندي"
مٿي ماروئڙن جي.
(مارئي وائي)

'رنگ ڏيڻ'= پنهنجي مرضيءَ جو رنگ (Color) ڪرڻ. سائين ان لاءِ چئي ٿو: رڇن ڏهو رنگ. اصل بيت آهي.

"جان گهڙندا گهاتوئا، تان رڇن ڏهو رنگ
سڳائيون ۽ سگ، ڪلاچي ڪين ڪري"
(گهاتو)

سُر سورٺ ۾ فرمائي ٿو:

اگڻ مٿي آهجي، ڪهي ڪين قوال،
پلا ڪري پال، امن ڏهو ان کي

مينهن جو 'ڇيڙو'، اٺ جو 'ليڏوٹو' گڏهه گهوڙي جي لڏ. ٻڪريءَ جون 'ڦولڙيون' پر سائين ان کي لاڙي لهجي مطابق 'پولڙيون' استعمال ڪيو آهي:

"پاسا پولڙين ۾ ٻانهون سر ٻئي"
(مارئي)

ساٿيه= وطن، ديس، ملڪ. شاهه صاحب ان کي خاصيت بدل هيٺ "ساڙيه" ڪري استعمال ڪيو آهي.

"هي سِرُ ساڙيه سامهون، مهجو نج ميان"

'سُڄاڻ'= سڻي ڄاڻ واري، باخبر، هوشيار اهو ٿيو صفت، ان جي اصل فعل واري صورت سائين استعمال ڪئي. يعني راٺي جي مماندي ڪو ڪونهي مونکي پيا ٻه سوڏا سجهن ٿا يا 'سڄن ٿا' "سڄان" دراصل فعل مان نميل آهي. مصدر 'سُڄَڻ' مان 'سڄان'

"روءِ راٺي جي ناهه ڪو سوڏا ٻئا پر سُڄان"

سنڌي ٻوليءَ جو بنيادي لفظ آهي 'ڏڙ' معنيٰ ٻڪرين ۽ رڍن جو وڏو

انگہ جيئن تہ قديم زماني ۾ ناڻو ڪونہ هو تہ گهربل شين جي مٽاسٽا مال ۽ اناج وسيلي ٿيندي هئي. ان لفظ مان جڙيو 'ڌن'= مال. ملڪيت-اصل ۾ ڍڳيون، ٻڪريون. مالڪ کي چون ڌڻي = ڌڻ وارو. ان جو مؤنث ٿيندو 'ڌڻياڻي' اڳتي هلي 'ڻ' حذف ٿي ويو ۽ لفظ جي صورت بيٺي 'ڌياڻي'= ڌڻ يا مال رکندڙ گهر جي مالڪ. رواجي محاوري ۾ ان کي 'ڏياڻي' بہ چون. معني اها ساڳي. سائين اهو لفظ هن طرح استعمال ڪيو آهي:

"پايو پڻين وٺيون، ڪاڪ ڏياڻيون ڪک"

ڪيپٽن استيڪ جي ڊڪشنريءَ ۾ "دنيا" کي "ديا" لکيل آهي. "نياءُ" (انصاف) کي "جاءُ" "پُنّ" (ثواب) "پيج" ٿئي ٿو اهڙا پيا مثال بہ ملن ٿا.

'ويد' تہ عام طور قديم ڪتابن کي چيو وڃي ٿو جنهن ۾ زندگي، جو وڏو فلسفو سمايل آهي. ويد ڄاڻيندڙ پنهنجي دور جا وڏا اڪابر انسان هئا. ڪين جل، ٿل، تارن جي علم سان گڏ انساني طبيعت جي بہ وڏي ڄاڻ هوندي هئي، سنڌ ۾ وڏن 'طبيبن' کي 'ويج' چوندا هئا.

شاهہ سائين ان جو ڪيترن ئي هنڌن تي ذڪر ڪيو آهي:

ويهڻ ويجن وٽ، جي سگهين تہ سگهو ٿئين،
اڳين عادت مٽ تہ اگها عاجز نہ ٿئين.
(يمن ڪلياڻ)

وديا <-> وجا ويد <-> ويج ڪهڙو لفظ ڪهڙين هو ڪهڙو پوءِ ٿيو ان بحث ۾ نٿا پئون.

عربي ٻوليءَ جو هڪ پيو لفظ آهي 'الدڪان'= ٿلهو ويهڻ جي اوچي جاءِ (المنجد عربي- اردو لغت ص:331) اڳ هنرمند مٿاهين زمين تي ويهي، ڪرت ڪندا هئا. عام طور ان کي 'دُڪان' چيو ويندو هو پر ٻهراڙي ۾ ان کي 'دڪاڻ' چوندا هئا.

شاهہ سائين بہ عام ڳوڻاٺو لهجو اختيار ڪيو آهي:

"عاشق معشوقن جو وٺي ويهہ دڪاڻ"
(ڪلياڻ)

ساڳي ٻوليءَ جو هڪ ٻيو لفظ آهي: 'طاقت'= زور ٻلُ، سگهہ همت: ڀراڙي ۾ ان کي چون 'ڪاڪت'= سگهہ ٻل، ست.

"ڪرهي ڪاڪت ڇڏي، وريس نہ وائي"
(ڪنيات)

عربي لفظ آهي مدد= ساهتا، سهارو پنيرائي. ان کي رواجي ٻوليءَ ۾ چئون 'مدت'. سائين بہ اها عام ترڪيب استعمال ڪئي آهي:

"مدت ٿي ميهارا يار ساهڙا سائر سير ۾".
(سهڻي وائي)

فارسي لفظ آهي 'سگ' = ڪتو 'سگبان' ڪتا ڏاريندڙ. سائين ان کي قافئي جي گهرج مطابق 'سڳ' ڪيو آهي:

"تون سپڙ آءُ سيڪڙو تون صاحب آءُ سڳ
پُڇي تنهنجو پڳہ ڪلهي پاتم ڪينرو"
(پرياتي)

'بادشاهہ' فارسي لفظ آهي. ان جي لفظي معنيٰ آهي: باد= هوا، زماني جو واءُ+ شاهہ= وڏو سگهہ رکندڙ. اهڙو حاڪم جيڪو زماني جي گردش کي مُنهن ڏيڻ جي قوت رکندو هجي.

شاهہ صاحب ان ۾ بہ تبديليون ڪيون آهن. ب < پ ۽ د < ت ڦيرايو اٿس، ڀراڙيءَ جي ٻولي، ۾ ان جو اچار اهو هو.

"محبتي ميڙيہ ڳوٺ ٻڌجي هيڪڙو
تنين جي ويڙهي، پاڻهي ايندو پاتشاهہ"

ان لفظ جي شاهہ سائين هڪ ٻي صورت بہ ڪتب آندي آهي:

"پاڇاهي نہ پاڙيان، سرتيون سُئي ساڻ
ڍڪي آگهاڙن کي، ڪين ڍڪيائين پاڻ.
بيهر ڇاپي ڇاڻ، ابرَ جي اوصاف کي".
(مارئي)

حوالا:

(1) Oxford Advanced Learners Dictionary, Jonathan Crowther 5th Edition p-767.

(2) Crystal David, An Encyclopedic Dictionary of Language & languages, Blackwell Publisher, Oxford, UK, 2nd Edition 1993, p-260.

(3) Steingass, Dr. Persian-English Dictionary Sang e Meel, Publication, Lahore, 2000. p-1356.

(4) گربخشاڻي، هوتچند مولچند، "شاهه جو رسالو" جلد پهريون، ڪمشنر پريس، ڪراچي، 1923ع، ص 416.

(5) گربخشاڻي، هوتچند مولچند، "شاهه جو رسالو" جلد ٻيون ڪمشنر پريس، ڪراچي، 1924ع، 433.

# خاصيت حذف (Elision)

Elision: The omission of Sounds, syllables, or morphemes in words in connected Speech, as shown in such forms as febr'y, Y'know, and cup o' tea. It contrasts with intrusion. We'll Elision is a normal and unavoidable feature of in normal discourse, though it is condemned as lazy speech by purist critics. (1)

ترجمو: لفظن مان آوازن، پدن يا صرفين جو ڪرڻ، جيئن مٿين مثالن ۾ ڏيکاريو ويو آهي، February مان 'uar' حذف ڪيا ويا آهن. you know مان 'ou' ۽ 'Cup of tea' مان 'f' حذف ڪئي وئي آهي 'We ll' مان' Wi ' حذف ڪيا ويا آهن ۽ ان جي جاءِ تي Apostrophy ڏني وئي آهي. ان اصطلاح جو ضد آهي، داخل: (Intrusion). لفظن ۾ نون آوازن، صوتين يا صرفين جو شامل ٿيڻ. حذف ٿيڻ جو عمل ڳالهه ٻولهه ۾ رواجي ۽ ناگزير آهي، جيتوڻيڪ ٻوليءَ کي خالص رکندڙ عالمن پاران حذف ٿيندڙ حرفن کي ڪمزور (Lazy) آواز به سڏيو ويو آهي. (پر ٻولين جي پاڻ ۾ رابطي سبب ان عمل کي روڪڻ ناممڪن آهي.)

'حذف' عربي ٻولي جو لفظ آهي. ان جي معنيٰ آهي: ڪِرڻ، گم ٿيڻ وغيره. لساني لحاظ کان اهڙي صرفي خاصيت، جنهن مطابق لفظ مان حرف/صوتيه ڪري پون يا گم ٿي وڃن. مثلاً 'گهڙا منجي'= گهڙن/دلن رکڻ جي منجي. ان مان 'م' نڪري لفظ بڻيو: "گهڙانجي". ۽ ڪي وري ان کي 'گهڙامچي' به چون. هندي لفظ آهي: 'اچڇا'= خواهش يا مرضي. ان مان 'ڇ' حذف ٿي، هاڻي لفظ ٿيو: اِڇا= خواهش، مرضي. عام طور سنسڪرت جا اهڙا لفظ جن ۾ 'ڪش' گڏ ايندا آهن، اهي سنڌي ۾ 'ڪ' جو آواز ناهيندا آهن. جيئن: ڪشير= کير، اڪشرِ= اکر، آڪش= اک. ڪش کي ڇ ۾ به بدلائيندا آهن. لڪشمي= لڇمي، لڪشڻ=لڇڻ. انهيءَ اصول هيٺ 'آڪشوٽ' سنڌيءَ ۾ ٿيو آکوٽ < اکڙوٽ (2) شاهه صاحب انهيءَ جي اچا به ننڍي صورت بيان ڪئي آهي:

"آڪون ڍاڪون سرڪنڊ شاخون جت چوڪا چندن ڪونر"
(مومل راڻو)

يعني جتي اڪڙوٺ، ڍاڪ، صندل ۽ چندن جا ججها وڻ آهن.

عام سنڌي لفظ "ڏانهن"= طرف آهي، جنهن کي شاهه سائين 'ڏنهه' ڪري استعمال ڪيو آهي.

"اتر ڏنهه آلاپ، ڪالهونڪر ڪونج ڪري"
(ڏهر)

فارسي لفظ آهي "پاره سنگ" يعني پٿر جو ٽڪرو عام طور جڏهن تارازي جي پڙن ۾ فرق اچي ويندو آهي ته وزن سڌي ڪرڻ لاءِ، ڪاڻ جي پئي پاسي گهربل تور جو پٿر ڪانيءَ ۾ اڳڙي سان ٻڌو ويندو آهي. ان کي 'پاره سنگ' چئبو آهي. شاهه سائين ان مان 'ر-ء' حذف ڪري نئون لفظ 'پاسنگ' جوڙيو آهي.

"ڏَرَ جيڏو ڏڙون، پاسنگ مور نه پڄڻان"

يعني ان جو هڪ ڏَڙو يا بار ڌرتيءَ جيڏو آهي، ان ۾ ڪيترو پاسنگ پائبو!

ساڳيءَ سٽ ۾، شاهه صاحب 'ڌرتي' لفظ مان 'تي' حذف ڪري لفظ 'ڌر' استعمال ڪيو آهي:

"ڌر جيڏو ڏڙون، پاسنگ مور نه پڄڻان"
(رپ)

فارسي لفظ آهي 'خانه وند'= خانه= گهر+ وند= وارو. گهر وارو مالڪ، ڌڻي. شاهه لطيف فرمائي ٿو ته:

"خاوند خاص خلقي، محمد مڪائين"
(ڪلياڻ)

هتي خانه مان "نه" حذف ڪيو ويو آهي.

عربي ٻولي جو لفظ آهي "جماعت"= ميڙ، ڪٺ، سٿ وغيره ان جي رکن کي چون "جماعتي" يعني ساٿي، حامي وغيره. شاهه سائين ان جو همزو حذف ڪري، لفظ استعمال ڪيو آهي:

"ڪوفين ٿهر ڪيو ٿيا جماتي يزيد جا"
(ڪيڏارو)

"پئي تنين کان پچ، جي جماتي يزيد جا"
(ڪيڏارو)

'اسلحو' = هٿيار عربي لفظ جو پهريون حرف حذف ڪري، شاهه سائين هن طرح، استعمال ڪيو آهي:

"ڪوبا ڪلي ڪوڏيا، سائو سِلحدار"
(ڪيڏارو).

عربي ٻولي جو لفظ آهي "ساعت" گهڙي، مهل، وير. ان مان "ع" حذف ٿي "سات" جڙيو آهي، معنيٰ اُهائي: گهڙي، ويل وغيره.

عاشقن الله جي سدا وائي وات،
فاذ ڪروني! اذڪر ڪم، تن ۾ اها تات.
انهن کان ڪا سات، سڄڻ ويل نه وسري.
(ڪليان)

شاهه لطيف اصل صورت وارو لفظ به استعمال ڪيو آهي:

"ڏني ڏينهن ٿيام، ڪه جاڻان ڪهڙا پرين،
تنين سال ٿيام، جنين ساعت نه سهان."
(سهڻي)

شاهه صاحب ان لفظ جي ٽين صورت به پيش ڪئي آهي،

"سَهي نه سگهان ساڻ سيڻن، ٿنهنجي راسِ رونق"
(مومل راڻو)

ساٽ < ساعت= گهڙي پلڪ (3)

سنڌي ٻوليءَ ۾ ٽي زمان ٽين: حال، ماضي ۽ مستقبل: اڄ، ڪالهه ۽ سڀاڻي. عربيءَ ۾ ٻه زمان ٽين: ماضي ۽ مضارع. زمان ماضي ـ ڪالهه ـ جو استعمال:

"ڪالهه گڏيو سون ڪاپڙي، بابو بيڪاري"

(مومل راڻو)

ان لفظ جي لاڙي لهجي مطابق "هه" حذف ڪري ٿيو: "ڪال"

شاهه لطيف ڪافي هنڌن تي اهو لفظ پڻ استعمال ڪيو آهي:

"اڄا تنوراءِ ڪالهَ ڪيڙياسون سڄڻين"

(يمن ڪلياڻ)

عام سنڌي لفظ آهي: 'جانور' فارسيءَ ۾ ان کي چون 'جاندار'.

شاهه صاحب ان کي 'جانار' ڪري استعمال ڪيو آهي.

"دهشت دم درياهه ۾، جت جايون جانارن"

(سهڻي)

'ماپڻ'= ڪڇڻ، ڪٿڻ، اندازو لڳائڻ. ان جو اسم ٿيندو. 'ماپ'=ڪچ، ڪٿ، انت، خبر. ان جي حذف واري صورت هن طرح پيش ڪئي وئي آهي:

"نڪو سنڌ و سير جو مپ نه ملاحن"

(سهڻي)

يعني پاڻي ۾ ايڏي تک آهي، جو نه ته سير جي ڪا خبر پئي ٿي، نه وري ملاح پاڻيءَ جو ماپو/ڪاٿو ڪري سگهن ٿا.

لفظ آهي: 'اوڙاهه'= وڏي کڏ ـ پاتال جتي ڪا شيءِ وڃي اوجهل ٿي وڃي.

"وساڻو سو واءُ، جنهن پر ڏڄن ناڪئا"

پيئي ڪڳر ڪُنن ۾، اوجهاڻو اوڙاهه.

ان جي ٻي صورت آهي 'آڙاهه'= باهه جو مچ. سائين 'آڙاهه' جي حذفي صورت 'آر' هن طرح پيش ڪئي آهي:

"محبتي ميمار جوءِ دل اندر دونهيون،
آٽيون وجهي آر ۾ لوهاڻو لوهيون."

يعني جلائيندڙ عشق، سڪ ۾ سڙيل عاشقن کي گهليو آٽيو 'آڙاهہ' ۾ تو اڇلائي. (4)

درياهہ جا ٻہ پار ٿين: هڪ اوران ٻيو پران. ان کي گڏي 'دوپار' بہ چون، پر سائين ان جو 'و' حذف ڪيو آهي:

"ڪارا ڪن، ڪاري تڳي جِت ڪاريهر ڪڙڪا،
ڦٽي ڦٽي ممراڻَ ۾ اچن ڏپارا دڙڪا."
(سهڻي)

ڳڻپ جي قديم سرشتي ۾ 'ڪوڙي' = ويهہ کي چون. قديم چوڻي آهي تہ: "مڙسن ٻنان ويهون ڪير ڪري" پوءِ جڏهن انگ وڌيا، سؤ هزار لک ۽ ڪروڙ... تہ سائين ڪروڙن کي حذفي صورت ڏئي 'ڪوڙين' ڪيو:

"ڪوڙين ڪايائون تنهنجون، لِکَنِ لَکَ هزار"
(ڪلياڻ)

"وحدت جي واديءَ ۾، ڪوڙين ڪي قليل"
(سهڻي)

موجوده ٻوليءَ ۾ رائج لفظ: مينهن- شينهن- نينهن آهن. انهن جا آخري حرف حذف ڪري، انهن جي ٻيهڪ هن ريت بيهاري وئي آهي.

"ڪاري رات ڪچو گهڙو، مٿان وَسي ميه،
هڪ پڙ ٻيراهہ جو ٻئو سانپارا سيه،
شال مَ ڇڄي نيه، گهڙان گهورئو جندڙو."
(سهڻي)

ڊاڪٽر گربخشاڻي لفظ 'آڪو' جي تشريح هن ريت ڪئي آهي: پرا. آڪو> سن. آپڪو) اڻ پڪل دلو يا ڪچو گهڙو. (5)

"جي ڪچي ساڻ ڪمن، آڪو تن اوباهين"
(سهڻي)

"پايم نہ پيلو مون کي ڏاءَ ڏُتارئو
آڪي مٿي اُسري روح ڏنو ريلو"
(سهڻي)

سر سهڻي ۾ سائين فرمائي ٿو:

هٿندي ٿُڪم هٿ، هيڙي حجون ڇڏيون
لک لهرن گڏئو موجون وريون مٿ

مٿي مارڪ ٿيل لفظن جون اصل صورتون ترتيبوار:
هينئڙي، حجتون، مٿان آهن.
سر سهڻي جي هڪ بيت جي آخري سٽ آهي:

"پرين تهجو پاڻ پسان مان پرڪمر"

"تهجو" > تنهنجو. پرڪمر > ڪنهن پر، ڪنهن ريت.
ڪمر دراصل 'ڪمين' جي پراڻي صورتخطي آهي، 'م' کي غني لاءِ ڪم آڻيندا هئا. جيئن:

سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار

وائي جي هڪ سٽ آهي:

"مون سو ملاحن کان ترڙ آڙانگا تار"
(سهڻي)

مون سو= مون سُئو پڌو مون ملاحن کان پڌوآهي تہ بندر ڏاڍا اڙانگا/ڏکيا آهن. پاڻي تارو تار آهي. مسئي آبري ۾ فرمائي ٿو:

"آٿي ڏي عليل کي، معجونون موچار"

مسئي ٿي چئي تہ آءٌ بيمار آهيان، مون کي ڪي 'موچارا' معجون آڻي ڏيو تہ ڪاٿي سگهي ٿيان.

اڄ جي دور ۾ انگريزي اصطلاح (International) جو ترجمو بين الاقوامي ڪيو وڃي ٿو. جڏهن تہ شاھ صاحب ان لاءِ 'ڏيهان ڏيہ'= ديسان ديس، استعمال ڪيو آهي. پر حذف واري صورت ۾ فرمائي ٿو.

"چوڏس چنيسر ڄام جو ڏِها ڏِهہ ڏهڪار"
(ليلا چنيسر)

يعني اسان جي حاڪم ڄام چنيسر جي هاڪ ۽ ڏاڪ مُلڪان مُلڪ مشهور آهي. ساڳي سر جي وائي ۾ فرمائي ٿو تہ:

"ٻچڻ ليلا. هو ڪن حيلا ٻهرا آڇئو ٻيٺي"
هار هٿا مون ڇڏيو....
(ليلاچنيسر)

ٻهرا= ٻاهران اچي، حيلي ٻهاني سان ٻئي ماءُ ڏيءُ منهنجو اچي ٻچڻ ٿا.
هٿا= هٿان، مون هار تان هٿ ڪنيو صرف ٿون ماڳ تي موٽي اچ.
ساڳي وائي جي سٽ آهي تہ:

"تو در اچي، داسڙا آر ڪريندبس ڪيمي"

اصل لفظ آهي آر <'آرو'= انگل، ناز. تون جو ناهين تہ ٻوءِ اهي ناز نخرا مان ڪنهن سان ڪنديس، مون کي هاڻي جيڏين سان گڏ لوڪ بہ ٺوڪي ٿو:

"اڇئو اڇئو 'آڱلي' چئي ليلا کي لوڪ"

شايد ان ڪارڻ جو هن ۾ ڪي وِڏون ڏٺيون هيون.

"جڪس ڪم سندام جوٺا ڏٺا جيڏيين"

اصل لفظ: جيڪس= شايد، هوند آهي.
هيرن موتين جي پارکوءَ کي "وينجهار" چوندا آهن. شاھ صاحب اهو لفظ پنهنجي بيت ۾ استعمال ڪيو آهي:

"ويا سي وينجهار هيرو لعل ونڏين جي"
(سريراڳ)

سر ليلا چنيسر ۾ ان لفظ جي 'ي' حذف ڪئي وئي آهي:
"وَهَمَ لَهي ونجهار دليون پرکي داسڙو"
"پوري ڪئي پاڻ تي آيئي ڏنءِ ڏهاڳ جو"

"ڇنا منھ ماڙيون اوڏانھين اڏائي"
ھتي ھن وقت صورت 'منھن' آھي.
ساڳئي سر جي بيت نمبر 12 ۾ فرمائي ٿو ته:

"جڻءَ ايندھ موٽه ميندَرا وڏي جاڙ ڪِئاءِ"

مارڪ ٽيل لفظن جي اصل صورت ھيٺين ريت آھي:

جڻءَ= جيئن ايندھ= ايندئي
موٽه= موٽيين. (6)

مومل، راڻي کي ٿي چئي ته: راڻا تو اچڻ سان ئي وري واڳ پٺ تي ورائي، جھٽ ڪن ترسين ھا، يا مونکي جاڳائين ھا ته سڀ خبر پئجي وڃئي ھا. ايئن وڃڻ توکي نه پيو جڳائي، تو مون سان وڏي جٺ ڪئي آھي. 'تنوار'= ذڪر، يادگيرو ان جي حذفي صورت سائين ھن ريت پيش ڪئي آھي.

"ڪانه ٻي توار ٽئو مڙو ئي ميندَرو"
(مومل راڻو)

ڪانه= ڪانھي توار= تنوار

ولايت=منزل، درجو اعليٰ رتبو پرڏيھ پيو ملڪ سارو ملڪ عربيءَ جو اھو لفظ شاھ صاحب پنھنجي مختلف بيتن ۾ انھن معنائن ۾ استعمال ڪيو آھي:

"ويچيندي ولايت ۾ ذرو ٿئي نه ضايع"

سر مومل راڻي ۾ ان جي تخفيف ڪندي فرمائي ٿو ته:

راڻي جي رھاڻ مان ڪو آديسي آيو.
"ڪتوري خوشبوءِ سين ولات واسي"،
سر مارئي جو ھڪ بيت آھي ته:

وطن مون ملير، قضا آنديس ڪوٽ ۾،
چانڪ پينديس پري سين، پاڻر جو پنير،
ھاڃو ڪئو ھمير، بالله نئي ٿو بند ۾.

مارڪ ٽيل لفظ جي ڊاڪٽر گربخشاڻي وضاحت ھن ريت ڪئي آھي: چانڪ= چوان ڪ. مان پئي چوان ته، يعني مون ليکي ته. (7)

مارئي ٿي چئي تہ جڏهن مارو هتان لڏي ويا، تن کي هاڻي ڪمڙا ڏوراپا ڏيان:

"مارئڙا ملير ڏي واري وڳ وئا،
تنين ڏونهہ ڪما، ڏيئي ڏوراپا چاٿيان."
(مارئي)

مارڪ ٿيل لفظن جي اصل صورت آهي:

ڏونهہ= ڏانهن ڪِما= ڪمڙا

چاٿيان= چواٿيان، چِورائي موڪليان. هاڻي ڪين ڪمڙا ڏوراپا ڏياري موڪليان. سر ڪاموڏ جي سٽ آهي تہ:

"ڪوءِ سميون، ٻن سومريون، جي اچن اُنچي ڳاٽ"

اُنچي مان 'و' حذف ٿيل آهي.

'ڪاهڻ' عام سنڌي محاوري جو لفظ آهي. معنيٰ اٿس: هلڻ، پنڌ ڪرڻ، مسافريون، ڪشالا، ڪاهون (8) شاهہ صاحب ان جي حذفي صورت 'ڪهون' استعمال ڪيو آهي.

"ڪنڌين توءِ ڪهون، جي نالو ڳيڙءِ نيہ جو"
(سسئي آبري)

جي تو نيهن پاليو آهي تہ پوءِ توکي ڪشالا بہ ڪيڻا پوندا. ساڳي سر ۾ ان جي اچا بہ وڏيڪ تخفيف ڪئي اٿائين فرمائي ٿو:

"ڪنڌيين ڪهہ ڪيٽان، جهہ سي اُن اورانگهئا"
(آبري)

سسئي آبري جي هڪ وائي ۾ لفظ 'وناهيو' ڪتب آيو آهي.

"لاهي يار پنهور ۾، ويندو گهوٽ وناهيو"

ڊاڪٽر گربخشاڻي معنيٰ هن ريت ڄاڻائي آهي:

ڌناهيو. ڌنھ ۾ وهاريو. ونھ < منهن، منڊپ يا شاميانو جو شاديءَ جي ڏينهن کوڙيو آهي ۽ جنهن جي هيٺان گهوٽ کي وهاريو آهي. انهيءَ رواج ڪري 'وناهڻ' معنيٰ شاديءَ لاءِ سنبرائڻ (9).

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي صاحب جو خيال آهي تہ 'ونھ' مان لفظ جڙيو 'ونواهہ' مسلمانن جي رسم مطابق ڪنوار کي تيار ڪرائڻ لاءِ گهر جي ڪنهن ڪنڊ ۾ 5 کان 7 ڏينهن وهاريو آهي، جتي روز ڪنوار جي آٽڻ سان مهٽ سهٽ ٿئي. ان کان پوءِ ڪيس تيار ڪري آندو ويندو آهي. لائون لهڻ سان گڏ پيا ساٿ سٺوڻ ڪري، گهوٽ حوالي ڪيو ويندو آهي. (10)

حوالا:

(1) Crystal David, An Encyclopedic Dictionary of Language & languages, Blackwell Publisher, Oxford, UK, 2nd Edition 1993, p-117

(2) گربخشاڻي هوتچند مولچند ڊاڪٽر "شاهہ جو رسالو" جلد 3، 1931ع، ص، 265

(3) ساڳيو ص، 258

(4) گربخشاڻي هوتچند مولچند ڊاڪٽر "شاهہ جو رسالو" جلد 2، 1924ع ص 341

(5) ساڳيو۔ ص 366

(6) ساڳيو۔ ص 404

(7) گربخشاڻي هوتچند مولچند ڊاڪٽر "شاهہ جو رسالو" جلد 3۔ ص، 298

(8) گربخشاڻي هوتچند مولچند ڊاڪٽر "شاهہ جو رسالو" جلد 3۔ ص، 382

(9) ساڳيو۔ ص 428

(10) سنديلو عبدالڪريم ڊاڪٽر "تحقيق اللغات سنڌي"۔ تاج محل پريس، حيدرآباد چاپو چوٿون۔ 1963ع۔ ص 368.

# حذف جو نرالو نمونو

## آخري حرف ڪيرائڻ (Apocope)

Apocope: The deletion of the final element in a word as, when of is reduced to a vowel in such phrases as cup o' tea. The omission may involve a single sound, a letter or a whole syllable (1)

ترجمو: لفظ جي آخري صوتئي، حصي يا پد کي حذف ڪرڻ يا ڪيرائڻ. جيئن مثال ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ 'cup' 'tea o' مان 'f' ڪٽي، ويجي سُر يا (Vowel) o بچايو ويو آهي. ان عمل هيٺ لفظ جو ڪو آخري آواز حرف يا پد ختم ڪيو ويندو آهي.

اصل ۾ 'Apocope' 'Elision' حذف جو ئي هڪ قسم آهي پر هن نرالي خاصيت مطابق لفظ جو آخري پد يا حرف ڪيرائبو آهي. ان ۾ گهڻو ڪري آخري سُر حذف ٿيندو آهي. ان کي عربيءَ ۾ 'ترخيم' چئبو آهي.

ننڍي کنڊ جي مشهور لغت "فرهنگ آصفيہ" جي مصنف جو رايو آهي تہ "اهو اصطلاح عربي، اسم مؤنث_ لغوي معني پچ ڪاٽڻ، نحو(Syntax) جي ٻاڱي ۾، لفظ جي پڇاڙي مان ڪنهن حرف، جز لفظ کي ختم ڪرڻ. جيئن مانند مان، ند ۽ گوزن مان 'ن' ڪٽي گوز جوڙيو ويو آهي." (2)

فيروز اللغات جي مصنف مولوي فيروز الدين جي بہ لڳ ڀڳ ساڳي راءِ آهي.(3) ٻنهي عالمن جو خيال آهي تہ اهو 'نحو' جو اصطلاح آهي. جڏهن تہ اسان جو خيال آهي تہ اهو 'صرف' جو اصطلاح آهي يا وري ٻوليءَ جي لغوي خاصيت آهي.

'ترخيم' عربي ٻولي جو اصطلاح آهي، جنهن جو مادو آهي 'خم' = پُڇ يا آخري حصو. علم لسانيات مطابق ٻوليءَ جي اهڙي خاصيت، جنهن مطابق لفظ جو آخري حرف يا پد گهٽايو/ختم ڪيو وڃي. هيءَ عمل اسان وٽ عام طور شاعريءَ ۾ بحروزن کي هڪ ڪرو ڪرڻ لاءِ ڪيو ويندو آهي. جيئن فارسي لفظ آهي دوست=ساٿي، سنگتي، ان مان آخري حرف 'ت' ختم ڪري لفظ 'دوس' ٺاهيو ويو آهي:

"دوس درسن تنهنجي وڏو ٿار ٿيون"
(يمن ڪلياڻ)

عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي "نوع"= قسم، نمونو ان جو جمع آهي 'انواع' = قسمين، قسمين، مختلف نمونا.

"جانب منهنجي جيءَ ۾ آزار جا انوا"
(يمن ڪلياڻ)

ان مان شاهه صاحب 'ع' ختم ڪري ڇڏيو آهي.

شاهه صاحب پنهنجي تخليقي سگهه سان عام رواجي شين جون وصفون بيان ڪري انهن جي اهميت اجاگر ڪئي آهي. جيئن شئي جي خاصيت ٻڌائي آهي ته اها ڀاڻ ته اگهاڙي رهي ٿي پر ٻين کي ڍڪي ٿي. اهڙي نموني ڪنڌيءَ پر بيٺل ڪانهه جي واکاڻ ڪئي اٿس، فرمائي ٿو:

ٻڌندي پوڙن ڪي ڪي هاتڪ هٿ وجهن،
ڦسو لڄ لطيف چئي ڪيڏي ڪي ڪکن،
توٽي ڪنڌيءَ ڪن، نات ساٿِ وڃن سير ۾.

وڏيڪ فرمائي ٿو ته:

ڪچي ڪاني ڪانهه ٻڌا ڪيڍي ٻار مان،
يا لنگهائي لطيف چئي يا ڏريا ڪري دانهه.
(سهڻي)

يعني ڪانهن جي ڪچي ڪاني آهي، اها ٻه ٻڏن کي ٻاهر ٿي ڪيڍي يا ته اها لنگهائي پار ڪندي يا وري شروع ڪان دانهون ڪندي.

اصل لفظ 'ڏُريان'= مُنڍ کان ئي، اول ئي آهي. شاهه صاحب خاصيت ترخيم مطابق ان جو'ن' ڪٽي ڇڏيو آهي.

سسئي آبريءَ جي داستان چوٿين، بيت نمبر 2 ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي بيت هن ريت آڻي ٿو:

سڏائتي سڀ ڪا، ٻڪ نہ ٻاسي ڪا،
جيمي تيھي ذات جي جنبش ڪانہ جا،
مون سين ھَلي سا، جا جيءُ مٺو نہ ڪري

يعني پنھنجي محبوب سان ملڻ لاءِ سڀ ڪا آس رکي ٿي، پر جبل جھاڳڻ ۽ ڪشالا ڪڍڻ جھڙي تھڙي عورت جي وس جي ڳالھ نہ آھي. مون سان اُھائي ھلي سگھندي، جيڪا پنھنجي جان جگر قربان ڪرڻ جو حوصلو رکندي ھجي. ان بيت ۾ اصل لفظ آھي 'جاءِ' جنھن جون ڪيترين ئي معنائون آھن. جيئن ھنڌ، ماڳ، مڪان،ھمت، حوصلو مجال وغيره. شاھ صاحب 'ءِ' ڪٽي لفظ 'جا' استعمال ڪيو آھي. جنھن جي معنيٰ آھي: مجال، حوصلو.

ساڳي طرح 'ڪانہ' اصل ۾'ڪانھي' بدران لکيل آھي، ھتي 'ي' ڪيرايل آھي.

مسئي آبري۔ گربخشاڻي ۾ آيل آھي تہ:

ھلج ھوت پنھون ڏي مجھا نيہ نڪو ٿي
آتڻ وجھي آڳ ۾، مجھا جوٽن جوءِ ٿي.

سنڌي ٻولي جو عام لفظ آھي 'منجھان' = ان مان، شاھ صاحب پنھي ھنڌن تي 'ن' حذف ڪيو آھي.

'نيہ' اصل ۾ 'نينھن' آھي.

سر ديسيءَ (ڊاڪٽر گربخشاڻي) ۾، سائين، سسئي لاءِ فرمائي ٿو:

مڙي منڌ ڏي آئيون ساھيڙيون سمجھا
السفر قطعة من النار ھاري موٽ ھِتا
سڱ صراط المستقيم جو آئي تان آڳتا.

بيت ۾ آيل آخري حرف ھن ريت آھن:
سمجھان: سمج مان، ڪوڙ مان، ڪل خوشي مان
ھتان: ھن جاءِ تان، ھن ھنڌ تان موٽي وڃ

اڳيان: آڏو سامهون

ٽنهي لفظن مان آخري حرف 'ن' حذف ڪيو ويو آهي، ساڳي سر جي ست آهي:

'پڻ ڪياڻون پاڻ ۾ ٿنها مخفي مام'

مارڪ ٽيل لفظ جي اصل صورت هن ريت آهي:

مون+هان= مون کان، يعني پاڻ ۾ ڪو منصوبو ٺاهياڻون، پر مون کان مخفي، ڳجهو رکياڻون.

ٽنهي لفظن جا آخري 'نون' ختم ڪيا ويا آهن.

سر سريراڳ ۾ پاڻ فرمائي ٿو ته

منجها پيئي مڪري ڪا جا پاٽي بوند،
مون سي ڏنا روند، وڪر جن وڃائيو.

منجها= اصل ۾ 'منجهان' آهي.

۽ روندَ= اصل ۾ 'روئندا' آهي، ترڪيب ترخيم هيٺ پهرين لفظ مان 'ن' ۽ ٻئي لفظ مان 'ء' ۽ 'ا' حذف ڪيا ويا آهن.

سسئي جي سڪ لاءِ فرمائين ٿا ته جنهن کي اندر ۾ اڪير آهي، ان کي ڪنهن خاص ڏينهن (تِٿ= مقرر ڪيل ڏينهن) جي ضرورت نه آهي:

تٿ ته کي ناهه ڪو لڪ مڙيئي لس
حُب جنهين کي هوت جي، وندر تنهن کي وَسَ

ته= تنهن

'وس' اصل ۾ وسنهن، آبادي آهي. (4)

معذوري ۾ شاهه صاحب 'ڏينهن' جي ترخيم هن ريت ڪئي آهي:

"آئون نه گڏي پري کي هيءَ پڻ ڏيه ويو."

---

"آئون نه گڏي پري کي تورا ڏيه ٽيا."

'پريت' جو ڌاتو ٿيندو 'پريہ' پيارو دلبر. ان جو اسم فاعل ٿيندو 'پرين' پيارو محبوب، دلبر وغيره.

"پرين جي پرديس، سي مونکي مينهن ميڙيا."
(سارنگ)

سائين سر معذوري جي داستان ستين ۾ ڏهن ڪان بہ مٿي بيتن ۾ 'پري' ترخيم وارو لفظ استعمال ڪيو آهي:

1. آئون نہ گڏي پري کي پويون ٿيو پساهُ.

2. آئون نہ گڏي پري کي سهسين سڄ وٿا

3. آئون نہ گڏي پري کي جوپن وِئو جاڙ. وغيره

سائين 'پري' جي بہ ترخيمي صورت ڏني آهي:

"اي پِرَ تهجي پت، جنءِ وِلهيون ڍڪيين وَلها"

پِرَ= پرين، محبوب (گربخشاڻي جلد 3– 229)

ووءِ ووءِ! حرف ندا آهي، جنهن جي معنيٰ آهي هاءِ گهوڙا ڪرڻ، سخت ارمان ۽ افسوس جو اظهار ڪرڻ. اهي لفظ تڏهن استعمال ٿيندا آهن، جڏهن ڪا هاڃ هٿن مان نڪري ويندي آهي. سائين ان ڪيفيت جو اظهار سُر حسيني ۾ ڪيئي ڀيرا ڪيو آهي. جڏهن پنهون کي ڪنيو ٿي ويا تہ ان جو اظهار سسئي هن طرح ڪيو آهي:

ووءِ ووءِ ويجن نڱئا، گهوڙا گهٽي پون.
مادر مٿان مون، ڪانگ لنوندا ڪڏهن.

جڏهن گهوڙا گهٽو پنڌ ڪري نڪري ويا تہ سسئي افسوس سان گڏ، موت کي پٺي ياد ڪري، پر سائين ڪيس تاڪيد ڪندي چئي ٿو تہ جيستائين پنهل سان ملين، تيستائين ان ارمان کي ورجائيندي:

'ووءِ ووءِ ڪندي وت، متان ووءِ وسارئين'

افسوس وارو اهو لفظ اصل ۾: 'ووڪ' آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: ڪوڪ، دانهن، رڙ(5)

’رُجن ۾ رَڙ ٿي، ڪر ڪونل جي ڪوڪ
ولولو ۽ ووڪ، اِي تان آهي عشق جي.‘

’هميشہ‘ لفظ فارسي ٻوليءَ جو آهي. يعني سدائين، هر دم وغيره. سائين فرمائي ٿو:

”ڪڙي ۽ قاتل جا هميشہ هيراڪ“

هڪ ٻئي بيت ۾ سائين ان جو آخري حرف ڪٽي هن طرح استعمال ڪيو.

”چوتا تيل چنبيليا هاها! هو هميش“
(مومل راڻو)

قيامت: اهو ڏينهن، جڏهن ٻني بشر کي قبر مان اٿاريو ويندو ۽ ڪائنات حساب ڪتاب ورتو ويندو. ڪير بہ ڪنهن جي سفارش ڪونہ ڪندو هرڪو پنهنجي مصيبت ۾ پورو هوندو. ان لفظ جي ترخيمي صورت سائين هن ريت ڪئي آهي:

’تو ڪيئن ٻوڙي سوهڻي ٻيلي منهنجي ٻانهہ
درياهہ توتي دانهہ، ڏيندس ڏينهن قيام جي.‘

سرحسيني جو هڪ بيت آهي:

مون سڏيندي سڏڙا، ساٿي سڏ نہ ڏين،
وِلهي جي وٿاڻ تي توڏ نہ تارين،
هيڏا هاجا تين، ٻُري هن ٻنپور ۾.

توڏا= گورا، اٺن جا ڦر. هن لفظ مان آخري ’الف‘ ختم ڪري ’توڏ‘ ڪيو ويو آهي.

ساڳئي سر ۾ هڪ ٻيو بيت آهي:

آن ڪي ساٿي ڏِٺ؟ جي مون ويڙهہ وچائيا.
رڻان رت مچڻ، هاڻي تن پرين کي.

اصل صورت: اوهان کي ساڻي ڏنا؟ جيڪي مون کي جهنگ ۾ ڇڏي ويا؟ مون کان جهنگ مان وڇڙي ويا.

ساڳي سر ۾ سائين فرمائي ٿو تہ:

جيڪي فراقا، سو وصالا نہ ٿئي،
اڇي اوطاقا، مُنکي پرين پري ڪيو.

موجود صورتخطي مطابق اُهي لفظ هن ريت آهن.

فراقا < فراقان　　　　وصالا < وصالان

اوطاقا < اوطاقان　　　　منکي < مون کي

گرامر مطابق سيني جي حالت جري آهي، يعني فراق مان. وصل يا ميلاپ مان. اوطاق مان. 'ن' هجڻ لازمي هو پر سائين ترخيم جي اصول هيٺ ڪٽي ڇڏيو آهي.

مسئي جي محبوب جو نالو پنهون خان هوت بلوچ هو. پر سائين ان کي بہ 'پنهو' ڪري ڇڏيو آهي.

"پنهوا پريشان ٻرا ٻرا نڪو خان نہ ڪو مان"

'حجت' عام سنڌي محاوري جو لفظ آهي، معنيٰ اٿس 'انگل' آرو لاڏ، اميد، آسرو. حجت هميشہ پنهنجن سان ٿيندي آهي، مسئي ٿي چئي:

حجت هوت پنهل سان، مون ڪميڻيءَ ڪيمي،
هو جي پائن پير ۾ آءٌ تنهن جتي تہ جيمي

سائين ان جي ترخيمي صورت هن طرح پيش ڪئي آهي:

"ڇڏيم هج هلڻ جي، چڪيم چاڙ هيڪا،
اديون اڙيڪا هيڙي پيم هوت سين".

اصل لفظ: هيڙي ـ هينئڙي　　　　هُج = حجت

حوالا:

(1) Crystal David, An Encyclopedic Dictionary of Language & languages, Blackwell Publisher, Oxford, UK, 2nd Edition 1993, p-23.

(2) مولوي سيد احمد دهلوي' فرهنگ آصفيہ' جلد 1 ۔ الفيصل ڪتب خانہ لاهور 2017ع ۔ ص 858.

(3) مولوي فيروز الدين 'فيروز اللغات' نئون ايڊيشن 1980ع ۔ ص 320.

(4) ساڳيو ۔ ص 463

(5) ساڳيو ۔ ص 446

بين ٻولين جا اهڙا لفظ جيڪي سالم صورت يا ٿوري گهڻي فرق سان استعمال هيٺ هجن، اهڙن لفظن کي 'داخل ٿيل' لفظ ڪوٺيو ويندو آهي. ان ڏس ۾ سنڌي ٻوليءَ جي نالي واري عالم حڪيم فتح محمد سيوهاڻي پنهنجي ڪتاب "آفتاب ادب" ۾ تفصيل سان بحث ڪيو آهي. لکي ٿو ته:

"دخيل" اهڙي لفظ کي چئبو آهي، جو ڪنهن ٻوليءَ مان ٻيءَ ٻوليءَ ۾ داخل ٿيو هجي ۽ اصلوڪي ٻوليءَ واري صورت ۾ ئي هوبهو قائم رهيو هجي. جهڙيءَ طرح ڪِتاب، قلم ڪاغذ، مضمون، اخبار، وڪيل، اصيل، فيصلو قسمت، قيمت، نصيب، طبيب، حبيب، حڪيم، دوا، علاج، ديوان، عامل، منشي، وغيره وغيره. دخيل لفظ سنڌيءَ ۾ بيشمار آهن، جي (سنسڪرت) عربي، فارسي، ترڪي، انگريزيءَ وغيره مان آيل آهن. ڏسجي ٿو ته لفظن جو سلسلو سنڌي توڙي دنيا جي ٻين سڌريل ٻولين ۾ اڃا به هليو اچي ٿو ۽ انهيءَ طرح سڀ ڪنهن سڌريل ٻوليءَ جو ادب ۽ ساهت وڌندو ئي رهي ٿو." (1)

سيوهاڻي صاحب وڌيڪ لکي ٿو ته:

"جيڪڏهن ڪن حرفن، يا ڪن حرفن جي اعرابن جي ڦيرڦار يا اڳ پوءِ ٿيڻ سان، ڪو هندي لفظ عربيءَ ۾ اچي ته اِن حالت کي "تعريب" چئبو آهي ۽ اُنهيءَ لفظ کي 'مُعَرّب'- جهڙيءَ طرح هندي لفظ 'چندن' عربيءَ ۾ مُعَرّب بنجي، 'صندل' ٿيو 'ڪپور'، 'ڪافور' ۽ 'جائڦل'، 'جائفل' يا 'جمفر'.

جيڪڏهن عربيءَ جو لفظ مٿين حالت سان فارسيءَ ۾ آيو ته انهيءَ کي 'تفريس' چئبو ۽ انهيءَ لفظ کي 'مُفَرّس'. ساڳيءَ طرح، جيڪڏهن عربي، فارسي يا ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ جو لفظ ڪن حرفن يا ڪن اعرابن جي ڦيرڦار يا هيٺ مٿي ۽ اڳ پوءِ ٿيڻ سان سنڌيءَ ۾ عام طرح چالو ٿي ويو ته انهيءَ حالت کي 'تسنيد' چئبو ۽ انهيءَ لفظ کي 'مُسنَدُ'". (2)

اسان ٻهرئين باب ۾ ان ڳالهه تي روشني وجهي آيا آهيون ته ڪهڙن سببن ڪري ڌاريا لفظ ٻولين ۾ داخل ٿين ٿا. ان سان گڏ 'ٻولي جي خاصيتن'

واري باب ۾ تفصيل سان عرض ڪري آيا آهيون ته ڪهڙين خاصيتن سبب ڏارين لفظن جي صورت، هيئت، نوعيت، معنيٰ وغيره ۾ فرق اچي وڃي ٿو.

هن ڀاڱي ۾ اسان اهڙن ڏارين لفظن جو ذڪر ڪنداسين، جيڪي سالم صورت ۾ يا ٿوري معمولي فرق سان اسان جي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿين ٿا. سندن صورت، هيئت توڙي معنيٰ ۾ فرق نه ٿو پوي.

شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ هزارين لفظ ٻين ٻولين جا استعمال ڪري ثابت ڪيو آهي ته ڏارين ٻولين جا لفظ ضرورت وقت استعمال ڪري سگهجن ٿا. اهو عمل لساني اصولن مطابق هجڻ گهرجي. عربي، عبراني، فارسي ۽ ترڪي ٻولين جي اهڙي داخلا کي عربي اصطلاح مطابق "دخيل" چئجي ٿو. سنسڪرت ۽ ٻين پراڪرتن جي اهڙي عمل کي "تتسم ۽ تديو" چئجي ٿو.

شاهه جي رسالي ۾ وڏ ۾ وڏ ڏاريا لفظ عربيءَ جا استعمال ٿيل آهن. ان جا مکيه ٽي سبب هئا:

الف۔ عربن 712ع ۾ سنڌ تي قبضو ڪري، پنهنجو سياسي، سماجي ۽ اقتصادي نظام آندو. ان سببان سماج ۾ وڏي اٿل پٿل آئي. ان سان گڏ، هنن نئون دين اسلام متعارف ڪرايو. ان حوالي سان مذهبي لفظ ۽ اصطلاح رائج ڪيا. سندن تسلط ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان مغلن جي دؤر (1680ع) تائين رهيو. ايستائين هزارين عربي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي چڪا هئا. اندازاً لک کان مٿي لفظ سنڌيءَ ۾ داخل ٿي چڪا هئا.

ب۔ عربي ٻوليءَ ۾ چوڻي آهي ته "رعيت تي حاڪمن جي ٻولي ۽ ثقافت جو وڏو اثر ٿئي ٿو". ان جي واضح صورت ان دور ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. وڏي انگ ۾ مقامي ماڻهن مذهب متاثر ٿي سان گڏ، پنهنجا نالا، ذاتيون ۽ ريتون رسمون تبديل ڪري ڇڏيون. حاڪماڻي رعب تاب ۾ اچي هنن ڪٽنب، قبيلا ۽ سماجي طور طريقا تبديل ڪيا ۽ حاڪماڻي هلت اختيار ڪري، پاڻ کي سماج ۾ معتبر سڏائڻ لڳا.

ت۔ اسلامي تعليم ۽ مذهبي طور طريقن کي رائج ڪرڻ لاءِ عربن سخت انتظامي اپاءَ اختيار ڪيا. هر ننڍي وڏي شهر ۾ مسجدون جوڙايون،

عربي ٻوليءَ جي سکيا جو بندوبست ڪيو. مسجدن لڳ مدرسا ۽ مڪتب قائم ڪيا. مُلن، مُدرسن ۽ عالمن لاءِ پگهارون مقرر ڪيون.

سرڪاري انعامن ۽ وظيفن جي ترغيب سان چڱو خاصو طبقو پاڻ ڏانهن مائل ڪيو. ان کانپوءِ فارسي ڳالهائيندڙ حڪمرانن جو دور آيو فارسي سرڪاري ۽ درسي ٻولي هئي، جنهن ۾ پڻ گهڻا عربي لفظ موجود هئا ۽ جڏهن اها مدرسن ۾ ذريعه تعليم بڻي، تہ عربي ۽ فارسي لفظن جو استعمال وڌيو. ۽ اهي روزمره زندگيءَ ۾ گفتگوءَ جو حصو بڻيون.

دخيل لفظن لاءِ اسين هيٺ مکيہ ٻولين: عربي، فارسي، ترڪي، بلوچي، انگريزي وغيره جو ذڪر ڪنداسين.

رسالي ۾ عربي ٻوليءَ جا تہ هزارين لفظ آهن، پر مثال خاطر هتي ڪي ٿورا بيان ڪجن ٿا:

**عربي لفظ:**

اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آهي قديم،
والي واحد، وحدهٗ رازق رب رحيم،
سو ساراهہ سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙئون جوڙ جهان جي.
(ڪلياڻ)

وحدهٗ لاشريڪ لهٗ جن اُتو سين ايمان،
تن مڃيو محمد ڪارڻم قلب ساڻ لِسان،
اوءِ فائق ۾ فرمان، آ ر ڪنهن نہ اوليا.
(ڪلياڻ)

پاڻ ئي جل جلالهٗ پاڻهين ئي جان جمال،
پاڻ ئي صورت پرينءَ جي. پاڻ ئي حُسن ڪمال،

پاڻ ئي پير مُريد ٿئي، پاڻ ئي پاڻ خيال،
سو سيوئي حال، منجهان ئي معلوم ٿئي.
(ڪلياڻ)

جُسي ۾ جَبار جو خفي خيمون کوڙ،
تَجلي تون زبان سين چارئي پهر چوڙ،
فڪر سين فرقان ۾ اسم اعظم ڏوڙ،
بيا در وڃي مَ وڙ اِي امل اِٿائين سپجي.
(يمن ڪلياڻ)

ناکئو نگهبان، مُعلم منجي خبرون،
جن ساري ڪنيو سمونڊ تي، سفر جو سامان،
لطف سان لطيف چئي، تن لنگهيو طوفان،
سنياري سبحانُ، وڃي حادثون اُکتا.
(سريراڳ)

گهڙو پڳو تہ گهوريو آسر مَ لاهيج،
لا تقنطوا من رحمت الله، ٿرهي ان تريج،
حبيباڻي هيج، پسين منهن ميمار جو.
(سهڻي)

لَيل نہ جاڳينءَ لِڪ سين، ڪُلي نورَ ڪياءِ،
قُمر تي پهچ قريب ڪي، اِجلس تو نہ جُڳاءِ
(ڪوهياري)

ڪالهہ ڳڏيو سون ڪاپڙي، جهڙو ماهہ مُنير،
فيض فراق فقير، جوڳي جاڳائي ويو.
(مومل راڻو)

حال قربان، مال قربانُ گهوريان لُڏاڻو
فدا ٿيءُ فقير جو شل رُسي نہ راڻو.
(مومل راڻو)

عربي ٻوليءَ جي لفظن کان علاوه شاھ لطيف پنھنجي ڪلام ۾ 113 قرآني آيتون، تمثيلون، ورجيسون، حديثون پڻ استعمال ڪيون آھن. مثال خاطر ڪن چئن جو ھيٺ ذڪر ڪجي ٿو:

- اَلستُ بر بڪم، قالو بليٰ پر اھا پاري (سھڻي)
- وَاللهُ بِڪُلِّ شيءٍ مُحيط اِي آرياڻي اُھڃاڻ (سسئي آبري)
- وَنحن اَقرب اِليه من حبل الوريد تنھنجو تونھين ساڻ (آبري)
- لَمْ يَلدْ ولَم يولد ونءُ اوڏاھين پيھي. (آسا)
- وَتُعز من تَشاء وَتُذل من تشاءُ ايئن اُتائين (پرڀاتي)
- فَڪان قاب قوسين او ادنيٰ، اِي ميسر ٿيس مڪان (بلاول)
- والله مع الصابرين آگو ايھين چوءِ (يمن ڪلياڻ)
- اِن اَوليائي تحت قُبائي، پنھنجا پاڻ پراھي (حديث) (آسا)
- المشق حجاب بين العاشق والمعشوق لاشڪ ٿي لاھي حديث/مقولو(سسئي آبري)
- ھُناڪ جسمي والفواد لديڪم ھيڻئون ھت سندوم (عربي چوڻي) (مارئي)
- الفراق اَشد مِن الموت ھتي نہ ھونديا س (چوڻي) (آبري)

**فارسي لفظ:**

فارسي ٻولي سنڌ ۾ قبل مسيح کان رائج ھئي. ان کان علاوه پاڙيسري ٻولي ھجڻ ڪري بہ ان جا اثر واضح آھن. ارغونن، ترخانن، مغلن جي دور ۾ تہ ان ٻوليءَ جو وڏو ڏاڪو ھو. ان کي سرڪاري حيثيت مليل ھئي. سڄو ڪارونھوار ان ٻولي ۾ ھلندو ھو. ان ٻوليءَ جي سکيا بابت وڏي انگ ۾ مدرسا قائم ھئا. سنڌ ۾ موزون شاعري فارسيءَ وسيلي رائج ٿي. رسالي مان فارسي لفظن جا ڪجھہ مثال ھيٺ پيش ڪجن ٿا:

عقابيل اکين ۾ باري توکي بان،
اُيو اڳرايون ڪرين، ماڳ ھٽيو مستان،
جانب تون زيان، اکين سين ايذا ڪرين،
(يمن ڪلياڻ)

محبت جي ميدان ۾ عاشق تي آچار،
سامهان سل سيد چئي ڪندءِ تير تمار.
(ڪلياڻ)

پنج پيش پرينءَ جي، پئي وجهي پاڻ،
تہ تون تنين ساڻ سدا هوئين سرخرو.

---

پرين پاتا پير، آئون ڪيرا ڪميڻي آهيان.
(وائي ـ ڪنيات)

دو دستي دو پير، سيني سنگهر رڪ جي.

---

جڏهن پئي تي ياد، صحبت سپيرين جي،
فريادون فرياد، ناگهہ وچن نڱئو.
(بروو)

ساجن سپاهي، آءُ اوهان جو آهيان.

---

تون صاحبزادو سپرين، آءُ نسورو نوڪر،
بيحد ڪريان بندگيون، هٿ ٻڌي حاضر،
چنا هڏ نہ ڇڏيان، دوست تنهنجو در.
(بروو)

نڪا بوءِ بازار ۾، نڪا ٻيلر ڇيٽ.

---

ميان مُندارن سين، مون ڪي وجه مَ ڪاڻ.
(گهاتو)

مختلف سرن ۾ آيل فارسي لفظ معنيٰ سميت پيش ڪجن ٿا:

- خَرـ گڏهہ (ليلا چنيسر)
- پوچا= ڏنگا، ٽيڏا (ليلا)
- پَرو= پنبو سُڌ (ليلا)
- بابو بيڪاري= پينو فقير (مومل)
- ماهہ= چنڊ (مومل)
- سال= شال (مومل)

- روءِ= منهن (مومل)
- لال= ڳاڙهو (مومل)
- نيش= پڙڪا (مومل)
- طاق < طاس= طس، ٿالهہ (مومل)
- مي= شراب (مومل)
- شب= رات (مومل)
- بانگ < بانگ= آزان (مومل)
- پاراپو < پيام= پيغام (مومل)
- ساز= اوزار (مومل)
- تن= بدن (مارئي)
- پرور= پاليندڙ (مارئي)
- آرم= اوني ڪپڙو (مارئي)
- ارغچ= ياڦتو (مارئي)
- بي باڪ= بي فڪر، آزاد (مارئي)

سردر قدم يار فدا شد= جيڪڏهن يار جي قدمن تان سر صدقي ٿيو تہ چا ٿيو (سهڻي) ديد= نظر، ساجاهہ (سهڻي) بيراهہ= رستي کان پري پٽڪيل (سهڻي) همہ= سڀ (سهڻي) تلاش= ڳولا (سهڻي) دمہ= ساهہ (آبري) شبان = رات وارو چوڪيدار، ڏنار (سسئي آبري) خيز= اپرڻ، تپو (آبري) تنگون= ٻوڙون، سٺون (آبري) ڪوهيار= جبل جو رهاڪو (آبري) جُنبش= هلڻ (آبري) جام= پيالو (آبري) ڪاڪل- وارن جي چڱ (آبري) رُخسارو= ڳل، ڳٽو (آبري) روان= روانا، هلندڙ (آبري) درماندي= پريشان (آبري) جاڳير < جاگير = مالڪي واري زمين (آبري) اندوهہ= درد، سور (آبري) سرڪار= حڪومت، محبوب (آبري) پيمال= لتاڙيل، زبون (آبري) گس= رستو (آبري) گرد= لٽ، دز (آبري) سرفراز= منهن مٿي، سرخرو (آبري) تارون= جڙون، پيچ (آبري) سگبان= ڪتا ڌاريندڙ (معذور) پستان= ڇاتي، ارهہ (معذوري) فردا= سڀاڻي (معذوري) خان < کان= هوند وارو پنهون (معذوري)، ڪمتر= گهٽ (معذوري) گام= وک (ديسي) دود= دونهون (ديسي) پرتو= دهو جلوو (ديسي) ڪوءِ= ڳلي، گهٽي (ديسي) هما= خيالي پکي (ديسي)، سرگردان= حيران پريشان (ديسي).

**ترڪي لفظ:**

سنڌي ٻوليءَ ۾ ترڪي لفظن جو واهپو هاڻي نہ رهيو آهي. البت ڪي ٿورا لفظ رهجي ويا آهن، اهي هاڻي سنڌي ٻوليءَ جو ورثو آهن. ترڪي ٻوليءَ جي لفظن بابت حڪيم فتح محمد سيوهاڻي لکي ٿو تہ:

"ترڪ سپاهي مغل بادشاهن جي زماني ۾ هندستان ۽ سنڌ ۾ گهڻو وقت رهيا. سنڌ ۾ اڄا تائين بہ ذات جا ٿرڪ مسلمان موجود آهن. اُهي ترڪ ذات جا تعلقي دادوءَ جي خدا آباد جي ڦڪن جي ڳوٺ ۾ مون پاڻ ڏٺا آهن. اهي صفا سنڌي ڳوٺاڻا آهن. منجهن ڪابہ نشاني ترڪن جي ڪانهي. نہ صورت، نہ شڪل، نہ لباس، نہ ٻولي. هو نج سنڌي آهن، فقط ذات جا ترڪ سڏائيندا آهن. انهن ترڪن جي ڪري ڪي ٿورا ترڪي لفظ بہ سنڌيءَ ۾ اچي ويا. پر اهڙا ترڪي لفظ سنڌيءَ ۾ اٽي ۾ لوڻ مثل آهن. هيٺيان ڪي ترڪيءَ لفظ سنڌيءَ ۾ موجود آهن:

چقمق، چاقو قينچي، چاق، چليمچي، چغل، چغلي، چِق، (چڪ- دروازي تي ٽنگڻ واري). چمچو چُغو قابو قُلي، بيرق، بغچو يا بقچو (بچڪو). غاليچو قلندر قليچ، قُمچي (گهوڙي لاءِ چهبڪ) اوطاق، بورچي، آزبڪ، سوغات، بيگ، بيگم، چِي (هي لفظ جدا نہ ايندو آهي، ڪن اسمن ۾ حرف اضافت طور گڏيل هوندو آهي. جهڙو گهڙيالچي، نغارچي، مشعلچي)، قاشقو (چمچو)، طمانچو تنات، سوغات وغيره". (3)

ڪجهہ مثال رسالي مان پيش ڪجن ٿا:

سورن اچي سومرا، اندر ڪِي اوطاق.<br>
(مارئي)<br>
تول وهاڻا توشڪون.<br>
(مومل راڻو)<br>
بيرقون بحرن ۾ چوڙي چڙهيائون.<br>
(سامونڊي)<br>
اڳيان ڪؤ مَ ڪپ، اي قالي آڏو ڪيچ ڪي.<br>
(ڪوهياري)

**بلوچي ٻولي:**

بلوچي ٻولي پڻ هڪ تهذيبي، تاريخي ۽ قومي ٻولي آهي. ان جو دائرو وسيع آهي، اها ايران، پاڪستان، افغانستان ۽ سينٽرل ايشيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ڳالهائي ۽ پڙهائي وڃي ٿي. عالمگيريت (Globalization) واري

دور ۾ بلوچ پائر عرب، يورپ ۽ ايشيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ رهن ٿا ۽ پاڻ ۾ سندن رابطو آهي.

ٻوليءَ جي ماهرن جي هڪ راءِ آهي ته ان تي فارسي ٻوليءَ جو بنهه گهڻو اثر آهي، ڪن ته اهو به لکيو آهي ته اها فارسي جو بگاڙ آهي. شاهه لطيف جي پهرين شارح مانواري ليلارام وطڻ مل جو چوڻ آهي ته:

"حقيقت ۾ بلوچي فارسي جو بگاڙ آهي. ان سوين لفظ سنڌيءَ کان اڌارا ورتا آهن ۽ انهن جي اڳيان پويان حرف (Suffixes & Prefixes) ملائي نوان لفظ جوڙيا آهن."(4)

ان طرف شاهه سائين به اشارو ڪيو آهي. فرمائي ٿو ته:

'ٻرو ٻگر ٻي، ڏين پارسيون پاڻ ۾'

اهي لفظ ته بلوچي جا آهن، جيڪي سائين بلوچي بيتن ۾ شامل ڪيا آهن، پر پوءِ به انهن کي 'پارسي' ڪوٺي ٿو. ان جو هڪ سبب اهو به هو ته عام راءِ هئي ته بلوچي فارسي جو بگاڙ آهي. ان دور ۾ جيئن ته عام ماڻهن کي فارسي سمجهه ۾ نه ايندي هئي، نتيجي ۾ اهو اصطلاح جڙيو: 'پارسي ڏيڻ' = ڳجهه ۾ ڳالهائڻ يا ڳجهارت ڏيڻ.

اهو هڪ فطري عمل آهي ته پرپاسي وارين ٻولين جا لفظ لڳ لاڳاپن ۽ سماجي رابطن سبب ٻولي ۾ شامل ٿي ويندا آهن. ان بابت اسان ٻوليءَ جي خصوصيت وارن بابن ۾ تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. انهن لفظن لاءِ هڪ راءِ اها به آهي ته اهي براهوي ٻوليءَ جا لفظ آهن.

هتي اسان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي رسالي تان بلوچي لفظ ۽ محاورا مثال طور پيش ڪري رهيا آهيون. انهن لفظن جي صحت بابت مختلف عالمن جي الڳ راءِ آهي. ان بابت اسان پنهنجي "جامع لغات لطيف" ۾ تفصيل سان بحث ڪيو آهي.

ٻُرو ٻگر ٻي، ڏِين پارسِيُون پاڻَ ۾.

ٻُرو= وچ، وچو- ٻگر= جهليو- ٻي= سواءِ

ٻُرو ڦاڏا بات جن جي، ٿانگ روان ٿيشي،
ما وَ ذي براث برون، ايذ ٻِلون ايشي،

بيت نمبر 23 بہ هن داستان ۾ آيل آهي جو پڻ نڪي قلمي نسخن ۾ آهي. نڪي ٽرمپ صاحب واري ڇاپي ۾. اهو ڏاريو ڪلام سپ خارج ڪيو ويو آهي". (6)

ٻئي طرف ٻانهي خان شيخ، پنهنجي 'شاهہ جي رسالي' جلد ٻئي، داستان تيرهين ۾ ڪي 22 بيت ڏنا آهن. اُنهن ۾ ڪتب آندل بلوچي لفظن ۾ ٻين رسالن جي بيتن ۾ ڪافي فرق آهي. ان ڪانسواءِ شيخ صاحب معنائن ۾ بہ فرق ڪري ويو آهي. ڏسو: سر ديسي، داستان تيرهون بيت نمبر 5 کان 27 (7)

"انهن بلوچي لفظن کان پوءِ ڪي بروهڪي ٻوليءَ جي لفظن وارا بيت ڏنا ويا آهن پر اُهي ڪنهن بہ نسخي: بمبئي ٽرمپ توڙي ڀٽ شاهہ واري گنج ۾ نٿا ملن". (8)

**سرائيڪي:**

قديم تهذيبي ۽ وڏي ايراضيءَ ۾ پکڙيل ٻوليءَ جا ڪيئي لهجا (Dialect) ۽ اپ لهجا (Sub dialect) ٿين ٿا. سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ اهي سڀ خاصيتون موجود آهن. اها محض سٽن لهجن تائين محدود نہ آهي. ان جا ڪيئي اڻ ڳڻيا لهجا/اپ لهجا موجود آهن. سرائيڪي، سنڌي ٻوليءَ جو هڪ لهجو آهي، جيئن ٻوليءَ جي اڳوڻن عالمن لکيو آهي. سر جارج گريئرسن، جنهن هندستان جي ٻولين جي ورڇ بابت بنيادي ڪم ڪيو آهي. "سندس راءِ آهي تہ سنڌي ٻولي جا ڇاتل سڃاتل ڇهہ لهجا آهن: وچولي، سرائيڪي، (گريئرسن اهو لفظ "سري جي ٻولي" واري معنيٰ ۾ لکيو هو جنهن کي اڳتي لهندا واري حصي ۾ درست ڪيائين ۽ سرائيڪي کي لهندا ۾ داخل ڪيائين.) لاسي، لاڙي، ٿريلي ۽ ڪڇي." (9) جڏهن تہ ڪوهستاني، ڍاٽي، ميمڻڪي وغيره الڳ آهن. ان موضوع تي تفصيل سان تحقيقي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر نواز علي شوق جي چيئرميني وارن دورن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لهجن تي ٿورو گهڻو ڪم ٿيو. پر اهو لساني اصولن مطابق نہ ٿيو. لهجن کي "ٻولي" ڪري لکيو ويو. سري جي سرائيڪي کي ٽن ڀاڱن: اُترادي، ماٿيلي- اباوڙي، شڪارپوري ۾ ورهايو ويو. انهن تي الڳ ڪتاب شايع ڪيا ويا. سنڌي ٻوليءَ جي لهجن تي ڪنهن ٻئي واري تفصيل سان لکبو.

هتي صرف ڪجهہ سرائيڪي جا لفظ مثال خاطر لکجن ٿا. جن کي شاهہ لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪيو آهي:

دامن تيڏي چنگل ميڏا روز قيامت تائين.
(سهڻي)
پير اسانڏا حضرت ميران، گل دي آس پڄائين
(سهڻي)
توکي مگان، جو تون آهين، ٻئو در کونہ سڃاڻان
(سهڻي)
نهين نهين ميڏي وس، وو بنا دلبر هي دل ماندي
(سهڻي)
سپ کا پريان کون پوڇي
(ڪلياڻ)
دل ماهي دي نال لوکو دل رانجهن دي نال لوکو
مئن رانجهن دي، رانجهن ميڏا.
(ڪلياڻ)

عشق ساجن دا لڳا مئن نون مائي،
برهہ ڍولڻ دا لڳا مئن نون مائي.
(ڪلياڻ)

سرائيڪي گهڻي قدر وائين ۾ ملي ٿي. گمان آهي تہ شاهہ جي ڪلام ۾ اهي ڪن راڳين جي ڪري داخل ٿيون هجن. انهن جي ٻوليءَ تي بہ تحقيق جي ضرورت آهي. هتي ڏنل وائي "عشق ساجن دا لڳا مئن نون" سرائيڪي نہ پر پنجابي آهي. سرائڪيءَ ۾ 'مئن ڪون' ٿيندو.

اکر ڳتي هيڪڙي ٻيون جي نہ ٻجهن.
(يمن ڪلياڻ)
سائو مہ، شنه ڳئي سِڪڻ اِي شرط
(يمن ڪلياڻ)
تارا ڪتيون تائب ٿيا، ديکيندي دلبر.
(ڪنيات)

کڏهن کهين نہ کيو ڇُلڻ منجهان ڇاڻ
(آبري)

هنڌ ملاحن جي آيو ڇام ڇُلي

(کاموڏ)

## تتسم ۽ تدڀو

"هي اصطلاح خاص طور سنسڪرت وارن لفظن لاءِ استعمال ٿيندا آهي". تتسم جي لفظي معني آهي: تت= اهو+ سم= ساڳيو برابر يعني اهڙا الفاظ جيڪي هوبهو سنسڪرت ۾ بہ استعمال ٿيندا هجن. پوءِ اهي سنڌيءَ مان اوڏانهن ويا يا سنڌيءَ ۾ آيا۔ اها ڳالهہ تحقيق طلب آهي. اهڙن لفظن کي 'تتسم' جي سري هيٺ پيش ڪجي ٿو. جيئن:

| | | |
|---|---|---|
| آوگهٽ | = | اوگهڙ |
| آوتٽ | = | آوَتڙ |
| سوريہ | = | سج |
| مِتر (مائٽ) | = | مِٽ |
| پُتر | = | پُٽ |
| وياپار | = | واپار |
| وائي | = | وائي |
| راج۔ پرجا (رعيت) = | | راج > راج |
| راجا | = | راڄئا (جهڙو راجا تهڙي پرجا) |
| رنگ | = | رڱ |
| سجن | = | سڄڻ وغيره |

مثال خاطر تتسم جا ڪجهہ لفظ شاهہ جي رسالي مان ڏجن ٿا:

• سنڌي۔ وَرُ= مڙس، پتار

"تہ شمهو ڪين شکِ تي پاسو ور ڏيئي"
(سهڻي)

• چوتو= ڇُتڙ ڍڪڻ لاءِ ڪپڙو، لانگوٽ

"گهڙي گهڙو هٿ ڪري، چيلهه ٻڌي چوتو".
(سهڻي)

• سهج= سياءُ، فطري لاڙو، عادت [اهو لفظ سنڌيءَ ۾ به عام آهي.]

"سهسين سائر گجن، تهءِ سهج نه مٽي".
(سهڻي)

• ميه= مينهن، اٿ

"ميا تو مهان سڄي پايان سون جي".
(ڪنيات)

"ميي ڪي مجاز جو ڳڙهه اندر ڪو سور."
(ڪنيات)

• ڪايا= بدن، وجود، صورت

"آرياڻي آمل ڪايا ۾ ڪانڌ ٿيو."
(سسئي آبري)

• سُڌير= هوش ۾، فرحت ۾

"هڏ نه ساهه سُڌير، دل درماندي دوس ري".
(آبري)

• آڌر= جنهن جو ڪو آڌار وسيلو نه هجي، نڌڻڪي [اهو لفظ سنڌيءَ ۾ به عام آهي.]

• نڌر= جنهن وٽ ڪجهه به نه هجي. بي وس، نڌڻڪي. [اهو لفظ سنڌيءَ ۾ به عام آهي.]

"آڌر نڌر آپري آسونهين آهيان"
(آبري)

• ويڌ= ويڌن، تڪليف مصيبت. [اهو لفظ سنڌيءَ ۾ به عام آهي.]

"آڏا ڏونگر ڪرڪرا، ويڇ وِنگايون وَڙ"
(ديسي)

- ساڌ= چڱو شريف۔ ضد= چور

"ڪتو چئي قريب جا، آهيون ساڌ سمي"
(معذوري)

تدڀو۔ تد< تت= اهو + ڀو= ٿيڻ يعني اهڙا لفظ جيڪي سنسڪرت جا تہ هجن، پر بلڪل ان جهڙا نہ هجن. انهن ۾ ٿوري گهڻي ڦيرڦار آيل هجي. مثلاً

| | | |
|---|---|---|
| ون | = | وڻ |
| ٻُڌي | = | ٻُڌي (سُڌ پڌ ۾) |
| ڀاڳيہ (بخت، حصو) | = | ڀاڳ، نصيب |
| ڀاس (چمڪندڙ سج) | = | روشني، سوجهہ، پروڙ |
| ڀوءِ (ڀومي) | = | ڀون |
| پالن | = | پالڻ |
| چلن | = | چلڻ |
| جيوَ (حيات) | = | جيءُ |
| چِتَ (دل، من) | = | چيتو وغيره (10) |

رسالي مان ڪجهہ مثال تدڀوَ جا ڏجن ٿا.

- سن: آنڪ ۔ سنڌي: انگ

"مولي ڪيو معمور، انگ ازل ۾ انِ جو"
(ڪلياڻ)

- سن: گُن ۔ سنڌي: گُڻ، ڳڻ

"تيہ نيٹين ڳڻ ڳالهيين وو"
(وائي ڪلياڻ)

• سن: چِت ـ سنڌي: چِتُ= چيتو

"جا چتايم چت ۾، سڄڻ سا ٿو پُڄھي"
(وائي ـ ڪلياڻ)

• سن: وھسن ـ سنڌي: وھسڻ= گھڻو کلڻ، خوش ٿيڻ

"عاشق زھر پياڪ، وھ پسئو وھسن گھڻو"
(ڪلياڻ)

• سن: وارن ـ سنڌي: وارڻ، واريو

"آھم اي عجب، جيئن واريو ويچ وھارئين"
(يمن ڪلياڻ)

• سن: داترو ـ سنڌي: ڏاتر، ڏاتار= ڏيندڙ

"تون ڏيين، تو لاھيين ڏاتر کي ڏکندن"
(يمن ڪلياڻ)

• سن: جاتن ـ سنڌي: جات= موراھين، ھرگز بلڪل

"ترس طبيبن جو جڏن ڪيو نہ جات"
(يمن ڪليان)

• سن: سَرَ، شَر ـ سنڌي: سَر= تير، ٻاڻ

"سر جو سيئو سڄڻين، پر پيڏي ڏيئي"
(يمن ڪلياڻ)

• سن: دوش سنڌي: ڏوس= ڏوھ، ملامت

"تنھنجو ڏوس ڏمر، ڪوڻ سھندو اُن ري".
(يمن ڪلياڻ)

نوٽ: تتسم ۽ تديو جا مثال ڊاڪٽر گربخشاڻي جي رسالي ياڱي پھرئين ۽ ٻئي تان ورتا ويا آھن. البت ھاڻي لفظن جي بنيادن بابت نظريا

تبديل ٿي چڪا آهن. انهن تي وڌيڪ گهرائي سان ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. مون پنهنجي جامع الغات لطيف ۾ وضاحت ڪئي آهي ته ڏاتن ۾، مون جيڪي ڏاتو ڊاڪٽر گربخشاڻي يا ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جا ڪنيا آهن. اصل ۾ اهي لفظ ڪنهن دور ۾ سنڌي مان سنسڪرت ۽ ٻين پراڪرتن ۾، ان صورت ۾ ويا هئا. خاص طور ٻن صوتين (Allophones) واران حرفن ٽ، ڊ، ڍ، وارا لفظ سمنڊ > سمندر، چنڊ > چندر، پُٽ > پتر، مٽ> متر وغيره۔ 'تِقلي' (دوا جو نالو) کي هندي ۾ 'تريفل' ۽ عربي ۾ 'طريفل' چون. سمن جي آخري دور ۾ ارغونن جي آزار کان پاٽ شريف جا عالم هندستان ۾ آباد ٿيا. ان کي اڄ به 'پاتر شريف' لکن ٿا. ڏسو: "برهان پور کي سنڌي اولياءَ" سنڌي ادبي بورڊ.

## داخل ٿيندڙ لفظن جا ڪي مکيہ اصول

لفظن جي جوڙجڪ، بيهڪ، سوس، واڌ وغيره لاءِ اسان گذريل بابن ۾ تفصيل سان ذڪر ڪري آيا آهيون. جيئن لفظ جا بنياد، اشتقاق، لڏ پلاڻ، معنيٰ ۽ لغوي قاعدن هيٺ جيڪا لفظي ۽ معنوي ڦيرڦار ٿئي ٿي، انهن کي مثالن سان سمجهائي آيا آهيون.

ٻوليءَ جي خاصيتن وارن بابن: ادغام، اڪرمٽ، بدل، حذف، آخري حرف ڪيرائڻ ۽ لفظ جي داخلا ۾ واضح مثالن سان شاهہ لطيف جي بيتن مان حوالا ڏيئي وضاحت ڪري آيا آهيون ته مختلف لساني خصوصيتن سبب لفظ ڪهڙيءَ ريت روپ مٽائن ٿا ۽ هڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ شامل ٿين ٿا. ان حوالي سان ڪجهہ مکيہ اصول هيٺ بيان ڪجن ٿا:

- ڏارين ٻولين جا اهڙا لفظ جيڪي اسان جي ڪلاسيڪي شاعرن: قاضي قادن، شاهہ ڪريم، ميون شاهہ عنايت رضوي، خاص طور تي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جن شعوري طور ٻاهرين ٻولين جي لفظن کي گهڙي يا اصل صورت ۾ استعمال ڪيو آهي. اهي سڀ لفظ اسان جي ٻوليءَ جو ڪلاسيڪي ورثو آهن. انهن کي ڏاريا لفظ هرگز ڪين چئبو.

- انهن شاعرن کان علاوه سچل سرمست، سامي، بيدل سائين، بيڪس، رکيل شاهہ مصري شاهہ وغيره جن کي ڪلاسيڪي شاعرن ۾ شمار ڪيو ويجي ٿو. انهن پاران استعمال ڪيل الفاظ ۽ اصطلاح
- اهڙي طرح پيڙي فقير سگهڙ جي دور تائين لوڪ شاعري جنهن بہ صورت ۾ ملي ٿي: بيت، ڏوهيڙا، مولود، منقبتون، معجزا، ڏور سينگار ڏهس، ڳجهارتون، هنر وغيره جا سمورا الفاظ سنڌي ٻوليءَ جو آملہ ورثو آهن. انهن کي ڌاريا لفظ يا اصطلاح هرگز نہ چونداسين، ڇاڪاڻ تہ اهو دنيا جي ٻولين جو دستور آهي تہ جيڪي لفظ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ داخل ٿي ويا. شاعرن، سگهڙن يا عالمن انهن کي جوڳي جاءِ ڏني، اُهي ان ٻوليءَ جو حصو ٿي ويا. ساڳيا اصول سنڌي، عربي، فارسي، ترڪي، هندي، اردو پنجابي، انگريزي، جرمني، لاطيني، اسپيني وغيره سان لاڳو آهن.
- اسان کي واضح نموني سمجهڻ گهرجي تہ ح، خ، ع غ، ق، ص ض، ذ ط ظ، ء. وارا صوتيا عربيءَ وسيلي اسان جي ٻوليءَ ۾ عربن جي دور کان رائج ٿيا. باقي سڀ اکر اسان جا پنهنجا آهن. جيڪي هزارن سالن کان وٽي رائج آهن. ان ڪري پٽيءَ جي صورت کي ڏسي هرگز نہ پنيلجڻ گهرجي تہ ڪي الف ـ ب، پ، ت، ٿ، ج، چ، د ڏ، ل ل، م ن، ي، هہ وغيره اُچار عربي يا فارسي جا آهن! چوٽين نقطي ۾ ذڪر ڪيل صوتين کان علاوه باقي سڀ آواز اسان جا آهن. صرف انهن جي صورتخطي اڌاري ورتل آهي جيڪي پٽي ۾ ظاهر آهن. اڄا ڪجهہ رهيل آهن. ان ڪري، اهڙن حرفن تي مشتمل لفظ اسان جي پنهنجي ٻوليءَ جا آهن.
- هاڻي ذڪر ڪجي ٿو رواجي انگريزي لفظن بابت، جيڪي لساني اصولن هيٺ سنڌي ٻوليءَ جو حصو ٿي ويا آهن. پر اسان انهن اصولن کي نہ سمجهڻ سبب انهن کي انگريزي يا ڌاريا لفظ سمجهون ٿا. لسانيات جو اصول آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن لفظ تي ان ٻولي جي لغت ۽ گرامر جا اصول اثرانداز ٿين ٿا تہ اهو لفظ ان ٻوليءَ جو حصو آهي، مثال خاطر پنجن ڇهن لفظ جو جائزو پيش ڪجي ٿو.

## گلاسُ (Glass)

| گرامر | انگريزي | سنڌي |
|---|---|---|
| جنس | بيجان | مذڪر |
| عدد جمع | گلاسز | گلاسَ |
| حالت جري | — | گلاسن ۾ |
| ڪارج وسيع: عمومي طور جي شين کي چون | | پاڻي پيئڻ جو ٿيو شيشي پوءِ اهو شيشي جو هجي، لوهه يا پتل جو استيل جو پلاسٽڪ جو يا مِٽيءَ جو. |

## ٽيبل (Table)

| | | |
|---|---|---|
| جنس | بيجان | مؤنث |
| عدد جمع | ٽيبلس | ٽيبلون |
| حالت جري | —— | ٽيبلن تي |
| ڪارج | لکڻ لاءِ | لکڻ لاءِ |

## ڪاليج (College)

| جنس | بيجان | مذڪر |
|---|---|---|
| عدد جمع | ڪاليجز | ڪاليجَ |
| حالت جري | —— | ڪاليجن ۾ |
| ڪارج | تعليم گاهه | تعليم گاه |

## ڊاڪٽر (Doctor)

| | | |
|---|---|---|
| جنس | مذڪر | مذڪر |
| عدد جمع | ڊاڪٽرس | ڊاڪٽرَ |

| | | |
|---|---|---|
| حالت جري | To, for, with Doctors | ڊاڪٽرن کي |
| ڪارج | ماهر: طبي، علمي ۽ سائنسي شعبن جو | طبي چڪاس ڪندڙ علم جي ڪنهن موضوع تي مهارت رکندڙ |

### ڪپ/ڪوپ (Cup)

| | | |
|---|---|---|
| جنس | بيجان | مذڪر |
| عدد جمع | ڪپس | ڪوپ |
| حالت جري | In/with Cups | ڪوپن ۾ |
| ڪارج | چانهن پيئڻ جو ٿانءُ | |

### استيشن (Station)

| | | |
|---|---|---|
| جنس | بيجان | مؤنث |
| عدد جمع | استيشنس | استيشنون/ اسٽيشنون |
| ڪارج | بيهڻ جي جاءِ (ريل وغيره) | ريل گاڏي جي بيهڻ جي جاءِ |

### اسڪول (School)

| | | |
|---|---|---|
| جنس | بيجان | مذڪر |
| حالت جري | To, in School | اسڪولن ۾ |
| عدد جمع | اسڪولس | اسڪول |
| ڪارج | تعليم گاه | = |

حوالا:


(1) سيوهاڻي حڪيم، فتح محمد: "آفتابِ ادب"، سنڌي ادبي بورڊ (ڇاپو ٽيون_1974ع)، ص_63_64.

(2) ساڳيو ص 61.

(3) ساڳيو ص 68_69.

(4) Watan Mal Lela Ram, Life, Religion and Poetry of Shah Latif Indus Publication Karachi. 2nd Edition 1985. P-91.

(5) بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر "شاھ جو رسالو_جلد ڏھون رسالي جو ڪلام" علامہ قاضي تحقيقي رٽا. 1996ع ص 91_ 490.

(6) گربخشاڻي هوت چند مولچند ڊاڪٽر "شاھ جو رسالو" جلد پهريون ڪمشنر صاحب جو ڇاپخانو 1924ع ص 8_447.

(7) شيخ پانهون خان "شاھ جو رسالو" جلد ٻئو شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي 2012 ص 214_220.

(8) Watan Mal Lela Ram, Life, Religion and Poetry of Shah Latif Indus Publication Karachi. 2nd Edition 1985. p-95.

(9) پريم هدايت ڊاڪٽر "اترادي ٻولي" سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد_ سنڌ، 1995ع_ ص 19.

(10) سنديلو عبدالڪريم ڊاڪٽر "تحقيق لغات سنڌي" تاج محل پريس حيدرآباد (ڇاپو چوٿون) 1963ع ص 10.

# اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون (Prefixes & Suffixes)

دنيا جي هر ٻوليءَ جي لفظن ۾ اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون هونديون آهن، جيڪي لفظن جي معنيٰ، مفهوم کي هاڪاري، ناڪاري اثرائتو بڻائينديون آهن ۽ وياڪرڻي صورتن جي وضاحت ڪنديون آهن. ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا:

'واٽ' سنڌي ٻوليءَ جو قديم لفظ آهي. جنهن جا چٽا آثار سنسڪرت، پالي، هندي ۽ ٻين پراڪرتن ۾ ملن ٿا. معنيٰ: راهه، رستو. ان مفهوم لاءِ شاهه لطيف محل موقعي جي حوالي سان ٻيا به لفظ استعمال ڪيا آهن: جيئن، رند، پيچرو دڳ، واهه، ڀٽ، ڀِهو ڀِهي، لڪ، لنگهه، سبيل، ڳلي، سڙڪ، گس، گذر گهٽ، گهاڙ وغيره:

"وٺي ور واٽ ٿيا بر چڙهي باڪا"
"سٿين سپيرين جي وَنگي پانءَ مَ واٽ"
(ڪنياتِ)

جمع جي صورت ۾:

"واٽون ويهه ٿيون، ڪهه جاڻان ڪيهي ويا."

شاهه لطيف واٽ لفظ ۾ اڳياڙيون- پڇاڙيون وجهي نيون معنائون مرتب ڪيون آهن.

"اڃا تون 'آواٽ' واٽان پاسي ويسري"

---

"سُوٽهين ٿي 'سُواٽ'، تہ منجهان دل دَڳُ لهين"
(ڪوهياري)

آواٽ= گمراهه رستي کان ڀٽڪيل.
سُواٽ= سڌي رستي سان.

"ويجهو وڃ مَ واٽ کي، ڪمچ ڏنهه ڪُواٽ.
اُجهي منجهان آٽ، آريسي ٿي آءٌ تون"
(ڪاهوڙي)

ڳوات= خراب رستو اڙهانگي راهه.
آت= خراب راهه، ڏکيو ڳس.
'وات' ٿيو اسم، ان جو فاعل ٿيندو 'واٽهڙو'.
"الڙ ٿي آچ مَ تون، واٽاڙن واٽي."
لاڙي لهجو= واٽاڙن = وات ويندڙن کي.
وات جو جمع ٿيندو 'واٽن'

"سڪڻ ۾ سوري، ٻئي اڪر هيڪڙي
وهڻ 'واٽن' تي ڪارڻ ضروري"
(يمن ڪليات)

ٻئي بيت ۾ 'واٽان' پاسي ويسري، استعمال ٿيو آهي.

اترادي لهجي مطابق ته اهو وات جو جمع آهي. پر اصل ۾ اها "وات ڪان" جي معنيٰ ۾ حالت اپادان واري جري صورت آهي. واٽن ڪان- يعني واٽن، رندن، رستن جي لاهين چاڙهين کان ويسرو آهي. اڻڄاڻ آهي. بي خبر آهي. هڪ ٻيو مثال ونون ٿا:

انساني طبيعت ۾ سردي-گرمي، بيماري سيماري ازل کان آهي. عام لوڪن پنهنجي سوچ ۽ تجربي آهر پئي علاج ڪيو. تان جو وقت جي ضرورت مطابق درست علاج لاءِ طبيب پيدا ٿيا. جيڪي پوءِ درجي بدرجي مهارت حاصل ڪندا رهيا. شاهه لطيف جي دور ۾: طبيب، حڪيم، ويج، حاذق هئا. جيڪي دردن جي دوا ڏيندا هئا. هر هڪ عامل جو سائين پنهنجي موضوع مطابق بيان ڪيو آهي. اسان هت مثال خاطر صرف 'ويج' جو ذڪر ڪيون ٿا ته سائين ان ۾ اڳياڙيون، پڇاڙيون، صفاتي، جري توڙي ظرفي اضافتون لڳائي، لفظن جون نيون ترڪيبون ۽ معنائون مرتب ڪيون آهن.

"وڏي ڄڻن وڍياس، وري ويج ٿي سي ٿيا،
پرت پڌائون پٽيون، روح ڪياڻون راس."
(يمن ڪليات)

ڏارين ٻولين جون اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون استعمال ٿينديون آهن. مثلاً انگريزي-يوناني، لاطيني، جرمن، عربي- عبراني، سرياني، سميري، ترڪي، فارسي، زند، اوستا، پهلوي، سنسڪرت-سنڌو براهمي، پالي ۽ ڏيهي پراڪرتون وغيره پر جيئن ته اهي سنڌي ٻوليءَ ۾ رواني سان رائج آهن، انهيءَ سبب هن باب ۾ آنديون ويون آهن.

## اڳياڙيون (Prefixes)

عام طور اڳياڙيون لفظ جي هاڪاري (Positive) يا ناڪاري (Negative) مفهوم کي واضح ڪنديون آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ هاڪاري اڳياڙيون هيٺين ريت آهن:

س: سُڄڻ، سُچاڻ، سُٻوجهه، سُپت، سُپر، سُپتيو سپوت، سُچر، سُڀاڳهو سُرهو سُتڙ سُڌير، سُياڳ، سُواڌائي، سُپر، سُترو سُڦل، سُچاڳ، سُروپ، سُگُنڌ، سُگهڙي، سُمانو سُلڇڻو سُندر سُرڳ، سُپڪ، سُچر، سواهرو سُمج، سُماڳ، سُمانگو سُڌاتورو، سُک، سُواڻ، سُڏن سُڪاڄ، سُڪر.

پر: پرڪاش پرتاب، پريات، پرگهٽ، پرماتما، پرمل پروهت، پريتم، پرسيم

پهس= تڪڙو جلد پهس پڪي جان پوءِ (شاهه)

## ناڪاري اڳياڙيون:

اَ: اَياڻو اَچاڻ، اَملهه، اَرهو اَريج، اَسونهون، اَپرو اَڪارڻ اَڏر اَڪاڄ، اَٻوجهه، اَڪارت، اَڪٽ، اَديس، اَڌوتي، اَچل، اَچيت، اَمانو اَواٽ، اَنات<اَنات، اَڌرمي، اَماس، اَشپ، اَهنسا، اَڇوت، اَياڻو اَوير، اَڪو اَپار اَرڪ، اَٽوٽ، اَياڳو اڪٽ.

اَپ: اَپمان، اَپڪار (برائي، خراب ڪم)

اَڻ: اَڻهوند، اَڻ ميو اَڻ چيو اَڻ لک، اَڻ ٽليو اَڻ ڪوٽ، اَڻچاڻ، اَڻ پڙهيو اڻ ڏٺو اَڻ ڏوتو اڻ ٻُڌو اڻ سرت، اڻاسو.

اَو: اوگڻ، اوڻو اوتڙ اوگهڙ اَوتار اَوسار.

بي (فارسي): بي پاڙو بي وڙو بي چيو بيڪار بي نور بي سُرو بي سهارو بي مهار بي خبر، بي روح، بي حال، بي بها، بي حد، بي راهه، بي چين، بي صبر، بي شڪر، بي ايمان، بي بدل، بي محل، بي رخو بي حيا، بي شرم، بي عزت، بي هوش، بي مثال، بي وفا.

"وينيون گهر گهورين پرينءَ مٿي جندڙو"

---

"وڏيري هياس ميڙو مون گهر سرتيون"
(ليلا چنيسر)

جري صورتون

"تڙي طبيبن گهايل گهران ڪڍيو"
(يمن ڪلياڻ)

گهران= گهر مان

"اجان ٿنوراءِ ڪاله ڪڍيا سون سجڻين"
(يمن ڪلياڻ)

ٿنوراءِ= ٿنور مان
سجڻين= سجڻن کي

"ان گهوڙن هنئي گهٽيون، دوستئان ڏار ڪيون"
(ليلا چنيسر)

دوستئان= دوستن کان، محبن کان.

"معرفت جي ماڻ سين، ڏِسَ اندر ڏورين،
ڱلهنئون ڪورين، عاشق عبداللطيف چئي"
(ڪلياڻ)

ڱلهنئون= ڪلهن کان.

پسو پکيئڙن ماٺهنئا ميٺ گهٽو

(ڏهر)

ماٺهنئا= ماٺهن کان

جمع جي صورت ۾ ان جا مثال ڏسو:
"حسن مير حُسين کي رُنو ٽن تولن،
گهر ماڙهئين، جنگِ مِروئين اُڀن ۾ ملڪن"
(ڪيڏارو)

گهر ماڙهئين= گهر ۾ ماڻهن جو روڄ هو.
جهنگ مروئين= جهنگ ۾ جانور ٽي رنا.

"ڪوئين لڳن ڪير، محلين مُنجهي مون هِنئون"
(مارئي)

محلين= محلن ۾.

ضمير متصل جا ڪي مثال:

"آلتيم جا هنيان، سان نـ سلتيم ساهہ ڪي."

آلڻ= ڳجهو رکڻ، مون جيڪا ڳالهہ هينئن کان ڳجهي رکي، سلڻ= پڌائڻ، سا (ڳالهہ) ساهہ سان بہ نہ سليم.

"اندر روح رهيام، سجڻ اوطاقون ڪري."

رهيام= مون وٽ رهيا.

"پڇج پوءِ پريتڻو پهرين سِرُ سجي."
(ڪلياڻ)

"جي پائن ڪانُ ڪمان ۾ تہ سينو سپر ڏيج،
منهن ۾ معشوقن جا، جهالو تي جهليج."
(يمن ڪلياڻ)

"اوياهيوس آئين، لطف سان لطيف چئي."
(ڪنيات)

اوياهڻ= بيهارڻ، بچائڻ (اوهين ان کي ڏتاري ڪڙو ڪريو)

"اديون عبداللطيف چئي ايندم آرياڻي."
(ديسي)

ايندم= منهنجو (آرياڻي) ايندو.

هيڪ جي نہ چاياس، بيو چاپندي جي مران،
واجهائي وطن کي آءٌ جي هت مياس،
ميائي جياس، جي وڃي مڙهہ ملير ڏي.

چاياس= مان چايس
مياس= مان مئس
جياس= مان جئس

## نتيجا

هن ڪتاب ۾ مختصر طور 'علم لغت' بابت جيڪي پهلو اجاگر ڪيا ويا آهن ۽ لغت سازيءَ (Lexicography) يا علم لغت (Lexicology) جي جن مرحلن کي بيان ڪيو ويو آهي. انهيءَ مان ٿلهي ليکي اسين اُهو اخذ ڪري ٿا سگهون تہ:

'علم لغت' کي ٻوليءَ سان لاڳاپيل علمن جي 'ماءُ' تصور ڪيو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ تہ ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ جو بنيادي ايڪو 'لفظ' آهي، جنهن جي جوڙجڪ، بنياد، بيهڪ، درست صورت، معنيٰ، مفهوم ۽ ان مان جڙيل اصطلاحن ۽ محاورن سان بحث اهو علم ڪري ٿو. لغت جي صحيح پرک ۽ درست استعمال سان، اسان ٻولي جي وڏندڙ ڦِگاڙ کي روڪي سگهون ٿا. لفظن جي علمي ۽ بامعنيٰ بيهڪ قائم ڪري سگهون ٿا، انهن کي محفوظ بنائي سگهون ٿا. ان علم وسيلي اسان پنهنجن ۽ پراون لفظن ۾ فرق ڪري سگهون ٿا. مثلاً اڄ اوهان ڪنهن پڙهيل کان پڇندا تہ جتي مال/ڍور ٻڌجن ان کي ڇا چئجي تہ جواب ملندو وٿاڻ ۽ جتي گهوڙا ٻڌجن، ان کي ڇا چئجي؟ 'طنبيلو'. حالانڪ اسان وٽ ان لاءِ الڳ لفظ موجود آهي: 'ڪڙهہ' آخوند گل محمد هالائي جو هڪ شعر آهي:

جت بيهن گهوڙا گهڻا 'ڪڙهہ' ان کي چون.
جت ردن ٻڪرين جا ڌڻ ان کي 'وٿاڻ'

موجوده محاوري ۾، 'وٿاڻ' چوپائي مال لاءِ ڪتب اچي ٿو. ردن، ٻڪرين لاءِ 'واڙ' هوندي آهي. اهڙي طرح اسان وٽ تقريباً سڀني جانورن، پکين پکڻن جي جاءِ لاءِ الڳ الڳ لفظ موجود آهن.

ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ لفظن جي لڙهين کي اکر ڀنڊار (Vocabulary) چئبو آهي. انهن کي الف ب وار ترتيب ڏئي، هڪ هنڌ گڏ ڪبو تہ اها لغت (Lexicon) ٿي پوندي ۽ ان جي جوڙجڪ جي سمورن مرحلن، عنصرن جي علم کي علم لغت يا Lexicology چئبو آهي.

ان ڳالھ جو بہ پتو پوي ٿو تہ معنيات يا Semantics جي ان علم ۾ ڪيتري ۽ ڪهڙي اهميت آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻوليءَ جو تاڃي پيٽو لفظن جي تصورن تي آڌاريل هوندو آهي، جيئن اڳ ۾ ذڪر ڪري آيا آهيون تہ اهي تصور هر قوم جا الڳ الڳ ٿين ٿا، ان جا مکيہ ڪارڻ سندن سماجي زندگي ۾ فرق، عام وهنوار جا الڳ طور طريقا، الڳ تاريخ، تهذيب ۽ ثقافتي اهڃاڻن ۽ قدرن ۾ الڳ هوندا آهن.

علم لغت وسيلي، اسان ڄاڻي سگھون ٿا تہ ڪهڙا لفظ ڪهڙين ٻولين مان آيا آهن، انهن لفظن جي صورت، هيئت ۽ معنيٰ تي ڪهڙو فرق پيو آهي، ڪهڙن سببن ڪري لفظ سفر ڪن ٿا. مختلف ملڪن ۽ تهذيبن مان ٿيندا اچي ثاڪ ڪن ٿا. جيڪي ان علم (Philology) جا ماهر آهن، اهي نہ صرف لفظن جي ڄمار ٻڌائي سگھن ٿا، پر لفظن جي راهن رندن (Routes) بابت بہ ٻڌائي سگھن ٿا. مثلاً جڏهن اسين چئون ٿا تہ "منهنجو سکر واري پل تي۔ هو جمالو" يعني اهو محاورو 1932ع کان پوءِ جو آهي. جڏهن سکر بيراج ٺهيو. سنڌي ۾ هڪ اصطلاح آهي: "ازبڪيون چڙھڻ" يعني ٻتاڪون يا ڌاڙون هڻڻ. اهو لفظ 1520ع کان پوءِ جو ٿي سگھي ٿو جڏهن سنڌ ۾ ارغون ۽ ازبڪ حملو ڪري آيا هئا. لسانيات ۾ ان علم کي وڏي اهميت ڏني ويندي آهي. اسان هن ڪتاب ۾ بہ ڪافي مثالن ۽ وضاحتن سان ان جي اپٽار ڪئي آهي تہ جيئن عام پڙهندڙ بہ ان مان استفادو حاصل ڪري سگھن.

علم لغت ۾ معنيٰ جو تہ هڪ وسيع جهان آهي، ان ۾ ڪئي شاهي رستا آهن، جن سان پڙهندڙ آساني سان مطلب جا موتي هٿ ڪري وڃي پار پئي ٿو تہ ڪن هنڌن تي سوڙهيون گھٽيون آهن، اهي بہ هموار نہ آهن، ان ڪري اتان گذرڻ ۾ ڪيس ڪافي ڏکيائي ٿئي ٿي. پوءِ يا تہ پڙهندڙ اٽل ارادو ڪري آڏن ترڇن رندن تان رڙهندو مقصد ماڻيندو اڳتي وڌندو رهي يا وري ڪو استاد هٿ ڪري، جيڪو انهن علمن جو ڄاڻو هجي، اهو کيس اوکا پنڌ پهاڙ جا ڏسيندو آساني سان پار پهچائيندو.

باقي سطحي ڄاڻ رکندڙ لفظن جي اندر موجود تصورن کي اصل نہ سمجھي سگھندو. لطيف بہ چيو آهي:

اکر چتي هيڪڙي ڀوڻ جي نہ ٻجهن،
ڪوهہ ڪبو کي تن، سڀي سٽائي ڳالهڙي
(يمن ڪلياڻ)

'علم لغت' پنھنجي جوھر ۾ ھڪ وسيع، گھڻ رخو، گھڻ علمي/فني علمن جو نچوڙ آھي، جنھن کي سمجھڻ لاءِ ڏڪر ڪيل علمن جي بنيادي ڄاڻ حاصل ڪرڻ ضروري آھي. ان کان پوءِ ان لاءِ راھون کُلنديون وينديون. ڪن عالمن ان کي پڪي راڳ سان تشبيھہ ڏني آھي، جيڪو موسيقي جا چار اکر ڄاڻي ٿو ان کي خبر آھي تہ ان لاءِ رياضت ڪرڻ ۽ استاد جي رھنمائي وٺڻ ڪيتري ضروري آھي. پڪي راڳ- 'ٺمري يا خيال' کي سمجھڻ ۽ پيش ڪرڻ لاءِ ھڪ زندگي گھرجي! ھي ڪو پنجن اٺن سالن جو کيل نہ آھي. جيئن ڀٽائي چيو آھي تہ:

عشق ناھي راند، جو ڪي ڪنس ڳيرو
جيءُ ڄُسي ۽ جان جي پڇي، جو ھيڪاند،
سسي نيزي پاند، اُڇل تہ اڏ ٽئي.
(يمن ڪلياڻ)

علم لغت جي ڄاڻ گرامر يا وياڪرڻ جي علم کانسواءِ اڌوري چئبي خاص ڪري علم صرف تہ آھي ئي لفظن جو علم- لفظن جو نھڙ ۽ فعل مطابق ڦيرا (گردان) جوڙڻ توڙي علم نحو مطابق انھن جو مقرر جاءِ تي مقام (Position) رکڻ بہ لغت جي جوڙيندڙن لاءِ اھم آھي. ان کانسواءِ تہ ڪا معني بہ سمجھہ ۾ ڪانہ ايندي.

مان پنھنجي تجربي، مطالعي ۽ مشاھدي مطابق علم لغت جي فن واري ماھر کي ٻوليءَ جو "عاشق" سمجھان ٿو جنھن لاءِ لطيف سائين چيو آھي تہ:

"عاشق شھر فقير، در در ھٽن سين."

لغات جا مُشتاق، واھڻ وسنديون، ڳوٺن شھرن ۾ صدائون ھڻندا، ڪو لفظ ڪو محاورو ڪو پھاڪو ھٿ ڪندا گودڙين ۾ گڏ ڪندا ويندا آھن. پوءِ انھن کي سوڍي سنواري مشاھدي، مطالعي ۽ محاوري جي پرک

(ڪسوٽي) تي پرکي ترتيب مطابق پوئي لغت مالها ٺاهيندا آهن. مانوارو پرمانند ميوارام جنهن سنڌي-انگريزي (1910ع) ۽ انگريزي-سنڌي (1933ع) لغتون جوڙيون آهن، سو چا ڪندو هو جو جمعي يا آچر تي سول اسپتال حيدرآباد ۾ اچي هڪ پاٽي جو پنهنجي پرسان رکي، سامهون هڪ خالي ڪرسي رکندو هو. پوءِ سُرت وارن کي سڏي، ڪرسي تي ويهاري ڪائڻن عام زندگي ۽ ڪرت بابت سوال-جواب ڪري لفظ، محاورا پچي بندي تي لکندو ويندو هو. پوءِ پڪ ڪري (چپيل لغتن سان پيٽي) رجسٽر تي چاڙهيندو هو. اهڙي ريت هن ڳوٺاڻي زندگي جا هزارين لفظ ۽ محاورا سميڙي گڏ ڪيا. ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي پنهنجي مضمون "سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ" ۾ لکي ٿو ته "هن نه فقط اڳين سنڌي ڊڪشنرين تان مدد ورتي آهي، پر پنهنجي ليکي پڻ سنڌ جا جدا جدا ڳوٺ گهمي، ڪمين ڪاسبين کان ڏنڌي وار لفظ ۽ اصطلاح گڏ ڪري درج ڪيا." (1)

ساڳيو طريقو مرزا صادق علي بيگ ۽ اڌارام ٿانور داس به اختيار ڪيو. هو ڳوٺن ۾ هٽن تي هليا ويندا هئا. اتان لفظ پچي بندين تي اتاريندا هئا. پوءِ پادري شرٽ وٽ کڻي ويندا هئا. جيڪو انهن جا اچار ۽ مطلب انگريزيءَ ۾ لکندو هو. اها ڊڪشنري 1879ع ۾ شايع ٿي.

اوهان سترامداس سائل جي "سائل ڪوش (احمدآباد بڙودا 2004ع)" جو مهاڳ (پرستا ونا) پڙهي ڏسو لکي ٿو ته: "پارت جي ورهاڱي کان پوءِ مون سينٽ زيويئرس ڪاليج، احمدآباد ۾ پروفيسري جو پد پاتو. اُتي مان سنڌي ۽ پارسي سيکاريندو هوس. احمدآباد ۾ رهي مون هنديءَ ۽ گجراتيءَ جو اڀياس ڪرڻ شروع ڪيو. هتي رهي مون سنڌي اصطلاح گڏ ڪري ٻن ڀاڱن ۾ ڇپايا. ٿوري وقت کان پوءِ مون سنڌي ڀاڪن جا به ڀاڱا ڇپائي پڌرا ڪيا. ائين ڪندي مان نه رڳو سنڌي اصطلاحن ۽ ڀاڪن کان پوريءَ طرح واقف ٿيس پر اُنهن کي الف بي وار ٺاهي رکڻ جو آزمودو به پرايم. هر هڪ ڊڪشنريءَ ۾ اهو به ڄاڻائڻو پوندو آهي ته هر هڪ لفظ گرامر موجب ڪهڙو ڳالهائڻ جو لفظ آهي، ان لاءِ سنڌي گرامر جي به پوري ڄاڻ هئڻ کپندي هئي. انهن ڏهن سالن جي اندر مون سنڌيءَ ۾ چار جدا جدا سنڌي گرامر ڇپائي پڌرا

ڪيا. ائين ڪندي مون کي گرامر تي پوري پڪڙ حاصل ٿي. سنڌي ڪوش ۾ اهڙا بہ ڪيترا لفظ ۽ اصطلاح اچن ٿا جيڪي ڳوٺاڻي جيوت، ڳوٺاڻي بوليءَ، ريت رواج، نباتات، پاڻي چرخن، نهرين، نارن، کيتن، باغن، واڙين ۽ قدرتي نظارن سان واسطو رکن ٿا. ڳوٺن جي انهن سيني سنڌي لفظن ۽ اصطلاحن جي مون کي ڪافي ڄاڻ هئي ڇو تہ مان 24 سال پنهنجي ننڍي ڳوٺ مهر ننڍا (لاڙڪاڻي) ۾ گذاريا هئا. سنڌي ڪوش جي اندر سوين ۾ پسارڪين شين جا نالا بہ ڏسجن ٿا. منهنجو پيءُ هڪ هاڪارو حڪيم هو. ان جو مڏباهوءَ (لاڙڪاڻو) ۾ حڪمت جو عاليشان دڪان هو. مان اُتي سنڌي اسڪول ۾ پڙهندو هوس. اُتي مون کي بہ ڪئين ڀيرا مريضن جي لاءِ دوائن جا پڙيڪا ٺاهڻا پوندا هئا. اهڙيءَ طرح مون کي سوين پسارڪي شين جي ڄاڻ ملي. نہ رڳو ايترو پر ڪيترن مرضن جي نالن ۽ طبابت جي دڪان سان واسطو رکندڙ ٻين چيزن جي بہ ڄاڻ مليم. لغت ۾ آيل انيڪ پسارڪي وکرن مان گهڻا تہ مون پنهنجي اکين سان ڏٺا. ان ڪري اُنهن کي سمجهائي لکڻ ۾ مون کي بلڪل دقت ڪانہ ٿي." (2)

ڪاڪو ڀيرومل پنهنجي حوالي سان لکي ٿو تہ:

"سن 1902ع کان وٺي گشت ڪرڻ لڳس تہ سنڌ جي جدا جدا پاڙن ۾ خاص ڪري لاڙ ۽ ٿر ۾ ڪيترن ماڻهن کي اهي ساڳيا رسالي ۾ ڪم آيل لفظ ڪتب آڻيندي ٻڌم. ڪيترا ٻيا لفظ، اصطلاح ۽ پهاڪا بہ ڪٺي ڪيم. اهڙي طرح ٻارنهن ورهين جي اڀياس ڪرڻ کان پوءِ رسالي جي آهنجن لفظن جون معنائون جي 1893ع کان 1905ع تائين هٿ ڪيون هيم سي ڌار ڪري ڪتاب ۾ سرن موجب لکي تعليم کاتي واري شاهہ جي رسالي جي لغت تيار ڪيم. ان جو نالو "غريب اللغات" رکيم." (3)

سائين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ مانواري محقق ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي سان گڏ. سوين سگهڙن جون سوانح عمريون پڙهي اوهان کي اهائي واٽ ملندي، سگهڙ۔ سپورنج توڙي وينجهار ٻڻجڻ لاءِ ٻڻجارو ٻڻجڻو پوندو.

جن ڪي ماءُ ـ ٻولي سان چاهه آهي اهي ڪشالا ڪيندا. واهڻ ووڙيندا، جهنگ جهاڳيندا، ڏونگر ڏوريندا ۽ يقيناً حال سارو ٻولي جي جهوليءَ ۾ ٿورا ڪي گهڻا ڪي ڪڻا وجهندا رهندا. جن مان سونهري سنگ نڪري نروار ٿيندا ۽ ٻولي مالا مال ٿيندي لغت جي تاريخ به اهائي ساک ڏئي ٿي.

”مون ڪوشش ڪري، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ واري واٽ ورتي آهي، جو هر ڳالهه شاهه جي بيتن سان ڀيٽي سمجهائي اٿم. اوهان ”سنڌي ٻوليءَ جون لساني خاصيتون ۽ خوبيون“ پڙهندا ته اوهان کي احساس ٿيندو ته شاهه صاحب سنڌي ٻوليءَ کي لهجن (Dialects) مان ڪڍي ڪهڙي ريت مڪمل زبان بڻايو. ٻوليءَ جي تحفظ ۽ ڦهلاءَ لاءِ ڪيڏا ڪشالا ڪيا هئا، ان کي مرڪزي حيثيت ڏيڻ لاءِ سنڌ جي سڀني ڀاڱن جو ور ور دورو ڪيو. اتان جي سگهڙن ۽ سپورنجن سان مليو اتان جي ٻولي کي بيتن ۾ محفوظ ڪيو. بقول ايچ ٽي سورلي: شاهه لطيف ڀٽائي سنڌي ٻوليءَ جي لهجن، اصطلاحن ۽ ان جي استعارن جو وڏو ۾ وڏ چاڙهو هو. ڪو ٻيو شخص ڪڏهن به اهڙي شاعري نه ڪري سگهندو. اهڙا احساس، اهڙا جذبا ۽ اهڙن جذبن جو عام ٻوليءَ ۾ اظهار هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه آهي: عوامي ٻولي ۾ ڪيل اهڙي شاعريءَ تي ڪڏهن به زوال اچڻو نه آهي“

دنيا جي سڀني ٻولين ۾ ڪي فني هڪجهڙايون ٿين ٿيون، جن کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. بدقسمتيءَ سان، اسان انهن علمن طرف جوڳو ڌيان ڪونه ڏنو آهي، جنهن سبب پنهنجي شاهڪار ٻوليءَ جي فني خوبين ۽ خاصيتن کان اڻ ڄاڻ رهيا آهيون. ان ڏس ۾ علم لغت بابت عالمي ڪتابن جو مطالعو ڪري، مون چونڊ مکيه علمن کي ڀٽائي جي بيتن ۾ ڳولي وضاحت سان لکيو آهي. اُهي علم هيٺين ريت آهن.

- علم لغت (Lexicology)
- علم ڌاتو يا اشتقاق (Etymology)
- علم لسان (Philology)
- علم معنيٰ (Semantics)

- خاصيتِ اِدغام (Assimilation)
- خاصيت اکرمٺ (Metathesis)
- خاصيت بدل(Mutation)
- خاصيت حذف(Elision)
- اڌارن يا ٻين ٻولين جي لفظن جي داخلا (Loan or Adopted Words)

مٿي ذڪر ڪيل سمورن علمن، خاصيتن، جن کي مون فهرست ۾ ترتيبوار رکيو آهي. جيڪڏهن انهن جو گهري نظر سان مطالعو ڪيو ويندو، انهن مطابق لفظن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي ۽ پوءِ جيڪڏهن ڀٽائي جي بيتن کي ان تناظر ۾ پڙهيو ويندو، پُرجهيو ويندو ته پڙهندڙ کي ڪوڙ نيون معنائون، مفهوم ۽ تشريحون سمجهه ۾ اچي وينديون. وڌيڪ تفصيل لاءِ راقم جي "جامع لغات لطيف" به پڙهي سگهجي ٿي، جيڪا انهن اصولن هيٺ جوڙي ويئي آهي، جنهن جو پهريون جلد شاهه عبداللطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي 2018ع ۾ شايع ڪرايو. ٻيو جُلد اميد ته 2021ع جي آخر تائين اچي ويندو.

مانواري ڊاڪٽر گربخشاڻي 1923ع ۾ جيڪو خواب ڏٺو هو ته ٻوليءَ جي ترقي "علم لغات" سان لاڳاپيل آهي، (مڪمل حوالو اڳ اچي چڪو آهي) اڄ مان فرض ڄاڻي حال سارو ڪوشش ڪري: ان خواب جي ساڀيان پيش ڪري رهيو آهيان. شل قبول پئي.

## حرف آخر:

جيڪي عالم، اديب يا طالب العلم لغت سان چاهه رکن ٿا، تن کي چڱي طرح ڄاڻ هوندي ته علم لغت جو وڏو آڌار گرامر تي هوندو آهي، جنهن کي اسين 'وياڪرڻ' يا 'صرف نحو' سڏيون ٿا. گرامر ۾ لفظن جون صورتون ۽ حالتون اڳواٽ ئي مقرر هونديون آهن. لغت صرف انهن جي ٻيهڪ مطابق وضاحت ڪندي آهي. جيئن مارِي: (اسم فاعل) ماريندڙ قاتل، ۽ ٻيو ماري: (صفت)= مثل- 'مصيبت ماري'. ٻَلُ (مذڪر) ٻل= طاقت، زور- ٻيو: ٻَلُ (مذڪر) وَڪڙُ وَرُ پِٽُ (مذڪر) ميدان. پِٽُ=ريشم. پِٽ (مؤنث)

پاراتو. گهڙي (مؤنث) واڄ. گهڙي (مؤنث) ڊِلي. گهڙي (ظرف) جهٽ، پلڪ. گهڙي (فعل) داخل ٿي، اندر وڃي. ٻارِ (مؤنث) پاڻي جو تلاءُ: "مون کي پرين ٻڏي وڏو ٻارِ ۾." ٻارِ (ظرف) ٻار< ٻهار < ٻاهر= "تونهين رهين روحَ ۾، تونهين اکڻان ٻار" (سمٽي- شاهواڻي ص 322)

اهڙي ريت گرامر ۾ هر هڪ لفظ اصطلاح جي صورت ۾ حالت مقرر هوندي آهي. ان مطابق ان جي داخلا ڪبي آهي، ساڳي صورت وارا لفظ ڪٿي اسم فعل مؤنث- مذڪر هوندا آهن تہ ڪٿي صفت، ضمير، ظرف وغيره.

بدقسمتي سان، اسان 'علم لغت' تي ان ڪري بہ توجهہ ڏئي نہ سگهيا آهيون جو اسان جو گرامر سنڌي ٻوليءَ جي مزاج، بيهڪ ۽ لفظي جوڙجڪ مطابق نہ آهي. هن وقت جن وڏن عالمن: مرزا قليچ بيگ، ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، توڙي واحد بخش شيخ طرفان جيڪي گرامر جوڙيا ويا آهن، اهي عربي، فارسي ۽ هندي گرامرن جو اتارو آهن. ان ڪري اسان کي ان طرف بہ مڪمل ڌيان ڏيڻ گهرجي تہ اسان جو پنهنجو گرامر ڪٿي آهي؟ جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي روپن، سياءُ ۽ نفيس خيالن جي ترجماني ڪري. مون ان ڏس ۾، هڪ تحقيقي مقالو تيار ڪري دليلن سان ثابت ڪيو آهي تہ اسان کي جديد سنڌي گرامر جي ضرورت آهي. اهو مقالو مون سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ کي موڪليو هو جنهن ڇپائي ماهي-سنڌي ٻولي (جلد تيرهون- شمار ٻهريون- جون 2020ع) ۾ "جديد سنڌي گرامر جي ضرورت" جي عنوان سان شايع ڪيو آهي. ٻوليءَ بابت سوچيندڙ عالمن، اديبن ۽ محققن کي ان طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي.

منهنجي موقف جي تائيد سنڌ جي هاڪاري عالم ۽ گرامر جي ڄاڻو ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي هن بيان مان ٿئي ٿي، جيڪو هن 1966ع ۾ ڏنو هو پر اڃا تائين ان ڏس ۾ ڪا اڳڀرائي ڪانہ ٿي آهي:

ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو تہ: "سنڌيءَ ۾ لکيل گرامرن جو جڏهن جائزو ورتجي ٿو تڏهن ڪيترائي سوال پيدا ٿين ٿا ۽ انهن سوالن جي جوابن لاءِ جڏهن انهن ئي گرامرن جا صفحا اٿلائجن ٿا، تڏهن ائين پيو معلوم ٿيندو

آهي تہ ڇڻ ڪنهن بہ صاحب انهن لکيل وياڪرڻن ۾ بيان ڪيل نُڪتن کان اڳتي وک نہ وڌائي آهي. سنڌيءَ جا اهي گرامر جا ڪتاب ثابت ٿا ڪن تہ انهن لکندڙن اردو ۽ پارسيءَ جي پراڻن گرامرن کي سامهون رکي، سنڌي ٻوليءَ جا گرامر جوڙيا آهن. اڄ جڏهن انهن گرامرن جي ڪتابن کي تحقيقي نظر سان ڏسجي ٿو تڏهن ڪي وصفون گرامر موجب ۽ ڪي علمي ٽالا (اصطلاح) سنڌي ٻوليءَ جي صرفي ۽ نحوي اصولن موجب عجيب لڳن ٿا. اُهي يا تہ عربي صرف نحو سان واسطو رکن ٿا يا وري انگريزي گرامر جا چربا آهن. جيڪي سنڌي صرف۔ نحو جي اصولن موجب قبول ڪري نہ ٿا سگهجن." (4)

ان ڏس ۾ هتي هڪ حوالو ميڊم فهميده حسين جي طرفان "سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر" ڪتاب جي ناشر نوٽ مان ڏجي ٿو. پاڻ لکي ٿي تہ: "سنڌي گرامر" تي ڪم ڪندڙ اڪثر مستشرقين اها شڪايت ڪئي آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ آرٽيڪل (Articles) ڪونہ آهن (جيئن انگريزيءَ ۾ a, an, the آهن) يا ان ۾ خالص ضمير وارو صيغو ڪين نظر ڪونہ آيو آهي. 'هي'، 'هو' سندن نظر ۾ ضمير غائب نہ پر ضمير اشاري جا مثال آهن. That ۽ This واري معنيٰ ۾ نہ ڪي She ۽ He جي معنيٰ ۾، جڏهن تہ سنڌيءَ ۾ 'اهو'، 'اِجهو'/ 'اها'، 'اِجها' وارا لفظ بہ موجود آهن. سنڌي ٻوليءَ جون پنهنجون بنيادي خوبيون جدا آهن. انهن کي وري سنسڪرت يا فارسي عربيءَ مان آيل سمجهيو ويو. انهن ڌارين ٻولين سان سنڌيءَ کي ٺهڪائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. (5)

ٻولي، تاريخ ۽ گرامر جي ماهر ڪاڪي ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي، جنهن "سنڌي وڏو وياڪرڻ" ترتيب ڏنو جيڪو هن 1925ع ڌاري شايع ڪيو. ان جي مُنڍ ۾ لکي ٿو تہ:

"هن ڪتاب جوڙڻ مهل مون ڪيترا سنڌي، سنسڪرت، فارسي ۽ هندستاني ٻولين جا گرامر توڙي وولنر وارو پراڪرت گرامر، سر گريئرسن وارو لنگوسٽڪ سروي آف انڊيا ۽ پروفيسر گربخشاڻيءَ وارو شاهہ جو رسالو اڳيان

رکيا هئا، پر سيني کان گهٽي مدد ڊاڪٽر ٽرمپ واري گرامر مان ملي اٿم. پڇاڙيءَ ۾ آءٌ شمس العماءُ مرزا قليچ بيگ جي شڪر گذاري ڪرڻ فرض ٿو سمجهان جنهن صاحب پنهنجو دستخط گرامر مون ڏي ڏياري موڪليو جنهن مان توڙي سندس ڪتاب 'علم نحو' مان بہ ڪجهہ مدد ورتي اٿم. وري جڏهن هي ڪتاب تيار ڪري رهيس، تڏهن بہ هن صاحب تڪليف وٺي سڄو گرامر پنهنجي نظر مان ڪڍيو. پروفيسر گربخشاڻيءَ پڻ پويان پاڳا نظر مان ڪڍيا. جنهن لاءِ آءٌ هن صاحب جو پڻ ٿورائتو آهيان." (6)

اهڙي طرح شمس العلماء مرزا قليچ بيگ پنهنجي ترتيب ڏنل گرامر بابت لکي ٿو تہ:

"هيستائين جيڪو سنڌي گرامر اسڪولن ۾ سيکارڻ ۾ پئي آيو آهي، سو گهڻو ڪري فقط 'علم صرف' آهي. جو اوائل کان عربي صرف جي نموني تي لکيو ويو آهي ۽ علم نحو جو منجهس فقط اشارو هوندو هو. هاڻ ٿورن ڏينهن کان انهيءَ (ڪورس) ۾ جملن جو چيد شامل ڪيو ويو آهي، جو نحو جو پاڱو آهي. مگر اهو تمام مختصر آهي ۽ نحو جا ڪي بہ قانون ڏسڻ ۾ نہ آيا آهن. علم نحو ۾ پيا ڪافي مضمون شامل آهن.... تنهنڪري ڪن دوستن جي صلاح سان مون عربي، فارسي ۽ انگريزي نحو جي گڏيل نموني تي هيءَ 'سنڌي نحو' جو ڪتاب لکيو آهي." (7)

هاڻي پڙهندڙ آساني سان اندازو لڳائي سگهن ٿا تہ اسان جي گرامر سان ماضيءَ ۾ اسان جي عالمن ڇا حشر ڪيو آهي! اهڙن اڌورن ڪتابن جي آڌار تي اسان جي ٻولي ڪهڙي ترقي ڪندي؟

خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ 21 فيبروري 2020ع تي سنڌي لئنگئيج اٿارٽي پاران ڪوٺايل هڪ پروگرام: "جديد دور ۾ سنڌي ٻوليءَ کي درپيش مسئلا" جنهن جي صدارت مانواري ميڊم ڊاڪٽر فهميده حسين ڪئي هئي ۽ خاص مهمان ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتي جي وزير محترم سائين سردار شاهہ هو. ان موقعي تي راقم پاران سندس ڌيان ڇڪايو ويو تہ جديد سنڌي گرامر ترتيب ڏيڻ جي اشد ضرورت آهي تہ محترم وزير صاحب وڏي

واڪي اعلان ڪيو هو تہ تمام جلد اهڙي رٿا سنڌي لئنگئيج اٿارٽي پاران جوڙي ويندي، جنهن ۾ ٻہ چار گرامر جا چاٽو ڪنيا ويندا ۽ ان پراجيڪٽ جي اڳواڻي سنڌي ٻولي، لغت ۽ گرامر جي ماهر ڊاڪٽر فهميده حسين ڪندي، جيڪا اٿارٽيءَ ڀاڱي ٿي اهڙن شاندار پراجيڪٽن تي ڪم ڪري چڪي آهي. سو اسان کي پر اُميد ٿي، گڏجي ڪوشش ڪري، اهڙين جامع رٿائن بابت حڪومتي ادارن تي زور پرڻ گهرجي، تہ جيئن اسان علم لغت، گرامر ۽ سنڌي لسانيات تي جديد انداز ۾ ٺيل تحقيق کان آگاهہ ٿي سگهون ۽ انهن جي روشنيءَ ۾ سنڌي ٻولي، گرامر تي جديد انداز ۾ ڪم ڪري سگهون، ۽ انهن کي پنهنجن بنيادن تي بيهاري سگهون.

حوالا:

(1) پرڙو رياضت ڊاڪٽر، "لغت نويسي بابت مضمون ۽ مقالا"، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 2018ع، ص_216.
(2) سائل سترامداس، پروفيسر "سائل ڪوش" ماڊرن پرنٽرس نرودا احمد آباد، سال 2004ع، ص،1_2.
(3) آڏواڻي ڀيرومل مهرچند، "گربخشاڻيءَ وارو شاهہ جو رسالو" سنڌ ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، سال 2018ع ص97
(4) الانا غلام علي ڊاڪٽر، 'سنڌي گرامر جا مسئلا'، نئين زندگي مئي 1966ع ص 25
(5) الانا غلام علي، ڊاڪٽر، "سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر" سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد 2010ع (ناشر پاران)
(6) آڏواڻي ڀيرومل مهرچند، 'وڏو سنڌي وياڪرڻ'_ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو ڇاپو ٻيو 1985ع ص ص 7_6
(7) بيگ مرزا قليچ شمس العلماءِ، 'سنڌي وياڪرڻ'_ ڇاپو ٽيون 2006ع، ص 138

# ببليو گرافي (Bibliography)

## سنڌي ڪتاب

(1) آڏواڻي ڪاڪو ڀيرومل مهرچند، "قديم سنڌ" سنڌي ادبي بورڊ 1980ع
(2) آڏواڻي ڀيرومل مهرچند_ 'وڏو سنڌي وياڪرڻ'_ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو ڇاپو ٻيو 1985ع
(3) آڏواڻي، ڀيرومل_ 'گربخشاڻي وارو شاهه جو رسالو'_ سنڌ ثقافت کاتو ڪاڇو پبليڪيشن 2018ع.
(4) ابڙو آفتاب ڊاڪٽر، "شاهه جي ٻولي" سنڌي ڪتاب گهر ڪراچي، 1990ع
(5) ابڙو آفتاب ڊاڪٽر، "شاهه لطيف عظيم مفڪر" سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي 1993ع.
(6) ابڙو آفتاب ڊاڪٽر، "سنڌو لکت_ تحقيقي جائزو" پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي، 2015ع
(7) ابڙو آفتاب ڊاڪٽر، "جامع لغات لطيف" (جلد پهريون) شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي 2018ع
(8) الانا غلام علي ڊاڪٽر، 'سنڌي گرامر جا مسئلا' _ نئين زندگي مئي 1966ع
(9) الانا، غلام علي ڊاڪٽر، "لغات سنڌي، مخففات"، مخدوم محمد زمان طالب المولي، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1991ع
(10) الانا غلام علي، ڊاڪٽر، "سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر" سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد 2010ع.
(11) بلوچ ڊاڪٽر نبي بخش خان "سنڌي لغت" لکپڙهه_ مهراڻ ڏهه ساله خاص نمبر سال 1965/4ع
(12) بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" (ڇاپو ٽيون) پاڪستان اسٽڊي سينٽر سنڌ يونيورسٽي 1990ع
(13) بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر "شاهه جو رسالو_جلد ڏهون رسالي جو

ڪلام“ علامہ قاضي تحقيقي رٿا. 1996ع
(14) بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ”سچل سارينديءَ (ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جا لکيل خط)“ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 2005ع
(15) بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر، ”جامع سنڌي لغات“ (جلد پهريون) سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 2007ع
(16) بيگ مرزا قليچ شمس العلماءَ ـ 'سنڌي وياڪرڻ' (ڇاپو ٽيون) سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 2006ع.
(17) ٻرڙو رياضت ڊاڪٽر، ”لغت نويسي بابت مضمون ۽ مقالا“، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 2018ع
(18) پرمانند ميوارام، سنڌي ـ انگريزي ڊڪشنري: مقدمو قيصر ہ پريس، حيدرآباد سنڌ (1910ع)
(19) پريم هدايت ڊاڪٽر ”اترادي ٻولي“ سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد ـ سنڌ. 1995ع
(20) رنگريز غلام حسين، 'فن تحرير جي تاريخ' (ترجمو) سنڌي لئنگئيج اٿارٽي 2016ع
(21) سائل سترامداس، پروفيسر ”سائل ڪوش“ ماڊرن پرنٽرس نرودا احمدآباد، سال 2004ع
(22) سراج ـ ”سنڌي ٻوليءَ جو اصل نسل“ سراج انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز (ڇاپو پهريون) 2016ع
(23) سمرات گنگارام 'اسان کي متان وساريو' سنڌي لئنگئيج اٿارٽي 1999ع
(24) سنڌيلو اسلم ڊاڪٽر ـ ”پريت جا پيچ“ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنڌيلو اڪيڊمي، پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي، 2019ع
(25) سنڌيلو عبدالڪريم ڊاڪٽر، ”ڀاڪن جي ڀاڙ“ اسلم پبليڪيشن لاڙڪاڻو 1966ع.
(26) سنڌيلو عبدالڪريم ڊاڪٽر ”تحقيق لغات سنڌي“ تاج محل پريس حيدرآباد (ڇاپو چوٿون) 1963ع

(27) سيد جي ايم "جنب گذاريم جن سين" جلد_2، سنڌي ادبي بورڊ_ 1979ع
(28) سيوهاڻي حڪيم فتح محمد: "آفتابِ ادب". (ڇاپو ٽيون) سنڌي ادبي بورڊ 1974ع
(29) شيخ ڀانهون خان "شاهه جو رسالو" جلد پٺو شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي 2012ع
(30) فهميده حسين، ڊاڪٽر "سنڌي ٻولي: مختلف لساني پهلو"، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد 2012ع
(31) گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ايم. اي_ (مقدمو) "رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو عرف 'شاهه جو رسالو'" جلد_1، 1923ع
(32) گربخشاڻي هوت چند، ڊاڪٽر "شاهه جو رسالو" 'مقدمو' ڪمشنر صاحب جو ڇاپخانو_ 1923ع
(33) گربخشاڻي هـ_م چند "شاهه جو رسالو"_ جلد2، ڪمشنر پريس، ڪراچي 1924ع
(34) گربخشاڻي هـ_م چند "شاهه جو رسالو"_ جلد 3، ڪمشنر پريس، ڪراچي 1924ع
(35) طاهرزادو ولي محمد "سنڌ جو لوڪ ثقافتي ورثو"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 2007ع.
(36) جتوئي علي نواز خان حاجن، "علم لسان ۽ سنڌي زبان" سنڌ پرنٽنگ پريس، حيدرآباد 1968ع
(37) جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر، "سنڌي ٻوليءَ جي ماهيت" سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد، 2007ع.
(38) جويو محمد ابراهيم "شاهه، سچل سامي" (ڇاپو ستون) روشني پبليڪيشن، 2017ع
(39) جيٽلي مرليڌر ڊاڪٽر "ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ" اکل ڀارتيه سنڌي ساهتيه، دهلي 1999ع
(40) هَڪڙو انور فگار ڊاڪٽر مرتب_ سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون I_ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي 2007ع

.60 Molvi Abdul Haq, *The Standard, English-Urdu Dictionary* Published by Anjuman Taraqi -e- Urdu Karachi, 2nd Edition, 1985.
.61 Naqvi, Saiyid Muhammad Dr. *Phonology of Urdu Language* Royal Book Company 1985.
.62 Stack, George, Captian, *A Grammar of Sindhi Language*, Sindhi Language Authority, 2011.
.63 Steingass, F Dr. *Persian-English Dictionary* Published by Sang e Meel, Publication, Lahore, 2000.
.64 William Bright, *International Encyclopedia of Linguistics -Vol-II*, Oxford University Press New York-1992.
.65 Watan Mal Lela Ram, *Life, Religion and Poetry of Shah Latif* 1st Ed. 1889, 2nd Ed. 1985.
.66 Zgusto, *Manual of Lexicography*, Academia Moulon 1971.

سنڌي ٻولي لغت نويسيءَ جي حساب سان شاهوڪار ٻولي آهي. 1853ع ۾، سنڌي ٻوليءَ لاءِ سنڌي رسم الخط رائج ٿيڻ سان ئي لغتن جي تياري ۽ اشاعت جو سلسلو شروع ٿيو. جيڪو هن وقت تائين هلندڙ آهي. سنڌي – سنڌي توڙي ٻه- ٻوليائي لغتن سان گڏ سنڌ ۾ ڪيترين ئي گهڻ موضوعاتي لغتون به ڇپيل آهن، جن جو تعداد سَون ۾ آهي. اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري به هن سلسلي ۾ وڏو ڪم ڪيو آهي. اداري لغتن کي ڪتابي صورتن ۾ ڇاپڻ سميت انهن جون 'اينڊرائيڊ ايپليڪيشنون' پڻ تيار ڪري 'پلي اسٽور' تي رکيون آهن، جن تان هزارين سنڌي ماڻهو فائدو وٺي رهيا آهن. هيءَ ڪتاب 'علم اللغت' سنڌيءَ ۾ لغت نويسيءَ تي پهريون ڪتاب آهي، ڇاڪاڻ ته هن کان اڳ هن موضوع تي ڪي مقالا ۽ مضمون ته ضرور ملن ٿا، پر هي پهريون پيرو آهي جو هن علم تي هيءَ باقاعدي ڪتاب ڇپجي پڌرو ٿي رهيو آهي.

ڊاڪٽر محمد علي مانجهي

چيئرمئن

9 789696 251866